# سنڌي ۽ عربي ٻولين جو لغوي ڳانڍاپو

ڊاڪٽر مدد علي قادري

سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي ۽ عربي ٻولين جو
# لغوي ڳانڍاپو

تحقيق ۽ تاليف

ڊاڪٽر مدد علي قادري

سنڌي لئنگويج اٿارٽي
حيدرآباد – سنڌ
2007ع

## ناشر پاران:

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران، سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ذخيري کي محفوظ ڪرڻ ۽ سنڌي ۽ عربي ٻولين جي لفظن ۽ اصطلاحن جي هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي واري موضوع کي آڏو رکندي هيءَ نئين تحقيق پيش ڪئي پئي وڃي. ڊاڪٽر مدد علي قادري، عربي ۽ سنڌي ٻولين جو ماهر آهي، جنهن اداري جي گذارش تي هن قسم جو هيءُ نهايت اهم ڪم مڪمل ڪري ڏنو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاري، واهپي ۽ ٻين ٻولين سان ڳانڍاپي جي سلسلي ۾ اهم دستاويز ثابت ٿيندو.

هڪ ٻوليءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ کان لفظ وٺڻ وارو اهڙو عمل فطري ٻه ٿئي ته سياسي، سماجي ۽ مذهبي پڻ. تنهن ڪري اهو چوڻ درست ٿيندو ته ايشيائي ملڪن ۾ عربي ٻوليءَ جو اُتي جي مقامي ٻولين تي اثر گهڻو ڪري مذهبي ۽ سياسي حوالي سان پيو آهي. ان کان علاوه الله تعاليٰ جي آخري ڪتاب قرآن شريف جو عربي ٻوليءَ ۾ هجڻ ٻه عربي ٻوليءَ جي مقبوليت جو اهم ڪارڻ آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي قادري صاحب سنڌي ۽ عربي ٻولين جي هڪ ٻئي تي اثر واري موضوع کي پڙهندڙن آڏو وڏي محنت سان پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون. جڏهن ته پبليڪيشن ۽ پراڊڪشن بيورو جي عملدارن ۽ ڪارڪنن ٻه ڪتاب جي تياريءَ ۾ وڏي محنت کان ڪم ورتو آهي، جنهن لاءِ ڪين شاباس هجي.

موضوع جي مناسبت سان ڊاڪٽر صاحب ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل عربي لفظ، ٻئي ڀاڱي ۾ عربيءَ مان سنڌي بڻيل لفظ ۽ ٽئين ڀاڱي ۾ سنڌي زبان مان عربي بڻيل لفظن کي پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻايو آهي، جنهن سان لفظن جي اصل نسل ۽ گهاڙيٽي جو پتو پوي ٿو. مون کي اميد آهي ته لسانيات سان دلچسپي رکندڙ عالم، استاد ۽ شاگرد هن ڪتاب مان ڀرپور لاڀ پرائيندا.

15 جون 2007ع

**عبدالقادر جوڻيجو**

چيئرمئن

# مهاڳ

نَحمده و نُصلي و نُسلم علي رسوله الڪريم.

الله تبارڪ و تعاليٰ جا لک لک شڪرانا جنهن هن عاجز ۽ هيچمندان کي توفيق بخشي، هن لائق بنايو جو هيءَ ناچيز ڪاوش علم جي دلدادن بالخصوص سنڌي / عربي جي شائقين آڏو پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهي.

هن پيش ڪش ۾ راقم الحروف ٻن عظيم ٻولين عربي ۽ سنڌيءَ جو گهرو مطالعو ڪري هن امر کي واضح ڪيو آهي ته هنن هڪ ٻئي کان زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪهڙا لفظ وٺي پنهنجي علمي دامن کي مالا مال ڪيو آهي.

اها اظهر من الشمس حقيقت آهي ته عربي، دنيا جي متمدن ٻولين مان هڪ جامع علمي ۽ ثقافتي ٻولي آهي ۽ دنيا جي ڪيترين ٻولين کي علمي سرمايو بخشي ام الالسنة (ٻولين جي ماءُ) جي لقب سان سرفراز ٿي آهي.

عربي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي فضيلت اها آهي ته الله جو آخري ۽ افضل ڪتاب قرآن مجيد هن ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. الله جي آخري نبي محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي مادري زبان عربي آهي، ان کان سواءِ عربيءَ ۾ ايڏي ته جاذبيت آهي جو هيءَ زبان قديم زماني کان ايشيا کنڊ جي ڪيترن ملڪن، عربستان، عراق، شام، لبنان ۽ يمن وغيره جي واحد زبان هئڻ سان گڏوگڏ افريقا کنڊ جي ڪيترن ئي ملڪن، مثلاً شام، مصر، سوڊان، لبيا، تيونس، مراڪش ۽ الجيريا جي مادري زبان آهي.

**عربي ٻولي جي وسعت:** امام شافعي رحه جو قول آهي ته عربي ايڏي ته جامع زبان آهي جو ان جو احاطو نبي ﷺ کانسواءِ ٻيو ڪو انسان نٿو ڪري سگهي.

لغت جي وڏي ماهر ابن دريد جو قول آهي ته عربي زبان ۾ ڪل لفظ 6 ڪروڙ 6 لک 59 هزار 4 سئو (60659400) آهن.

عربي زبان جي بي مثال وسعت جو ڪجهہ اندازو هن امر مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪ شيءِ جا بيشمار نالا آهن. هڪ مفهوم کي سوين عذانات ۽ الفاظ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو.

علماءِ لغت تير، تلوار، گهوڙي، اٺ، ٻڪري ۽ نانگ لفظن مان هر هڪ لاءِ بيشمار ۽ اڪيچار لفظ آهن.

سنڌي، قديم سنڌو ماٿريءَ جي واحد نمائنده ٻولي آهي. هيءَ ٻولي سنڌ کان علاوه هندستان ۾ ڪڇ ۽ مارواڙ، بلوچستان ۾ لس ٻيلي، سبي ۽ گنداواه ۽ پنجاب ۾ ملتان، مظفر ڳڙهہ، ليا ۽ ديري غازي خان ۾ بہ ڳالهائي وڃي ٿي.

**سنڌي ٻوليءَ جي وسعت:** سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا آهن ۽ لهجن ۾ هڪ شيءِ جا ڪيترائي لفظ ملندا. روزمره جي شين، پکين ۽ جانورن (گهرو يا جهنگلي) جا بيشمار نالا ملندا. سنڌ جي جيتن، بلائن جون ڪيترين ذاتيون آهن. وڻن، گاهن، ٻوٽن ۽ گلن ڦلن جا اڪيچار نالا ملن ٿا.

سنڌ جا ماهر پساري جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکرن جا هزارها قسم ڏسين ٿا. بشر بن عبدالوهاب الفزاري ۽ البيروني، سنڌ جي جڙين ٻوٽين متعلق بهترين معلومات ڏين ٿا. بقول ڊاڪٽر بلوچ، البيروني پنهنجي ڪتاب "الصيدنه" ۾ 75 کن جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا سنڌيءَ ۾ ڏنا آهن.

سنڌي ٻولي ۾ زراعت سان متعلق اوزارن جا بيشمار نالا ملن ٿا. ڪاسبين، لوهارن، واڍن، ڪورين ۽ ڪمانگرن وٽ ڪم ايندڙ آوزار ڳاڻاٽي کان ٻاهر آهن. سنڌي موسقي بہ بام عروج تي هئي. موسيقارن هن فن متعلق سازن جا بيشمار نالا فراهم ڪيا آهن.

ٻوليءَ جي وسعت جو اهڃاڻ اهو بہ آهي تہ هڪ شيءِ جا ڪيترائي نالا هجن. لهاذا اسان کي هڪ اٺ، گهوڙي، مڇي ۽ ڍڳي لاءِ بي شمار لفظ ملندا. **سنڌي ٻولي جي جامعيت:** رشيدار ۽ عزيزن لاءِ جدا جدا لفظن ڏيڻ ۾ اسان ڪيترين ٻولين کي قاصر ڏسون ٿا. مثلاً انگريزيءَ ۾ Uncle ۽ Aunt چئن

---

ملاحظہ ڪيو: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ص 85

رشتيدارن لاءِ هڪ لفظ طور استعمال ٿين ٿا. يعني Uncle چاچي، مامي، پُڦڙ ۽ ماسڙ لاءِ. جڏهن ته Aunt چاچيءَ، ماميءَ، پڦيءَ ۽ ماسي لاءِ استعمال ٿين ٿا. هن مرحلي تي اسان اهو ٻڌائيندي فخر محسوس ڪريون ٿا ته سنڌي ٻوليءَ عربي ٻوليءَ کان به جامع آهي. عربي ۾ چاچي کي چون "عَمّ" ۽ چاچيءَ لاءِ "زوجة العَمّ". ليڪن سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ "چاچيءَ" سان تعبير ڪن. عربيءَ ۾ "عمة" جي معنيٰ آهي "پُڦي" ۽ "پڦي" جي مڙس کي "زوج العمة". سنڌي ۾ هڪ لفظ پڦڙ استعمال ٿئي. عربيءَ ۾ "خال" جي معني آهي مامو ۽ ماميءَ لاءِ "زوجة الخال" استعمال ٿئي ٿو ليڪن سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ ماميءَ سان تعبير ڪن. عربيءَ ۾ "خالة" جي معنيٰ آهي ماسي، ۽ ماسيءَ جي مڙس کي عربي ۾ چون "زوج الخالة". ليڪن سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ ماسڙ سان تعبير ڪن. عربيءَ ۾ ڏاڏي ۽ ناني ٻنهي لاءِ هڪ لفظ "جَدّ" استعمال ٿيندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل عربي لفظن جو غائر مطالعو واضح ڪري ٿو ته ڪيترا عربي لفظ پنهنجي اصلوڪي هيئت (بناوت) ۾ آيا آهن، جن کي علمي اصطلاح ۾ "دخيل" سڏجي ٿو ۽ ڪي لفظ گهڻي وقت گذرڻ سان زماني جي تبديلي ڪري پنهنجي اصلوڪي هيئت/ صورت ڦيرائي، سنڌي زبان سان لٽ ملٽ ٿي ويا آهن. اهڙن لفظن کي علمي اصطلاح ۾ مسند(سنڌي ٿيل)چئجي ٿو. راقم الحروف پنهنجي هن ڪاوش کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي.

1. **سنڌيءَ ۾ آيل عربي (دخيل) الفاظ.**
2. **عربيءَ مان سنڌي ٿيل (مسنّد) الفاظ.**
3. **سنڌي ٻوليءَ مان عربي ٿيل (معرّب) الفاظ.**

ذڪر ڪيل ڪاوش جي پهرئين حصي ۾ راقم الحروف سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل عربي لفظن جي ذاتن/ مادن جو عربي زبان جي مستند لغتن حتيٰ ڪه قرآن مجيد ۽ احاديث مبارڪ جي لغات ۽ تفاسير جو دقت نظريءَ سان مطالعو ڪري

انهن لفظن جو صحيح مقام ۽ صحيح معنائن جو بار پنهنجي نازڪ ڪلهن تي ڪنيو آهي.

پيش ڪش جي ٻئي ڀاڱي يعني عربيءَ مان ٺهيل سنڌي(مسنّد الفاظ) ۾ راقم الحروف علماءِ متقدمين جي ڪاوشن ۽ محنتن جو گهرو مطالعو ڪري، اهڙا اڪيچار لفظ آڻي، سنڌي زبان جي علمي دائري کي وسيع ۽ سندس قدر و قيمت ۾ خاطر خواه اضافو ڪيو آهي.

ٽئين ڀاڱي ۾ سنڌي زبان مان ٺهيل عربي(معرّب) الفاظ کي مرتب ڪيو ويو آهي. هن امر ۾ فدوي، معرّبات جي چوٽيءَ جي ڪتابن مثلاً:

1. المعرّب، از موهوب الجواليقي.
2. شفاء الغليل، از شهاب الدين الخفاجي.
3. الالفاظ المعرّبة، از ادي شير.
4. فرهنگ رشيدي، از علامہ عبدالرشيد الحسني النقوي.

جو غائر مطالعو ڪري سنڌي زبان مان ٺهيل عربي لفظ مرتب ڪري واضح ڪيو اٿم تہ سنڌي ٻولي، عربي ٻوليءَ کي بيش بها لغوي، علمي ۽ ثقافتي سرمايو ڏنو آهي.

## شڪريہ ادائي

هن علمي ۽ ادبي خدمت جي سر انجاميءَ ۾ آءٌ دل جي گهراين سان سڀ کان اول شڪريو مڃان ٿو سنڌ جي عظيم محسن ۽ شهره آفاق محقق عالي جناب فضيلت ماب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو، جنهن راقم الحروف ۾ فن لغت تي تحقيق ۽ تدوين جو شعور پيدا ڪيو. 1961ع ۾ راقم الحروف چنائيٽي ڪري لنڊن يونيورسٽيءَ مان عربي ۾ Ph.D حاصل ڪرڻ لاءِ ڪامن ويلٿ اسڪالرشپ ڪٺي. پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ امام صاغاني رحہ جي لغوي ڪارنامن تي تحقيق ڪرڻ جو زرين مشورو ڏنائون جو منهنجي گائيڊ آنجهاني پروفيسر سارجنٽ قبول ڪيو. 1964ع ۾ پاڻ لنڊن تشريف فرما ٿيا هئا، فدوي ان وقت

ٿيسز جي مقدمي لکڻ ۾ مصروف هو. ازراهِ ڪرم مقدمي تحرير ڪرڻ ۾ گرانقدر مشورا ڏنائون.

2. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي نامور محقق پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، سابق چيئرمئن سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۽ موجوده ڊين فيڪلٽي آف آرٽس جو آءُ نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن جي اياءُ ڪاريءَ ۾ هيءُ ڪم هٿن ۾ کڻڻ لاءِ منظور ٿيو.

فدوي هيءُ ڪم دراصل ڊسمبر 2004ع ۾ پورو ڪري اٿارٽي جيءَ حوالي ڪيو هو، ليڪن جناب ڊاڪٽر ٻگهيو، پنهنجو عرصو پورو ڪري واپس سنڌ يونيورسٽي ويا. خدا شال ڪيس پنهنجي علمي عزائم ۾ ڪامياب ڪري ۽ مادر علميءَ جو نالو درخشان ٿئي، آمين.

3. آءُ ازحد احسانمند آهيان پنهنجي عزيز دوست، ماية ناز اديب ۽ ڪهاڻيڪار محترم جناب عبدالقادر جوڻيجي جو، جو مخلص دوستن ۽ گهڻگهرن جي دعائن سان سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي چيئرمئن جي عهدي تي فائز ٿيو آهي. سندس آمد فدويءَ لاءِ نيڪ فال ثابت ٿي ۽ هن ناچيز ڪاوش جي ڪمپوزنگ ۽ پرنٽنگ جو ڪم هٿن ۾ ڪنيو ويو. قوي اميد اٿم ته سنڌي لئنگويج اٿارٽي علم و ادب جا انمول ڪتاب ڇپائي علمي دنيا ۾ وڏو مقام حاصل ڪندي. آمين.

4. محترم و مڪرم جناب امين محمد لغاري، ڊائريڪٽر پبليڪيشن جو احسانمند آهيان، جن هن ڪم جي تڪميل ۾ پنهنجي ماهرانه مدد ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪئي.

5. عزيزم خالد آزاد وگهئي، پبليڪيشن آفيسر ۽ سندس معاون خان محمد جروار جو به خصوصي طور ٿورائتو آهيان، جن اشاعتي ڪم کي احسن طريقي سان مڪمل ڪرڻ ۾ دل و جان سان ڪوشان رهيا. اميد آهي ته اٿارٽي سندن

ڪوششن جي بدولت معياري ڪتابن جي نشر و اشاعت ڪري علمي ادبي دنيا ۾ اعليٰ مقام پيدا ڪندي.

6. مسٽر محمد رمضان ڪمپيوٽر آپريٽر جنهن هن مسودي جي ڪمپوزنگ جا فرائض سر انجام ڏنا، ان جو بي بيحد شڪرگذار آهيان. اها سندس فني هوشياري ۽ هنرمندي هئي جو هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ ۾ ڪارآمد رهي.

**التماس**

علمي ۽ ادبي دنيا ۾ پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان هيءَ پهرين ڪوشش آهي، جنهن ۾ فدوي طرفان پر خلوص ڪوشش سان صحيح معلومات فراهم ڪئي وئي آهي. تاهم انسان خطائن جو پتلو آهي. ڪٿي ڪي نه ڪي راقم کان علمي غلطيون سرزد ٿيون هونديون. جن لاءِ قارئين حضرات کي گذارش آهي ته مهرباني فرمائي اهڙين لغزشن کان مطلع ڪرڻ فرمائين. جي خوشيءَ سان قبول ڪري ٻئي ڇاپي ۾ صحيح ڪيون وينديون.

خادم العلماء

**پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي قادري**

سابق ڊين فئڪلٽي آف آرٽس،

يونيورسٽي آف سنڌ

# سنڌي زبان ۾
# آيل عربي لفظ

## الف

- **أَبُ:** (و): پيءُ.
- **آباءُ:** (ج) پيُرَ، ابا، ڏاڏا.
- **أبُو:** پيءَ، نالي جي اڳيان اچي ڪنيت پيدا ڪندڙ لفظ مثلاً: ابوبڪر، ابوالحسن.
- **ابو البشر:** انسان ذات جو پيءُ حضرت آدم عليه السلام.
- **آخِرت:** پڇاڙي، ٻيو جهان.
- **آدَم :** پهريون ماڻهو جنهن کان انسان ذات جي شروعات ٿي.
- **آدَميت:** انسانيت، ماڻهپو.
- **آفت:** (و) مصيبت.
- **آفات:** (ج) مصيبتون.
- **آفاتُ آرضي:** زمين جون مُصيبتون.
- **آفات سماوي:** آسماني مصيبتون.
- **افق:** (و) جد نظر جتي زمين ۽ آسمان اچي ملن.
- **آفاق:** (ج) اُڀ.
- **آل:** اولاد، نسل.
- **آلِ رسول ﷺ :** نبي اڪرم ﷺ جو اولاد، حضرت بي بي فاطمة رضہ جي بطن مبارڪ مان.
- **آلت:** (و) اوزارُ، هٿيار.
- **آلات:** (ج) اوزار، هٿيار.
- **امر:** حڪم، بادشاهي، قضا.
- **امير:** (و) حاڪم، سردار، اڳواڻ.
- **اُمَراءُ:** (ج) امراء.
- **اميرالبحر:** بحري فوج جو وڏو عملدار.
- **اميرالمؤمنين:** مسلمانن جو حاڪم.
- **آمِر:** حاڪم، ڊڪٽيٽر.
- **آمريت:** ڏاڍ ۽ ظلم جي حڪومت.
- **آمَنا و صَدَقنا:** اسان ايمان آندو ۽ اسان سچ ڄاتو.
- **آمنه :** نبي اڪرم ﷺ جي والده جو نالو.
- **آمين:** شال ائين ٿئي.
- **آنا فَاناً:** بروقت، اتي جو اتي.
- **ابابيل:** اسم جمع آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ولر/ وَڳَرَ، قطارون، فوجون، ڪَٽڪ. غلط العوام ۾ هن جي معنيٰ پکيءَ جو قسم آهي. قرآن مجيد جي سورة الفيل ۾ ابابيل جي معنيٰ مفسرين ڪرام بہ سنڌيءَ ۾ ولر، اردو ۾ جُهنڊ ۽ انگريزيءَ ۾ Swarms ڏني آهي. مستشرقين جيئن تہ قرآن مجيد کي الهامي ڪتاب نٿا مڃين، انهن هن لفظ جي معنيٰ هڪ ننڍو پکي (Swallow) ڏني آهي. هڪ

مستشرق Staingass ته پنهنجي گندي ذهنيت جو مظاهرو ڪندي معنيٰ ڏني آهي. Fabulous bird (هڪ افسانوي پکي).

- **ابتدا:** شروعات.
- **ابتر:** (بَتَر: ڪٽي ڇڏڻ) بي اولاد.
- **ابجد:** ڳاٽاڻي جي ترتيب موجب عربي الف بي مان ٺهيل اٺ لفظ (ابجد، هوز، حطي، ڪلمن وغيره).
- **ابد:** اهو وقت جنهن جي شروعات معلوم نه هجي، ازلي، قديم، هميشه رهندڙ.
- **اَبَدي:** اول کان قائم رهندڙ.
- **اَبَداً:** هميشه لاءِ، هرگز نه.
- **ابدَاعُ:** (بدع: نئين ڳالهه) نئين ڳالهه پيدا ڪرڻ.
- **اَبدَال:** خدا جي محبت ۾ دنيا کان پري رهندڙ، مستانو فقير.
- **اِبر:** سُئي.
- **اِبرَاهيم:** هڪ عظيم پيغمبر جو نالو.
- **ابرق:** هڪ قسم جي معدني پيدائش.
- **اَبلَق:** اڇي ڪاري/ اڇي ڳاڙهي رنگ جو چٽن وارو گهوڙو.
- **اِبلاغ:** (بلغ: پهچڻ) پهچائڻ.
- **اَبلَه:** (بله: بيوقوفي) بيوقوف.
- **ابليس:** (بَلَسَ: خدا جي رحمت کان مايوس ٿيڻ) شيطان.
- **ابن:** (و): پٽ.
- **أبناء:** (ج) پٽَ.
- **ابنُ البَلَد:** شهري.
- **ابنُ السبيل:** مسافر.
- **ابن الوقت:** موقعه پرست، خود غرض.
- **اِبهَام:** شڪ، گمان.
- **أبهَمُ:** بي سمجهه (ٻار) نادان، معصوم.
- **أبيَات:** بيت جو جمع، بيت، شعر.
- **أبيضُ:** (بياض: سفيدي) اڇو.
- **اتبَاعُ:** (تبع) پيروي.
- **اتحاد:** (وحدت) ايڪو، ٻڌي.
- **اتصالُ:** ڳانڍاپو، ميلاپ.
- **اتفاق:** ٻڌي، ايڪو.
- **اتفاقاً:** اتفاقي، اوچتو.
- **أثاث (ج):** ٿپڙ، فرنيچر.
- **اِثباتُ:** ثابتي، شاهدي.
- **اثر:** تاثير، نتيجو، رد عمل، نشان، (ج) آثار.
- **اِثنا عشري:** 12 امامن کي مڃيندڙ شيعن جو هڪ فرقو.
- **اِجَابَةَ:** منظوري، قبوليت، پاخانو اچڻ.
- **اِجازةَ:** موڪل، منظوري، هدو (مرشد يا استاد کان مليل).

• اجتمَاعُ: ميڙ، مجموعو، جماعت، ميٽنگ.
• اجتمَاعي:جماعت سان تعلق رکندڙ.
• اجتناب: پاسو ڪرڻ، پرهيز ڪرڻ، پري رهڻ.
• اجتهاد:ڪوشش،حديث مان پنهنجي علم موجب فقه جو ڪو نئون نڪتو پيدا ڪرڻ.
• اجر: عيوض، ڦل، اجورو.
• اجرت: محنتاڻو، مزوري.
• آجر: اجرت تي ڪم وٺندڙ.
• آجير: مزور، پورهيت.
• اجراءُ: جاري ڪرڻ، بجاوري.
• أجرام: (جرم جو جمع) سيارا، گرهه.
• اجل: مقرر ٿيل وقت، قضا، موت.
• اجلاس: ميٽنگ، جلسو.
• اجماع: اتفاق راءِ.
• اجمَال: اختصار، مختصر بيان.
• أجنَبي: پرڏيهي، پرديسي.
• أجنَبيةَ: ڌاريائي بيگانگي.
• احاطَہ: پاهرين ديوار، حاطو.
• أحتجَاج: سخت اعتراض، مظاهرو.
• احتراز: پرهيز، پاسو ڪرڻ.
• احترامُ: عزت، مان.
• احتسابُ: حساب ڪتاب، ليکو، چوکو، چڪاس.
• احتشَام: حشمت، دٻدٻو، رعب.
• احتلام: خواب ۾ ترُ پوڻ.
• احتمَال: ڪنهن بہ ڳالهہ تي پوڻ جو انديشو، امڪان.
• احتياطُ: سنڀال، بچاءُ، خبرداري.
• أحَدُ: اڪيلو، خدا تعالىٰ جو صفاتي نالو.
• أحدي: سپاهي، جنگجو.
• أحَديةَ: هيڪڙائي.
• احرامُ:ڪپڙي جا ٻہ اڻ سبيل ٽڪرا، جنهن سان عمري وقت ڳوڏ ٻڌجي ۽ ڪلهن کي ڍڪجي.
• احساسُ: شعوري ڪيفيت.
• احسَانُ: ٿورو، مهرباني.
• احسَانات: (ج) ٻلايون.
• أحسَنُ: وڌيڪ چڱو، سهڻو.
• أحقَر: ڪمترين.
• أحكامُ:(حڪم جو جمع) حڪم، امر.
• احكم الحاكمين: سڀني حاڪمن جو حاڪم.
• احمد:سڀني کان گهڻي عبادت ڪندڙ، سڀني کان گهڻو حمد چوندڙ، نبي اڪرم ﷺ جو ازلي نالو.
• أحمَرُ: ڳاڙهو.
• أحمَقُ: بي عقل، مورک.

- أحَوالُ: حال جو جمع.
- اِحيَاءُ: زنده ڪرڻ.
- أخبَارُ:(خبر جو جمع)خبرن جو پرچو.
- اُختُ: ڀيڻ.
- اِختراعُ:ڪنهن نئين شيءِ جو ايجاد.
- اِختصارُ:وڏي بيان کي مختصر ڪري پيش ڪرڻ.
- اِختلافُ: مخالفت، ابتڙ راءِ، ڦوٽ.
- اِختلافات: اختلاف جو جمع.
- اِختلال: خلل، خرابي.
- اِختيارُ: زور، مرضي.
- اِختياري: پنهنجي مرضي، حڪم.
- أخَذ: اقتباس، چونڊ.
- اِخراجُ: ٻاهر ڪڍڻ، نيڪالي ڏيڻ.
- اِخراجات: خرچ پکا.
- اِخلاصُ: خلوص، سچائي.
- أخلاقُ: (خلق جو جمع) چڱا لڇڻ، سٺيون عادتون.
- أخُ: (و) ڀاءُ.
- اُختُ: ڀيڻ.
- اُخوة: برادري ڀائپي.
- أخيرُ: پويون پڇاڙيءَ وارو، پڇاڙي.
- اداءُ: بجا آوري، پورائي.
- آداب: (ج) نثر ۽ نظم جملي علمن جو علم.
- أدب :(و) خلق،تهذيب،مروت،لحاظ.
- اُدَباءُ: (اديب جو جمع) علم ادب جا ڄاڻو يا ماهر اديب.
- ادراڪُ: عقل، فهم.
- اِدغَام: ٻن حرفن کي شد سان گڏي، هڪ ڪري اچارڻ.
- ادغيتة: دغا جو جمع.
- أدنيٰ: گهٽ، ڪريل، حقير.
- أدوَارُ: (دور جو جمع) ڦيرا، زمانا.
- أدويہ: (دوا جو جمع) دوائون.
- اديَان: (دين جو جمع) مذهب.
- اذان: بانگ، ٻانگ، نماز لاءِ سڏ.
- اِذن: اجازت موڪل.
- اَرادت: ارادو، ڪهر، خواهش، عقيدو.
- اراڪين: رڪن جو جمع: ميمبر.
- أربابُ:(رب جو جمع)حاڪمَ، مالڪ، صاحبان.
- اربعاء : هفتي جو چوٿون ڏينهن، ٻڌر.
- ارتعاش: عضون ۾ ڏڪڻي.
- ارتقاء : ترقي چاڙهو، سڌارو.
- ارتڪابُ: ڏوهي ٿيڻ.
- أرضُ: ڀونءِ، زمين.
- ارضي: ڌرتيءَ جو.
- ارغوان: ڳاڙها ۽ سهڻا گل جهليندڙ هڪ قسم جو وڻ.
- ارفع: نهايت بلند، مٿاهون.
- ارڪان:(رڪن جو جمع)ٿنڀا، حڪومت، اداري يا جماعت جا بنيادي ميمبر.

- اِرَمَ: شداد بن عاد جو ٺهرايل بهشت ارضي، بهشت، عاد قوم جو جد اعليٰ، قوم عاد جو شهر/ علائقو.
- ارواحَ: روح جو جمع.
- اِزار: چادر، ته بند_ گوڏ، سٿڻ شلوار، پاجامو.
- ازالو: نقصان جي پورائي.
- ازل: دنيا جي پيدائش جو پهريون ڏينهن، تخليق جي شروعات.
- ازلي: اصل کان وٺي.
- ازواج: (زوجه جو جمع) زالون، گهرواريون.
- ازواج مطهرات: نبي اڪرم ﷺ جا حرم.
- استاذ: استاد، معلم، چالاڪ، هوشيار.
- اساتذه: استاد جو جمع.
- اساس: پيڙهه، بنياد.
- اسباب: (سبب جو جمع) سبب سامان سڙو ٽپڙ.
- استبداد: ڏاڍ، ظلم.
- استحسان: پسنديدگي، تعريف جهڙو ڪم.
- اِستحقاق: لياقت، حق.
- استحڪام: مضبوطي، پختگي.
- استخاره: خدا کان دُعا جي ذريعي خير جي طلب، فال.
- استدعا: عرض، التجا، گذارش.
- استدلال: دليل، حجت.
- استراحت: فرحت آرام.
- استطاعت: طاقت، سگهه، پڄندي.
- استعاره: اها تشبيهه جنهن ۾ لفظ جهڙو جيئن ۽ جيان ڪم نہ آڻجن (هو شينهن آهي، شينهن جهڙو بهادر آهي)
- استعجاب: عجب، حيرت.
- استعداد: لياقت، قابليت.
- استعفا: ملازمت ڇڏڻ لاءِ درخواست ڏيڻ.
- استعمال: عمل ۾ آڻڻ، عمل، تجربو.
- استغاث: فرياد، مقدمہ
- استغراق: خيال يا فڪر ۾ ٻڏي، الله جي يادگيريءَ ۾ محويت.
- استغفار: گناهن جي بخشش لاءِ دعا، گهر.
- استغناء: تونگري، شاهوڪاري، بي نيازي.
- استفسار: پڇا ڳاڇا، حقيقت جي جاچ لهڻ.
- استقامة: مضبوطي، پختائي، ثابت قدمي.
- اسرافيل: هڪ فرشتي جو نالو.
- اسرائيل: ملڪ يا قوم اسرائيل.
- استقبال: آجيان لاءِ ڪجهه قدم اڳتي

وڌڻ، آڏ ڀاءُ، ايندڙ زمانو.

- استقلال:مضبوطيءَ سان هڪ ڳالهه تي بيهڻ، ثابت قدمي.
- استمراري:دائمي،رهندڙ،جاري رهندڙ.
- استنجاء: طهارت.
- اسد: شينهن.
- اسدالله:خدا جو شينهن،حضرت علي رضہ جو لقب.
- اسرار:(سر جو جمع) ڳجهيون ڳالهيون عجائب،حيران ڪندڙ عمل.
- اسراف:اجايو استعمال،فضول خرچي.
- اسلام: دين فطرت
- اِسلامي: اسلام جو.
- أسلِحة: (اسلح جو جمع) هٿيار.
- اُسلوب: ڍنگ، طريقو، نمونو.
- اسم: (واحد) نالو.
- اسماء: (ج)نالا.
- اسم تصغير: ننڍڙائي، ٿورڙائي ڏيکاريندڙ لفظ.
- اسم حاليه: فعل جي اصلي صورت جيڪا هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاري.
- اسم خاص:ڪنهن جاندار يا بي جان شيءِ جو خاص نالو.
- اسم عام: هڪ قسم جي سيني جنسن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ.
- اسم ذات:ڪنهن شيءِ جو ذاتي گڻ ڏيکاريندڙ لفظ مثلاً نيڪي پلائي.
- اسم فاعل: جملي ۾ ڪم ڪندڙ جي لاءِ ڪم آيل لفظ.
- اسم مفعول: ٿيل ڪم جي خبر ڏيندڙ لفظ: جيئن لکيل، پڙهيل.
- اسماء حسنيٰ:ڌڻي پاڪ جا 99 صفاتي نالا.
- اسناد:(سند جو جمع)ثابتيون سندون دستاويز.
- اُسوة: نمونو مثال.
- أسوَدُ: ڪارو.
- اشارة: اشارو، اهڃاڻ.
- اشارو:(اشارة) هٿ يا اک سان ڏسڻ، اهڃاڻ،رمز اشاعت،پڌرائي، مشهوري، ڇاپو (اخبار وغيره جو).
- اشتراڪ: شراڪت ڀائيواري، حصو
- اشتراڪية:حڪومت جو اهو طريقو جنهن ۾ ملڪ جي سيني ماڻهن جو هڪ جيترو حصو هجي.
- اشتعال: جوش، ڀڙڪو.
- اشتقاق: لفظ مان ڪڍيل بنيادي ڌاتو.
- اشتها: خواهش، طلب (کائڻ جي).
- اشتهار: اعلان پڌرنامو.
- اشتياق: شوق چاهہ، سڪ.

- **اشخاص:** (شخص جو جمع) گهڻا ماڻهو، ڄڻا.
- **اشد:**(شديد جي صفت اسم تفضيل) وڌيڪ سخت.
- **اشرافُ:** شريف انسان نيڪ مرد
- **اِشراق:** سج اڀرڻ کان ويهه منٽ پوءِ نفلي نماز.
- **اشرف المخلوقات:**وڌيڪ شريف،سڀني مخلوقن کان پلو (انسان ذات).
- **اشرفي:** هڪ سونو سڪو، مهر، هڪ قسم جو گل.
- **اشعار:** (شعر جو جمع) نظم.
- **اشفاق:** (شفيق جو جمع) مهربان.
- **اشهد:**شهادت جي ڪلمي جو پهريون لفظ. شهادت جو ڪلمو.
- **اشياء :** (شيءِ جو جمع) شيون.
- **اصحاب:**(صاحب جو جمع)نبي اڪرم ﷺ جا صحبتي، دوست، سنگتي.
- **اصرار:** ڪنهن ڳالهه تي گهڻو زور، تاڪيد.
- **اصطلاح:** ڪنهن ڌنڌي يا فن جو لفظ، محاورو، ورجيس.
- **اصطلاحي:** محاوري وارو.
- **اصغر:** وڌيڪ ننڍو، سڀ کان ننڍو.
- **اصل:**پاڙ،بنياد،پيڙهه،حقيقي خالص، رنج، سچو پچو، (ظ) شروع کان، هرگز.
- **اصلا:** اصل ۾.
- **اصلاح:** دُرستي، سڌارو.
- **اصلاحات:** (ج) سڌارا.
- **اصلي:** بنيادي ، فطري.
- **اصول:**( ج اصل) بنياد، پاڙون، قاعدا.
- **اصيل:**سٺي خاندان وارو شريف، اصل نسل وارو، ٻڌائتو.
- **اضافت:**نسبت، لاڳاپو،گرامر ۾ اسمن وچ ۾ مالڪي ڏيکاريندڙ حالت.
- **اضافو:** واڌارو، ترقي.
- **اضافي:** نسبتي، وڌيڪ.
- **اضحيٰ:** (ج ا ضحية) قربانيون، عيدالاضحيٰ، قربانيءَ واري عيد.
- **اضطراب:**پريشاني،بيقراري،ڦٿڪو.
- **اطراف:**(طرف جو جمع)طرفَ ڏسيندڙ.
- **اطفال:** (طفل جو جمع) ٻارَ.
- **اطلاع:** خبر، اعلان، چتاءُ، ڄاڻ.
- **اطلاق:** لاڳاپو.
- **اطلس:** ريشمي ڪپڙو.
- **اطمينان:** تسلي، خاطري.
- **اطوار:** (طور جو جمع) طريقا، ڍنگ، دستور، آداب
- **اظهار:**ظاهر ڪرڻ،بيان ڪرڻ،اعلان ڪرڻ.

- **أظهر:** ظاهر جو اسم تفصيل، مبالغو، وڏيڪ ظاهر، وڏيڪ چٽو، روشن.
- **اظهر من الشمس:** سج کان وڌيڪ پڌرو، چٽو، روشن.
- **اعانت:** مدد، واهر.
- **اعتبار:** ڀروسو، ويساهه، يقين.
- **اعتدال:** وچٿرائي.
- **اعتراض:** اختلاف، مخالفت.
- **اعتراف:** قبوليت، اقرار، ڏوهه، مڃڻ.
- **اعتقاد:** ويساهه، ايمان، اعتبار، عقيدو.
- **اعتڪاف:** گوشه نشيني، رمضان شريف جي آخري ڏهي ۾ عبادت لاءِ گوشه نشيني.
- **اعتماد:** ڀروسو، يقين، اعتبار.
- **اعجاز:** معجزو
- **اعداء:** (عَدوُ جو جمع) دشمن.
- **اعداد:** (عدد جو جمع) انگ، عددَ.
- **اعراب:** اکر کي چورينڌڙ نشاني (زبر، زير، پيش).
- **اعرابي:** عربستان جي ٻهراڙيءَ جو رهاڪو، بدوي، خانه بدوش.
- **اعزاء:** (عزيز جو جمع) پيارا، مائٽ مٽ، دوست.
- **اعزاز:** مان، مرتبو.
- **اعزازي:** بنا اجوري مفت ڪم ڪندڙ.
- **اعشاري:** ڏهين حصي وارو، ڏهائي.
- **اعصاب:** (عصب جو جمع) مشڪون.
- **اعضاء:** (عُضوو جو جمع) عضوا، جسم جا چار حصا.
- **اعظم:** سڀ کان وڏو.
- **اعليٰ:** تمام مٿانهون، اوچو.
- **اعلان:** اطلاع، ڄاڻ، پڌرائي.
- **اعمال:** (عمل جو جمع) ڪمَ، عملَ.
- **اغراض:** (غرض جو جمع) مطلبَ، مرادون.
- **اِغماز:** اکين يا ڀرن جو اشارو
- **اغطر:** چشم پوشي.
- **اِغوا:** لالچائڻ، ڀڄائڻ، زوري ڪڍي وڃڻ.
- **آغيار:** (غير جو جمع) ڌاريا، اجنبي
- **اُف:** ڪاوڙ مان جهڙڪو.
- **افاديت:** فائدو، نفعو.
- **افاقہ:** بيماريءَ جو گهٽ ٿيڻ روبصحت ٿيڻ.
- **افتتاح:** باضابط، آغاز، ڪم شروع ڪرڻ جي رسم.
- **افتخار:** فخر، ناز، وڏائي.
- **افراد:** (فرد جو جمع) ڄڻا، ماڻهو.
- **افضل:** سيني کان ڀلو، سڀ کان فضيلت وارو.
- **افطار:** روزو کولڻ.
- **افعال:** (فعل جو جمع) ڪمَ، لڇڻَ.

• **افق:** زمين و آسمان گڏ ڏسجڻ واري حالت، حد نظر.
• **افڪار:** (فڪر جو جمع) خيالَ.
• **افلاس:** سڃائي، تنگدستي.
• **افلاطون:** يونان جو مشهور فلسفي.
• **اِفلاڪ:** (فلڪ جو جمع) آسمان.
• **اَفواج:**(فوج جو جمع)فوجون، لشڪر.
• **اَفواه:**(فوهه جو جمع)هل،ڌپ، حيرت واري بي بنياد ڳالهه.
• **اقارب:**(قريب جو جمع)ويجها مائٽ
• **اقامت:** ٽڪڻ، رهڻ، نماز لاءِ بيهڻ، نماز لاءِ تڪبير چوڻ.
• **اقبال:** عزت، مان عروج، بخت.
• **اقتباس:** چونڊ تصنيف ۾ ٻئي جي لکيت جو ورتل ڪجهه ٽڪرو.
• **اقتدار:** طاقت، قوت، مرتبو.
• **اقتصادي:** معاشي مالي
• **اقتصاديات:** ناڻي جي پيداوار ۽ ان جي ورهاست جو علم.
• **اَقدارَ:** (قدر جو جمع) قدرَ مُلهه، خصوصيتون.
• **اقدام:** (قدم جو جمع) قدم، اپاءُ، ذريعا.
• **اقربا:**(قريب جو جمع) مٽ مائٽ عزيز قريبَ.
• **اقسام:**(قِسم جو جمع)نمونا، جنسون.
• **اقليت:** ٿورڙائي.
• **اقليم:** ولايت ملڪ.
• **اقوام:** (قوم جو جمع) قومون، فرقا.
• **اڪابر:** (اڪبر جو جمع) وڏو ماڻهو، داناءُ سياڻو.
• **اڪبر:** سڀ کان وڏو، الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.
• **اڪتفاء:** ڪفايت، قناعت، پورت.
• **اڪثر:**وڌيڪ،زيادهه،گهڻو ڪري، عموماً.
• **اڪسير:** ٽامي کي سون بنائيندڙ شيءِ هڪ ٽڪ دوا.
• **اِلا:** کان سواءِ، سواءِ، ڌاران.
• **الامان:** خاص پناهه.
• **اِلـٰهَ:** خدا، معبود.
• **الله:** خدا جو ذاتي نالو، هڪ خدا.
• **الله اڪبر:** تڪبير جو ڪلمو.
• **الاهيات:** ڌڻي جي ذات ۽ صفات جو علم.
• **البت:** ڪي قدر، ڪنهن حد تائين.
• **التجا:** منٿ، عرض گذارش.
• **التحيات:** نماز ۾ هڪ دعا.
• **التماس:** عرض، التجا.
• **التوا:**ڪنهن ڪم کي ٻئي وقت تائين ترسائڻ جو عمل.
• **اِلحاد:** دين کان ڦرڻ، لاديني، ڪفر جو عمل.

- **الحاق:** ڳانڍاپو، لاڳاپو.
- **الحال:** هاڻي، هينئر.
- **الحان:** (لحن جو جمع) سٺو آواز.
- **اِلحان:** (لحن جو مصدر) سٺو آواز، سر.
- **الحذَر:** بچ ،پاسو ڪر، هوشيار.
- **الحق:** سچ پچ در حقيقت.
- **اَلحَمد:** خاص تعريف، قرآن مجيد جي پهرين سورة.
- **الحَمدلله:** خاص تعريف خدا کي جڳائي خدا جي مهرباني
- **اِلخ:**(اِلي آخره جو مخفف) آخر تائين اهڙيءَ طرح آخر.
- **اِلزام:** تهمت بهتان ذميداري.
- **اَلستُ:** ڇا مان نہ آهيان؟.
- **اَلستُ بربڪم:** ڇا مان اوهان جو رب نہ آهيان.ازل واري ڏينهن خدا تعالیٰ جو ارواحن کان سوال.
- **السلام عليڪم:** وهان تي سلامتي هجي.
- **الغرض:** حاصل مطلب بي پرواهہ.
- **الف:** الف_ بي جو پهريون حرف اکھاڙو.
- **الفاظ:** لفظ جو جمع)لفظ ٻول گفتا.
- **الفة:**پيار،محبت،انس،دوستي،پريت .
- **اَلفِي:** ٻانهن کان سواءِ ڏگھو پهراڻ ڪفني.
- **اَلقاب:**(لقب جو جمع)اعزازي خطاب.
- **اِلقاء:** اندر جو آواز، الهام.
- **القصة:** حاصل مطلب، قصہ ڪوتاه، قصہ مختصر.
- **اَلَم:** رنج، ڏک، غم.
- **اُم:** ماءُ.
- **اُم المُئومنين:**مؤمنن جي ماءُ، رسول اڪرم ﷺ جي بيبي.
- **امارت:** اميري، سرداري، حڪومت.
- **اَماره:**بڇڙاين لاءِ ترغيب ڏيندڙ نفس.
- **اِمام:** اڳواڻ، رهبر، سردار، فن، علم جو وڏو ماهر.
- **امامة:** اڳواڻي، پيشوائي، رهبري.
- **امانة:** حفاظت خاطر رکيل شيءِ ديانتداري.
- **امة:**ڪنهن نبي جي پوئلڳ پيروي ڪندڙ گروه.
- **امتحان:**آزمائش شاگردن جي تعليمي قابليت جو جائزو.
- **امتزاج:**ملاوٽ آميزش ٻن يا زيادهہ شين جي تحليل.
- **امتياز:** فرق، تميز.
- **امداد:**مدد طور ڏنل رقم، عطيو، بخشش، چندو.

- **أمُر:** حُڪم، فرمان، بادشاهي، قضا.
- **امراض:** (مرض جو جمع) بيماريون.
- **اُمراء:** (امير جو جمع) امير، سردار.
- **امڪان:** ٿيڻ جو شڪي انديشو.
- **املا:** صورتخطي.
- **أملاڪ:** (ملڪ جو جمع) ملڪيتون، دَولت، جائدادون.
- **املاڪ:** (ملڪ جو مصدر) قبضي ۾ هجڻ.
- **اُمن:** صلح، حفاظت، سلامتي، بچاءُ.
- **اُمي:** آڻ پڙهيل ام القري (مڪه معظم) جو باشندو.
- **اُمم:** (امت جو جمع) قومون.
- **امير:** حاڪم، سردار، اڳواڻ، سپه سالار، دولتمند، شاهوڪار.
- **امير الامراءُ:** وزير اعظم.
- **اميرالبحر:** بحري فوج جو وڏو عملدار.
- **اميرالمؤمنين:** مسلمانن جو حاڪم، نبي سڳوري جي خليفن جو لقب.
- **أمين:** امانت وارو، ايماندار، حقي فيصلو ڪندڙ، نبي سڳوري ﷺ جن جو لقب.
- **أنام:** مخلوقات، نوع بشر.
- **سيدالانام:** سڄي مخلوقات/نوع بشر جو سردار رسول خدا جو لقب
- **أنان:** چريو، مست
- **أنانيت:** خود پسندي، خود پرستي،
- **انبساط:** ڦهلجڻ، خوشي، فرحت.
- **انبياء:** (نبيءَ جو جمع) نبي سڳورا، پيغمبر.
- **انتباه:** تنبيه، تاڪيد، چتاءُ.
- **انتخاب:** چونڊ، نثر يا نظم جو چونڊيل ٽڪرو.
- **انتخابات:** (انتخاب جو جمع) چونڊون.
- **انتساب:** نسبت، لاڳاپو، تصنيف، ڪنهن جي نالي منسوب ڪرڻ.
- **انتشار:** ڦوٽ، وکِري، ڇڙوڇڙ ٿيڻ.
- **انتظار:** واٽ ڏسڻ، اوسيئڙو، اوتو.
- **انتظام:** بندوبست، ترتيب، سرشتو.
- **انتقال:** هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ جو عمل، روانگي، لاڏاڻو، وفات.
- **انتقام:** وير، بدلو.
- **انتها:** پڄاڻي، پڇاڙي، آخر، تڪميل.
- **انجم:** (نجم جو جمع) تارا، ستارا.
- **انجماد:** پاڻي/برف ڄمڻ جو عمل.
- **انجيل:** حضرت عيسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيل ڪتاب.
- **انحراف:** حڪم مڃڻ کان انڪار، نافرماني، سرڪشي.
- **انحصار:** دارومدار.
- **انحطاط:** تنزل، ڪمي، زوال.
- **اندراج:** درج ڪرڻ جو عمل، داخلا.
- **اِنسُ:** (اناس جو جمع) ماڻهو، انسان ذات.

- **اُنس:** محبت، پيار، الفت.
- **انساب:**(نسب جو جمع)نسل، پيڙهيون، خاندان.
- **انسان:** آدمي، ماڻهو.
- **انسانيت:** آدميت، ماڻهپو، شرافت، اخلاق، فضيلت.
- **انسداد:** (روڪ) بندش.
- **اِنشا:**خط و ڪتابت جا اصول مضمون نويسي.
- **انصار:**(ناصر جو جمع) مددگار، مديني جا مسلمان جن نبي اڪرم ﷺ ۽ سندن اصحابين کي پناهه ڏني.
- **انصاف:** عدل، داد، نياءُ.
- **انفراد:**عليحدگي، تنهائي، منفرد ٿيڻ.
- **انفراداً:** تنها، اڪيلي سر.
- **انعام:**بخشش،سوغات، سوکڙي تحفو.
- **انزال:** مني جو خارج ٿيڻ.
- **انفرادي:** اڪيلو، ڌار ڌار
- **انفراديت:** يڪتائي شخصيت
- **انفصال:** عليحدگي.
- **انور:**وڌيڪ روشن، تيرجو اسم تفضيل.
- **انقلاب:** ڦيرو، گردش تبديلي
- **انڪار:**ناڪار،نابري نه مڃڻ حڪم عدولي.
- **انڪسار:** عاجزي نوڙت، نهٺائي.
- **انڪشاف:**ظاهر ڪرڻ اظهار، پڌرائي ڏک لاهڻ راز کولڻ.
- **انوار:**(نور جو جمع) تجلا، روشنيون.
- **انواع:** (نوع جو جمع) قسم.
- **انيس:** دوست، گڏ وندر ڪندڙ.
- **اوائل:** (اول جو جمع) شروعاتي منزل، ابتدائي حصا.
- **أوج:**بلندي،مٿانهين،چوٽي، مٿانهون درجو، عروج، اقبال.
- **اوراد:** (ورد جو جمع) ورد. وظيفا
- **اوراق:** (ورق جو جمع) ورق پنا
- **اوزار:**(وزر جو جمع)ڪنهن به ڪاسبي جا ساز و سامان
- **الحرب:** جنگ جا هٿيار، پنهوار.
- **اوزان:**( وزن جو جمع)وزن تور جا ماڻ.
- **اوسط:**وچون درمياني موزون مناسب، سراسري.
- **اوصاف:** (وصف جو جمع) وصفون گڻ خوبيون لڇڻ.
- **اوقات:** (وقت جو جمع) وقت، ويلا، مهلون حيثيت پڄندي.
- **اوقاف:**(وقف جو جمع)خيراتي جايون جيئن مسجدون، مقام ، مسافرخانا.
- **اول:**منڍ شروعات،ابتدا،پهرين ابتدائي.
- **اولاد:** (ولد جو جمع) پٽ، ٻار ٻچا.
- **اولوالابصار:**صاحب بصيرت،انسان.

- **اولوالامر:** حڪم جا صاحب،حاڪم، فرمانروا.
- **اولوالعزم:** پڪي ارادي وارا، ثابت قدم، پيغمبر، عظيم پيغمبر.
- **اُولي:** (صفت تفصيل) بھتر.
- **اولياءُ:** (وليءَ جو جمع) الله جا دوست، درويش، پھتل شخص.
- **اَوليت:** اڳرائي سبقت.
- **اوھام:** (وھم جو جمع) اجايا خيال وسوسا، گمان.
- **اھانت:** بي عزتي، توھين، ذلت.
- **اھتمام:** بندوبست.
- **اھل:** گھر جو ڀاتي،مالڪ، صاحب، عيال، خاندان، ڪٽنب.
- **اھل الله:** لائق،الله وارو،خدا وارو، بزرگ.
- **اھل البيت:** نبي سڳوري ﷺ جن جو خاندان، سادات.
- **اھل العلم:** علم وارا، عالم.
- **اھل القلم:** مصنف،اديب،قلم جا ڌڻي.
- **اھل الڪتاب:** الاھي ڪتاب ڪي مڃيندڙ.
- **اھل النظر:** صاحبان نظر.
- **اھلاً و سھلاً:** ڀلي ڪري آيا.
- **اَھلِيت:** قابليت، لياقت.
- **اھليہ:** گھرواري زال.
- **اھم:** وڏيڪ اھميت وارو، بالڪل ضروري، خاص.
- **اَھميت:** ضرورت، خصوصيت، قدر.
- **ايام:** (يوم جو جمع) ڏينھن مدت، زمانو.
- **اِيثار:** پنھنجي فائدي کي ٻين خاطر قربان ڪرڻ،بنا ڪنھن لالچ خدمت.
- **ايجاب:** نڪاح يا ڏيتي ليتيءَ ۾ ھڪ طرف جي آڇ.
- **ايجاب وقبول:** نڪاح جو قول (گھوٽ طرفان) اقرار (ڪنوار طرفان).
- **ايجاد:** نئين سر وجود ۾ آڻڻ نئين شيءِ ڳولي ڪڍڻ.
- **ايذاءُ:** سور، عذاب درد، اھنج.
- **ايراضي:** (اراضي) زمين زمينون زمين جي ماپ ڀڪيڙ.
- **ايما:** (ايماء) اکين جو اشارو حڪم.
- **ايمان:** اعتقاد، دل جو يقين.
- **اَيمَن:** امن وارو، محفوظ.
- **اِيمي:** سيپاري جو چوٿون حصو.
- **اَئمة:** (امام جو جمع) امام، پيشوا.
- **اِيھَامَ:** وھم ڪرڻ، وھم ۾ وجھڻ.

## ب

- **باب:** دروازو، لنگهه، داستان، فصل.
- **بارڪ الله:** الله توکي برڪت ڏئي (دعائيه ڪلمو).
- **باري:**(خالق اپائڻهار،خدا جو صفاتي نالو.
- باطل: ڪُوڙ، ڪوڙو، بي اثر
- **باطن:** اندر، ڳجهه راز
- **باعث:** سبب، ڪارڻ بنياد.
- **باقي:** بچت، پاڇي، هميشه رهندڙ، دائم قائم، الله جو صفاتي نالو.
- **باقيات:** (باقيءَ جو جمع).
- **باڪره:**اڻ پرڻيل ڇوڪري ڪنواري.
-
- **ب:** (حرف جر) سان.
- **بالاتفاق:** يڪراءِ، متفقه طور، اوچتو.
- بالاجما ع: متفقه.
- **بالاجمال:** مختصر.
- **بالآخر:** آخرڪار.
- بالاراده: مرضيءَ سان.
- **بالتمام:** سڀ جو سڀ.
- **بالله:**خدا جو قسم، خدا جو سُنهن سچ پچ.
- **بالجبر:** زور سان زوري.
- **بالضرور:**ضرورت موجب ضرور، پڪ.
- **بالطبع:** يقيناً فطرتاً، تابعاً.
- **بالفرض:** فرض ڪجي ڪٿي قبول ڪجي.
- **بالفعل:** حقيقت ۾، سچ پچ.
- **بِالڪل:**پوري طرح ڪلي طور سراسر.
- **بِالمقابل:**ڀيٽ ۾، اڳيان سامهون.
- **بالواسطه:**ڪنهن واسطي يا وسيلي سان.
- **باليقين:** يقين سان پڪ سان ضرور
- **بالغ:** جواني کي رسيل، سامايل.
- **باني:**بنياد وجهندڙ، پايو رکندڙ، اڳواڻ مهندار.
- **بتال:**( بصال جو مسند)گمراهه وائڙو، توائي.
- **بتُول:**ڪنواري،پاڪدامن، عورت، بي بي مريمءَ بي بي فاطمه رضه جو لقب.
- **بحث:** دليل بازي حجت، هوڏ.
- **بحث مباحثه:** هڪ ٻئي سان بحث.
- **بحثي:**بحث ڪندڙ، ضروري هوڏي.

• بحر: درياءُ، سمنڊ عروض شعر لاءِ مقرر وزن وڏي علم وارو.
• بحري: سامونڊي دريائي.
• بُحران:نازڪ وقت بيماريءَ جي نازڪ گهڙي.
• بحيرة: ننڍو سمنڊ.
• بخار: ٻاڦ، گرمي تپ. ڪاوڙ (ج) بخارات.
• بخارة: دونهين جي نيڪال لاءِ پٽ جي اندر ٺهيل چمني.
• بُخل: ڪنجوسي.
• بخيل: ڪنجوس شوم، موذي.
• بدائع:(بديع جو جمع)عجيب صنعتون.
• بدر: چوڏهين جو چنڊ، ماه ڪامل.
• بدرالدجيٰ: اونداهي رات جو چنڊ چوڏهين رات جو چمڪندڙ چنڊ، نبي سڳوري جو لقب.
• بدره: ننڍي هڙ
• بِدعت: نئين ڳالهه شريعت ۾ نئين رسم جا نبي اڪرم ﷺ جي وقت ۾ نه ٿي هجي.
• بِدعتي:خلاف شريعت ڪم ڪندڙ.
• بدل: عيوض، بدلو، جزا.
• بدله:ملازمت ۾ ڦير گهير، تبديلي، هڪ هنڌ کان ٿي هنڌ مقرري.
• بدو:(بدوي جُو)عربستان جو ڳوٺاڻو، بدوي بدشڪل.
• بدوي: عربستان جو ڳوٺاڻو.
• بر: رڻ، بيابان.
• بربريت: وحشانيت، حيوانيت، درندگي ظالم.
• بربل: بلبل.
• بُرج: قلعي جو ڪنگرو، تارن جو ميڙ، ٻارهن برجن مان هڪ برج.
• برصُ: ڪوڙهه جي بيماري.
• برق: وڄ، ڪنوڻ .
• برقعه:نقاب هڪ خاص لباس جنهن سان بدن ڍڪجي.
• برڪت: واڌ گهٽائي
• برهان: روشن دليل، چٽي ثابتي.
• بري:آزاد،بريٽ جو،صحرائي رهاڪو.
• بزاز: ڪپڙو وڪڻندڙ.
• بساط: چوپڙ/ بسترو، شين وڪڻڻ لاءِ وڇايل ڪپڙو، غاليچو، خاص ڪپڙو.
• بسالت: بهادري.
• بسم الله: الله جي نالي سان شروع اچو، ويهو، ابتدا، شروعات.

- **بسيط:** ڪشادو، وسيع.
- **بشارت:** خوشخبري مبارڪ.
- **بَشاش:** خوش سرهو، کلمک.
- **بشر:** انسان آدمي ماڻهو.
- **بشريت:** آدميت، انسانيت.
- **بشير:** بشارت ڏيندڙ خوشخبري ڏيندڙ، نبي سڳوري جو هڪ لقب.
- **بصارت:** اک جي روشني، نظر، ديد.
- **بصري:** اک، نگاهه
- **بصير:** ڏسڻ وارو، ڏسندڙ، بينا، خدا جو هڪ صفاتي نالو.
- **بصيرت:**بينائي، اندر جو سوجهرو
- **بَطِن:** پيٽ.
- **بعثت:**نبوت،رسالت،پيغمبري، بَعدَ، پوءِ.
- **بُعدَ:** دوري مفاصلو، وٿي.
- **بعض :**ڪي ڪجهه.
- **بعضي:**ڪنهن وقت، ڪڏهن اتفاقاً.
- **بعضي بعضي:** ڪڏهن ڪڏهن.
- **بعيد:** پري، ناممڪن.
- **بعَينه:** هوبهو، اهڙو، ساڳيو.
- **بُغضُ:** دشمني، حسد.
- **بغير:** ڪانسواءِ، علاوه، بنان.
- **بقا، بقاءِ:**هميشه رهڻ واري حالت جنا.
- **بقال:**ڀاڄي يا ميوو وڪڻندڙ بڪاري.
- **بقايا:** بچت، ڀاڇي، رهيل رقم.
- **بَقره:** ڳئون، وهڙو قرآن مجيد جي هڪ سورة.
- **بقرعيد:**عيدالاضحيٰ، حج واري عيد
- **بَقعة:** هنڌ، ماڳ.
- **بقعة النور:** نور وانگر نهايت روشن هنڌ.
- **بقية:** باقي رهيل حصه، بچت.
- **بُڪاءُ:** روڄ راڙو، روئڻ
- **بلا:** بلاء جو مسند آفت، مصيبت، زحمت، جن چالاڪ.
- **بلاغتَ:** ڪلام جي سهڻي خوبين ۽ معنائن جي ادائگي، خوش گفتاري سيکاريندڙ ڪلام .(هن جون شاخون) معاني بيان بديع.
- **بلبل:**مشهور ننڍڙو سنو ڳائيندڙ پکي، پوري، عندليب.
- **بلدية:** شهري انتظام هلائڻ جي ميونسپالٽي جماعت. ميونسپل
- **بلغم:** ڦڦڙن جو پيدا ٿيندڙ خلط ڪانگهارو.
- **بَلَهُ:** (اسم مصدر) بيوقوف ٿيڻ.
- **بلوغت:** بالغ ٿيڻ جو زمانو، جواني.

• **بلئٰي:** هائو، واهه، خوب، مار.
• **بليغ:** خوش ڪلام، خوش بيان ادبي زبان جو ماهر.
• **بَمع:** گڏ سميت، ساڻ.
• **بنا/ بناء:** پيڙهه، بنياد.
• **بنات:** بنت جو جمع: ڇوڪريون ڌيئر.
• **بن/ ابن:** پٽ (ج) ابناءَ.
• **بنِي:** اولاد، پٽ، بنو آدم، بني هاشم وَغيره
• **بني آدم:** آدم جو اولاد، انسان ذات.
• **بو:** (ابو جو مخفف) پيءُ جيئن بو علي، بو تراب.
• **بوالعجب:** حيرت جهڙو، عجيب.
• **بوالفضول:** اجايو خرچ ڪندڙ، هٽ ڦاڙ.
• **بوالهوس:** لالچي، حريص، هوس پرست.
• **بواسير:** موڪا، موڪن جي بيماري.
• **بول:** پيشاب.
• **بهتان:** الزام، تهمت.
• **بهيم:** (ج بهائم) مرون حيوان.
• **بَهيمية:** حيوانيت.

• **بياض:** خاص نڪتن يا مسئلن ۽ شعرن جو قلمي ڪتاب ڊائري.
• **بيان:** ذڪر، احوال ڳالهه جو اظهار، وضاحت
• **بيت:** (ج ابيات) شعر، ٻن مصراعن وارو (بَيتُ ج بُيوت) گهر، جاءِ.
• **بيتُ الله:** الله جو گهر، مسجد ڪعبو.
• **بيت الحرام:** وڏي حرمت ۽ عزت وارو گهر، ڪعبو خدا جو گهر.
• **بيت الخلاءِ:** خلوت جو گهر، ڪاڪوس.
• **بيتُ المال:** اسلامي حڪومت جو قومي خزانو.
• **بيت المقدس:** القدس، پاڪائيءَ جو گهر، مسجد اقصيٰ.
• **بيضة:** آنو پکي يا جانور جو.
• **بَيع:** وڪرو، فروخت.
• **بيعانو:** (بيع+ آنو) سودي ۾ اڳواٽ ڏنل رقم، سوٽي بيانو.
• **بيعت:** تابعداري جو اقرار، اطاعت.
• **بين الاقوامي:** قومن جي وچ ۾.

## ت

- **تابع:** فرمانبردار، مطيع، معتقد، پوئلڳ.
- **تابوت:** تعزيو، صندوق.
- **تاثر:** اثر (ج) تاثرات.
- **تاثير:** اثر، خاصيت، ڪيميائي ردعمل.
- **تاج:** ڇٽ، تاج.
- **تاجر:** واپاري، سوداگر.
- **تاخير:** دير، اوير.
- **تاديب:** ادبي سکيا، اصلاح، سنوار.
- **تارڪ:** دنيا کي ترڪ ڪندڙ، الله لوڪ.
- **تارڪ الدنيا:** جنهن دنيوي معاملات کي ترڪ ڪري ڇڏيو هجي.
- **تاريخ:** مهيني جو هڪ ڏينهن، مقرر ڏينهن تڻ ماضيءَ جي گذريل واقعن بابت لکيل ڪتاب.
- **تازي:** هڪ قسم جو عربي گهوڙو، هڪ شڪاري ڪتو، تکو ڊوڙندڙ.
- **تاسف:** ڏک، افسوس، پڇتاءُ، حسرت.
- **تاسيس:** بنياد رکڻ (اساس)، تاڪيد، حڪم، فرمان، هدايت، چتاءُ.
- **تاليف:** جدا جدا ڪتابن مان انتخاب ڪري ڪتاب ٺاهڻ.
- **تاليف:** الفت، محبت پيدا ڪرڻ.
- **تامل:** سوچ، ويچار، دير، ڍر.
- **تانيث:** گرامر ۾ مونث اسمن جي علامت.
- **تاويل:** شرح، سمجهاڻي.
- **تائب:** توبه ڪندڙ، گناهن جي بخشش گهرندڙ.
- **تائيد:** پٺڀرائي، حمايت، ٽيڪو.
- **تبادله:** بدل سدل، مٽاسٽا، ڏي وٺ، بدلي.
- **تبارڪ:** برڪت وارو، بزرگ.
- **تبديل:** صورت بدلائڻ، مٽاسٽا، ڦير گهير.
- **تبرڪ:** اها شيءِ جنهن ۾ برڪت هئڻ جو اعتقاد هجي، بزرگ کان مليل تحفو.
- **تبرڪات:** بزرگن جون نشانيون، درويشن کان تحفي طور مليل شيون.
- **تبر:** بيزاري، ملامت.
- **تبسُّم:** چپن ۾ کلڻ، مرڪڻ، مرڪ، مشڪ.
- **تبصرو:** ڪنهن مسئلي يا مضمون بابت خيال جو اظهار، ڏنل راءِ.
- **تبليغ:** چڱي ڳالهه ٻين تائين پهچائڻ، ديني نيڪين جي پذيرائي، شريعت جي تلقين.
- **تتبع:** پيروي تقليد، ڪنهن شاعر جي غزل يا نظم مطابق شعر چوڻ.

• تتمة:خاتمو، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ضميمي طور وڌايل حصو.
• تثليث:ٽن خدائن کي مڃڻ عيسائي: خدا، حضرت عيسيٰ، جبريل. هندو : برهما، شِوَ وشنو.
• تجار:وڏو واپاري (حقيقت ۾ تاجر جو جمع).
• تجارت: واپار، خريد و فروخت.
• تجاوز: حد کان زياده واڌ، واڌارو.
• تجاهل:ڄاڻي واڻي اڻڄاڻائي دانسته بي خبري اغماز، پاڻ کي بي خبر ظاهر ڪرڻ.
• تجاهل عارفانہ:علم بديع جو اصطلاح اڻڄاڻ بڻجڻ.
• تجديد:ڪنهن ڪم، نظام يا تحريڪ کي وري اپارڻ.
• تجربو: پرک آزمودو.
• تجزيو:ذري پرزي جي جانچ، چند ڇاڻ.
• تجسس: تلاش جستجو.
• تجلو:چمڪو.اهاءِ، سهائو، سوجهرو.
• تجلي: الاهي نور جي روشني
• تجمل: سينگار، شان شوڪت.
• تجنيس:مشابهت هڪ جهڙائي علم بديع موجب جملي ۾ هم شڪل يا هم وزن لفظن جو استعمال.
• تجويز: رٿ، ٺهراءِ، راءِ.
• تحائف:(تحف جو جمع)تحفا، سوکڙيون سوغاتون.
• تَحتَ: هيٺيون حصو، ترو، هيٺان.
• تحت الثريٰ:زمين جو هيٺيون طبقو.
• تحت اللفظ: حرف بہ حرف ترجمو شعر کي لس پڙهڻ.
• تحرڪ: حرڪت، چرپر جنبش.
• تحرير: ڪتابت، مضمون لکيت.
• تحريڪ: چرپر، هلچل.
• تحسين:ساراهہ،واکاڻ آفرين، شاباش.
• تحصيل:حاصلات تعليم جي تڪميل
• تحفظ: بچاءِ، سچاءِ، حفاظت.
• تحفو: سوکڙي، سوغات.
• تحقيق: ڪنهن واقعي يا امر جي اصليت معلوم ڪرڻ، ڳولا، جانچ، صحيح، برابر، بيشڪ.
• تحقيقات:ڪنهن واقعي يا معاملي جي جانچ.
• تحليل: حل ٿيڻ جي حالت.
• تحمل: ڌيرج صبر،سهپ.
• تحويل: حوالي ڪرڻ.
• تخت: بادشاهہ جي ويهڻ لاءِ مسند.
• تخريب: تباهي بربادي.
• تخفيف: ڪمي گهٽتائي، ڇانڊ.
• تخلص: شاعر جو مختصر نالو.
• تخليق:پيدا ڪرڻ جو عمل،ٺاهپ جوڙ.

- تخمينو: اندازو، ڪٿ.
- تخيل: خيال تصور.
- تدارڪ: ناجائز ڳالهه کي روڪڻ جو انتظام، اپاءِ بلو، بندوبست، عملي قدم.
- تدبر: دور انديشي، حڪمت عملي.
- تدبير: بندوبست، اپاءِ تدارڪ، حيلو.
- تدريج: درجيوار سلسلو.
- تدريس: سکيا ڏيڻ تعليم.
- تدفين: جنازو، دفنائڻ، ڪفن دفن
- تدوين:مواد گڏ ڪري ڪتاب جوڙڻ جو عمل.
- تذبذب: ٻڌتر، فڪر ۽ ويچار.
- تذڪرو: ذڪر، بيان تذڪره.
- تذڪير: مذڪر هئڻ جي حالت.
- تذليل: ذلت، بيعزتي.
- تراب: مٽي، خاڪ.
- تراويح: تراويح.
- تربت: قبر، ٻني.
- تربيت: تعليم، پرورش.
- ترتيب: سلسلو، سٽاءَ.
- ترجمان: هڪ ٻوليءَ جو مطلب ٻي ٻوليءَ ۾ سمجهائيندڙ.
- ترجمو: تحرير/ تقرير کي ٻي ٻوليءَ ۾ آڻڻ.
- ترجيح: برتري، فوقيت.
- تردد: ٻڌتر، سوچ ويچار.
- ترديد: ڪنهن ڳالهه جو انڪار.
- ترغيب: رغبت، لالچ حرص.
- ترقي: واڌارو سڌارو چاڙهو.
- ترڪ: پاسو ڪرڻ، تياڳ.
- ترڪيب:نمونو،طريقو،اٽڪل، حيلو.
- ترميم: درستي اصلاح، ڦير گهير.
- ترنم: سر، آلاپ.
- ترويج: رواج ۾ آڻڻ.
- تزڪيه: پاڪائي.
- تزڪيه نفس: نفس جي پاڪائي.
- تزئين :سينگارڻ سينگار، آرائش.
- تساهل:غفلت،سستي، لاپرواهي.
- تسبيح:ڌڻيءَ جي وڏائيءَ جو ذڪر ڪرڻ داڻن جي مالها.
- تسخير: تابعدار ڪرڻ، فتح جيت.
- تسري: ڪنجهي جي تراڪڙي وٽي.
- تسڪين: تسلي، دلجاءِ، آرام.
- تسلسل: سلسليوار حالت، سلسلو.
- تسلط: غلبو، ضابطو.
- تسلي: دلجاءِ، دلداري، پڪ.
- تسليم: منظوري، قبوليت، مڃتا.
- تسليمات: سلام، نياز.
- تشبيه: مشابهت، ڀيٽ.
- تشخيص:علامتن سان بيماري پرکڻ، سڃاڻپ.
- تشدد: ڏاڍائي جبر، سختي.

• تشديد: ٻن ساڳين حرفن کي ھڪ ڪري لکڻ جي نشاني ( ) شد.
• تشريح: سمجھاڻي، وضاحت.
• تشريف: عزت، فرق.
• تشفي: شفا، دلجمعي، خاطري.
• تشنج: بدن سيڪجڻ جي بيماري.
• تشويش : پريشاني، ڳڻتي جھوري.
• تشھير: مشھوري بدنامي، خواري.
• تصادم: ٽڪر (ماڻھن/ گاڏين جو).
• تصحيح: درستي.
• تصديق:سچي ھئڻ جي ثابتي سچائيءَ جي شاھدي.
• تصرف: استعمال اختيار، قبضو.
• تصفيہ: صفائي ڪنھن بہ معاملي جو نبيرو.
• تصنع: بناوٽ ڏيکاءُ.
• تصنيف:ڪتاب لکڻ مضمون، نويسي تحرير.
• تَصور: دل ۾ وھاريل خيالي تصوير، خاڪو، خيال، فڪر.
• تصوف: علم معرفت.
• تصوير: شڪل، صورت.
• تضاد: ابتڙ عمل.
• تضمين:ٻئي شاعرجو شعريا مصرع پنھنجي شعر ۾ حوالي طور آڻڻ.
• تطھير: پاڪائي، صفائي.

• تعارف: سڃاڻپ، واقفيت.
• تعاقب: پيڇو ڪرڻ، پٺيان ھلڻ.
• تعاليٰ: بالڪل مٿانھون، بلند.
• تعاون: مدد، ھمراھي.
• تعبير:ڪنھن ڳوڙھي خيال جي وضاحت، خواب جي سمجھاڻي.
• تعجب: عجب، اچرج.
• تعداد: شمار، ڳاڻيٽو.
• تعدي: جٺ، سيڪت.
• تعريف:سمجھاڻي وصف، ساراھ، واکاڻ.
• تعزيت: عذر خواھي.
• تعزير: شرعي حڪم جي ڀڃڪڙي جي سزا.
• تعزيو: تابوت، امام جي روضي جو نقل.
• تعصب:بيحد طرفداري،بيجا حمايت، بغض.
• تعطيل: ڪنھن اداري يا ڪم بند ٿيڻ سبب موڪل.
• تعظيم: عزت، شرف، مان.
• تعلق: لاڳاپو، واسطو.
• تعليم: سکيا، تدريس، پڙھائي.
• تعمير: عمارت سازي، اڏاوت.
• تعميل: پوئواري سرانجامي.
• تعويذ: دعا جو ڪاغذ.
• تعيش:عيش واري زندگي خوشي،سک

• تعين: مقرري بحالي.
• تغافل: غفلت بي ڌياني سُستي.
• تغير: تبديلي، ڦيرو.
• تفاوت: ويڇو، فرق، اختلاف.
• تفائل: فال، سنو سنوڻ.
• تفتيش: ڳولا، جانچ، تحقيقات.
• تفرقة: فرق، اختلاف، ڦوٽ.
• تفريح: ڪل خوشي فرحت.
• تفريق: جدائي نفاق.
• تفسير: قرآن شريف جي پوري طرح سمجهاڻي ۽ تشريح.
• تفصيل: وچور، سربستو احوال.
• تفڪر: خيال، ڳڻتي، غور.
• تقابل: مقابلو ڀيٽ.
• تقاضا: طلبُ، گهر، ضرورت.
• تقاوت: پرهيزگاري، دينداري، خدا رسي.
• تقدس: بزرگي پاڪيزگي احترام.
• تقدم: اڳتي وڌڻ.
• تقاوي: ٻني يا آباديء لاءِ قرضَ، امداد ڪرڻ پيسو جو پيشڪي ۾ هارين کي ٻج وغيره خريد ڪرڻ لاءِ ڏنو وڃي.
• تقدير: ڌڻي طرفان مقرر ٿيڻ لاءِ حصو، الاهي حڪم، لکيو، ڀاڳ.
• تقديس: پاڪائي، بزرگي.
• تقرر/ تقرري: مُقرري.
• تقريب: ڳڏجاڻي مجلس رسم، دعوت
• تقريباً: اٽڪل روءِ لڳ ڀڳ، اندازً
• تقرير: بيان، ليڪچر خطاب.
• تقريظ: ڪنهن ڪتاب لاءِ راءِ، مقدمة، ديباچو، پيش لفظ تعريف
• تقسيم: ورهاڱو، ونڊ ورڇ.
• تقصير: ڏوهه، قصور، خطا.
• تقطيع: شعر جي مصرع کي بحرن موجب ورڇ.
• تقليد: پيروي ڪنهن جي نقش قدم تي هلڻ.
• تقويٰ: خدا ترسي گناهن کان بچاءِ، پرهيز گاري.
• تقويت: مضبوطي پڪائي پنيرائي، ٽيڪو.
• تڪبر: غرور، هٺ، وڏائي.
• تڪبير: خدا جي وڏائيءَ جو بيان، نماز يا جانور کي ذبح ڪرڻ لاءِ "الله اڪبر" چوڻ.

• **تڪرار:** وري وري چوڻ، زباني جهيڙو، ضد، ڦڏو.
• **تڪلف:** تڪليف وٺڻ رسم.
• **تڪليف:** ڏکيائي ايذاءِ، ڪشالو، بيماري.
• **تڪميل:** پورو ڪرڻ بجا آوري، پورائي، انتها.
• **تلاطم:** زوردار هوا ڪري لهرن جو ستڪو.
• **تلافي:** نقصان جي پورائي، عيوض.
• **تلاوت:** قرآن شريف پڙهڻ.
• **تلخيص:** اختصار، تت.
• **تَلَف:** برباد، تباهه، ضايع، فنا ٿيڻ.
• **تلفظ:** اچار، حرفن/ لفظن جو صحيح مخرج، ادائگي.
• **تلقين:** تربيت، هدايت، نصيحت.
• **تلميع:** شعر ۾ ڪنهن قصي يا واقعي ڏانهن اشارو.
• **تلميذ:** شاگرد، طالب علم.
• **تلون:** مختلف رنگ اختيار ڪرڻ.
• **تلون مزاج:** ڦرندڙ گهرندڙ طبعيت، غير مستقل مزاج.
• **تمام:** سڀ، سارو، مڪمل ڏاڍو، گهڻو.
• **تمت:** ختم، پورو، خاتمو
• **تمثيل:** مثال، تشبيهه، نمونو.
• **تمدن:** شهري زندگيءَ جو نمونو، تهذيب
• **تمسخر:** مسخري، ٺٺول مذاق چٽر.
• **تمسڪ:** ڏراوت طور رکيل رقم سرڪاري ڪاغذ.
• **تمنا:** خواهش، سڌ، آرزو.
• **تمهيد:** ابتدا، شروعات، مهاڳ، ديباچو.
• **تميز:** سڃاڻپ، شناخت، فرق ساڃاهه.
• **تنازع:** تڪرار، جيهڙو، نفاق.
• **تناسب:** موافقت، برابري، مشابهت
• **تناسخ:** مرڻ بعد روح جو ٻئي قالب ۾ وڃڻ جو عقيدو.
• **تناول:** کاڌو طعام کائڻ.
• **تنبيهه:** آگاهي، چتاءُ، فهمائش.
• **تنزل:** مٿانهين درجي تان هيٺ لهڻ، زوال، پستي.
• **تنظيم:** انتظام، بندوبست سٽاءُ ترتيب
• **تنقيد:** لکيت مان خوبي خامي ظاهر ڪرڻ جو فن پرک، نڪته چيني.
• **تَنوِيُر:** نور، روشني، جلوو.
• **تنوين:** لفظ جي پڇاڙيءَ واري حرف مان نون ڳڌي اچارڻ خاطر ڏنل ٻه

زبرون زيرون يا ٻہ پيش.

• **تواريخ:** تاريخ جو جمع تذڪرو داستان.

• **توازن:** وزن، تور، برابري.

• **تواضع:** نياز، نوڙت، مروت نهٺائي.

• **توبهہ:** (توبه) گناهن جو پڇتاءُ پشيماني.

• **توبہ نصوح:** سچي / خالص توبه.

• **توت:** هڪ قسم جو وڻ / ميوو.

• **توتيا:** (توتيو) هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

• **توجه:** ڌيان خيال لاڙو.

• **توجيه:** سبب بيان ڪرڻ، دليل.

• **توحيد:** الله کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو، وحدانيت.

• **توسط:** واسطو، وسيلو، معرفت، ذريعو.

• **توسل:** وسيلو، ذريعو، سفارش.

• **توصيف:** واکاڻ ساراهہ، صفت.

• **توضيح:** وضاحت، تشريح، سمجهاڻي.

• **توفيق:** خدا طرفان مدد، موافقت، سگهہ، همت.

• **توقع:** اميد، امڪان.

• **توقف:** ترسڻ جي حالت، وقفو، دير، ترسڻ.

• **توقير:** عزت، تعظيم.

• **توڪل:** ڀروسو.

• **تولد:** جمر، ولادت.

• **توهين:** حقارت، بي عزتي.

• **تهجد:** اڌ رات کان پوءِ باک ڦٽڻ کان اڳ نماز.

• **تهجي:** زبر زير سان حرف پڙهڻ

• **تهذيب:** درستي، ٺاهہ جوڙ، خوش اخلاقي انسانيت.

• **تهلڪو:** (تهلڪه) هُل غوغاءِ ڦرڦوٽ، ملڪيت جو خطرو

• **تهليل:** حمد لا اله الاالله چوڻ.

• **تهمة:** بهتان، الزام، ڪوڙو بهتان

• **تهنية:** مبارڪباد، خوشخبري.

• **تيمر:** پاڻي نہ ملڻ جي حالت ۾ مٽيءَ سان وضو.

# ث

- ثابت: بيٺل،قائم، برقرار، محڪم، مضبوط،پائدار،درست،سچو، صحيح سلامت.
- ثابوت: مضبوط.
- ثاقب: چمڪندڙ، روشن مشهور.
- ثالث: ٽيون ٽياڪڙ، امين.
- ثانوي: ٻئي درجي وارو.
- ثانوي تعليم:اعليٰ تعليم ،ڪان گهٽ.
- ثانية: سيڪنڊ لحظو پَل.
- ثِبات: قيام، بيهڪ، مضبوطي، پڪائي پائداري.
- ثبوت:شاهدي گواهي ثابتي سچائيءَ جو اهڃاڻ.
- ثروة: دولت جي گهڻائي، تونگري، اميري.
- ثريٰ:زمين زمين جي هيٺئين تهه واري مٽي، خاڪ.
- ثُريا:پروين تارن جو ميڙ برج ثور جي ڳچي وٽ ست ستارا.
- ثقة: اعتبار جوڳو، معتبر.
- ثقيل: ڳرو وزني، ڀاري دير هضم
- ثُمر: ٻوءِ وري تڏهن.
- ثمر:ڦل ميوو اُپت،فائدو حاصلات.
- ثمن: قيمت
- ثمين: قيمتي، مهانگو.
- ثناء: تعريف، ساراهه،واکاڻ، صفت.
- ثواب:بدلو، عيوض چڱي ڪم جو، اجورو خيرجو ڪم، الله پاڪ کان چڱي ڪم جو اجر نيڪيءَ جو اجر
- ثور: ڍڳو، ڏاند، آسماني برجن مان ٻيو نمبر برج.

● جدول: صفحي جي چئني پاسن واري ليڪ رياضي جي اصطلاح ۾ کوڙا.
● جدي: آسماني برجن مان هڪ برج جو برج دلو جي پرسان آهي.
● جديد: نئون تازو.
● جُذام: ڪوڙهه جي بيماري
● جذب: ڇهڻ ڇڪ، ڪشش.
● جذبو (جذبہ) ڪشش، اڌمو، وجد.
● جراح: زخمن تي ملم پٽي ڪندڙ.
● جراحي: زخمن جي وڍ، ٽڪ.
● جرح: زخم، ڪورٽ ۾ شاهد کان آڏي پڇا.
● جرار: جنگجو، لشڪر.
● جرجلو: (ع زلزله) ورق جو ڏوڏو، زلزلو.
● جرائم: (جرم جو جمع) گناهه.
● جَرس: (گهنڊ، هڪ وڏو گهنڊ).
● جرعة: سرڪي، ڍڪ.
● جُرم: ڏوهه، گناهه.
● جُرأت: بهادري، سورهياڻي، دليري.
● جريان: وهڪ، رواني پيشاب جي بيماري.
● جَريب، جريب: نوبهہ ويسا زمين اڌ ايڪڙ.
● جريده: اڪيلو، تنها، ڪتاب، رسالو
● جزاء: بدلو عيوض.
● جزاڪ الله: خدا توکي نيڪ اجورو ڏئي.
● جزائر: (جزيره جو جمع) ٻيٽن ۽ ميڙ الجيريا.
● جَزَر: (سامونڊي ويرجي لاٿ).
● جزيہ: مسلم حڪومت ۾ غير مسلم باشندن جي حفاظت فوج ۾ سندن نوڪري ڪرڻ جي عيوض متن مقرر ڪيل محصول.
● جسارت: دليري، بيباڪي همت.
● جسامت: ٿولهہ موٽائي بدن جسم.
● جسد: جسم، بدن.
● جسم: بدن، بت.
● جسماني: جسم سان متعلق مادي.
● جسيم: ٿلهو، موٽو.
● جعل: نقل ڪنهن اصل شيءِ جو جيڪو ڏوهه قصور ڪيو رجي.
● جعلي: نقلي مصنوعي، هٿراڌو.
● جغرافيہ: زمين جي مٿاڇري جو علم، جاگرافي.
● جفر: غيب جي خبرن جو روايتي علم.
● جلاءَ: صفائي، چمڪ.
● جلاد: قتل ڪندڙ، داروغو، ظالم.
● جلال: وڏائي، بزرگي، عظمت، برتري.

- جلال: شان شوڪت، عظمت.
- جل جلال: الله پاڪ جي وڏائي ۽ عضمت.
- جلد: کَل، چمڙي، ڪتاب جو حصو.
- جلوس: ويهڪ، تخت نشيني، خاص موقعي تي گشت.
- جلوو (جلوة): نظارو، ديدار، ظاهور، تجلو، رونق.
- جلي: صاف، ظاهر، چٽو.
- جليس: گڏ ويهندڙ، ساقي، صحبتي.
- جليل: وڏو، بزرگ، ڌڻي تعالىٰ جو صفاتي نالو.
- جليل القدر: وڏي رتبي يا اقامت وارو.
- جم: انبوهه، جمعو.
- جمادات: بيجان شيون، معدنيات.
- جمادي الاولي: اسلامي سال جو پنجون مهينو، ڇهون مهينو، جمادي الاخري.
- جَماع: مباشرت
- جماعتي: (جماعة) جماعت جو.
- جمال: حسن، خوبصورت.
- جمع: مجموعو، جوڙ، تعداد، گڏ.
- جمعة: هفتي جو ستون ڏينهن.
- جمعية: مجموعو، گروه ملي آئت، دلجاءِ، سڪون.
- جمل: اٺ.
- جملہ جِملي: ڪل، سڀ، سمورو.
- جملو: لفظن، جو ميڙ جنهن مان مطلب نڪري.
- جمود: پاڻياٺ ڄمڻ جي حالت، سڪوت، هڪ هنڌ ويهڪ، تعطل.
- جمهور: ماڻهن جو وڏو گروه جماعت، قوم، جمهوريت، اها حڪومت جنهن ۾ عام ماڻهو پاڻ مان سربراهه چوندين.
- جمِيع: ڪل مطمئن راضي.
- جمعية: جماعت، آرام، قرار.
- جميل: (مذڪر) سهڻو، خوبصورت.
- جميله: (مونث) سهڻي.
- جن: انسانن کان الوپ، مخفي مخلوق.
- جنات: (جن جو جمع) غيبات.
- جناب: حضرت، سائين.
- جنابت: پليتي، ناپاڪائي.
- جُناح: پر (پکيءَ جو) کنيڙاني.
- جنب: ناپاڪائي، پليدي.
- جنة: باغ، گلستان، بهشت، فردوس.
- جنه الماوىٰ: آرام وارو بهشت
- جنس: قسم، نمونو، پيداوار، اناج.

- **جواب:** ورندي امتحان جي، سوالن جو حل.
- **جوار:** پاڙو.
- **جواز:** راهداري، پاسپورٽ.
- **جواهر:** (جوهر جو جمع) قيمتي، پٿر، هيرا.
- **جواهرات:** هيرا، موتي، ماڻڪ.
- **جود:** سخا، بخشش.
- **جودت:** جدت، خوبي، فضيلت، سخاوت.
- **جورَ:** ظلم، جبر، ڏاڍ.
- **جوراب:** پيرن ۾ پائڻ لاءِ ڪپڙي يا چمڙي جا موزا.
- **جوزاء:** هڪ آسماني برج جو نالو ٻن جاڙن ٻارن جي شڪل.
- **جُوع:** بُکَ، لنگهڻ.
- **جوف:** پيٽ شڪم، ڪشادگي.
- **جوق:** گروهه، ٽولو جماعت.
- **جَوَلان:** چڪر، ڦيرو، ڊوڙ، حرڪت.
- **جوهر:** قيمتي پٿر، هيرو، ماڻڪ، ست، خلاصو، روح، اهليت، اصليت، فضيلت.
- **جوهري:** جواهرن جو واپاري پرکيندڙ
- **جهاد:** ڪافرن سان جنگ.
- **جهاد اصغر:** ڪافرنس سان جنگ.
- **جهاد اڪبر:** نفس سان جنگ.
- **جهاز:** سفر ۽ سوداگريءَ جو سامونڊي ٻيڙو.
- **جهالت:** اڻ ڄاڻائي، بي علمي، ناداني.
- **جهَت:** پاسو طرف.
- **جُهدَ:** ڪوشش محنت، ڪشالو.
- **جَهَل:** بي علمي، آڻ ڄاڻائي، ناداني، اجايو غُصو.
- **جَهَنم:** دوزخ.
- **جُهيز:** ڏاج، ڏاجو.
- **جَيبُ:** کيسو.
- **جَيدُ:** سنو، عمدو، وڏي قابليت وارو عالم.
- **جَيشُ:** لشڪر، سپاهه.
- **جيفه:** سڙيل مردار لاش، ڍوند.

# ح

- حاتم: هڪ مشهور عرب، سخي (حاتم طائي).
- حَاجُ: گهرج، ضرورت، ڪا حاجت، ڪم.
- حاجبُ: دربان.
- حاجَت: گهرج، ضرورت، ڪم.
- حَاجي: جنهن حج ادا ڪيو هجي.
- حَادث: نئين خلقيل شيءِ جا اڳ ۾ وجود ۾ نہ آئي هجي، مخلوق.
- حَادثو: واقعو، اوچتي واردات، مصيبت.
- حاذَق: هوشيار، ذهين، قابل، طبيب.
- حاسد: حسد ڪندڙ.
- حاشا و ڪلا: هر گز نہ، ڪڏهن بہ نہ.
- حاشيه: ڪنارو وٽ ڪتاب جي ورق جو چئني پاسن کان ڇڏيل خالي حصو، (وضاحت لاءِ) ڪتاب جي متن تي پاسي کان لکيل وضاحت
- حاشي: ڪاغذ يا ورق جو لکيت کان آجو ڪنارو.
- حاصل: اُپت، پيداوار.
- حاصلات: پيدائش نفعو.
- حاضرٌ (حاضر) موجود، اڳيان، سامهون.
- حاضرات: سڏي حاضر ڪيل جن ڀوت.
- حاطه: ننڍي پٽ سان گهيريل اڱڻ
- حافظ: خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو، جنهن کي قرآن شريف ياد هجي.
- حافظه: ياد رکڻ جي قوت، چيتو.
- حاڪم: حڪم هلائيندڙ، حڪومت ڪندڙ
- حال: هلندڙ وقت، موجوده زمانو.
- حالات: (حالت جو جمع) حالتون.
- حالت: حال جي ڪيفيت، طبيعت، مزاج رهڻي ڪهڻي، گرامر ۾ اسم يا ضمير جي قير گهير.
- حامد: تعريف يا ساراه ڪندڙ حضرت محمد ﷺ جو هڪ صفاتي نالو.
- حامل: بار کڻندڙ، پيٽ واري عورت.
- حامي: بچائيندڙ، مددگار، حمايتي.
- حاوي: گهيرو ڪندڙ غالب، اڳ۔ ڪنهن فن تي مهارت رکندڙ.
- حائل: وچ ۾ پئي روڪيندڙ، روڪ ڪندڙ.
- حَبُ: دوا جي گوري.
- حُب: پيار، قرب، چاهه.
- حُبَاب: جر ڦوٽو.
- حَبسُ: قيد، جيل، گهٽ.
- حُبُوب: (حب جو جمع) گوريون.

• حبيب:پيارو،محبوب،معشوق، دوست
• حتيٰ: تائين، جيستائين .
• حتي الامڪان: حتي المقدور، حتي الوسيع: جيستائين تي سگهي وس آهر پهچندي سارو.
• حتمي: پڪو، يقيني.
• حَجّ: اسلام جو رڪن جو 9 ذوالحج تي عرفات جي ميدان تي ٿيندو آهي.
• حجابُ: پردو اُٽ، ڍڪ، لڄ.
• حُجاج:(حاجي جو جمع) گهڻا حاجي.
• حَجَام : سنوارت ناهيندڙ، نائي
• حُجت:دليل بحث،اعتراض، گستاخي.
• حجر: پٿر.
• حجر اسود: ڪعبة الله جي پٽ ۾ لڳل ڪاري رنگ جو پاڪ پٿر.
• حجرة:ڪوٺڙي عبادت لاءِ اڪيلائي واري ڪوٺي، ڪمرو.
• حجم: ٿوله، جسامت.
• حد: ڇيڙو، دنگ، ڇيھ، مقرر ٿيل شرعي سزا.
• حداد: لوهار.
• حدت: گرمي تپش.
• حدود: (حد جو جمع) حدون.
• حدود اربع: چار پاسا، چار طرف.

• حديث: نبي اڪرم ﷺ جي قول ۽ فعل جي خبر.
• حَذرُ: خوف، احتياط، خبرداري
• حَذفُ: ڇانگ، گهٽتائي
• حُرّ: آزاد شخص
• حُريُت: آزادي
• حرارت: تپش گرمي ڪاڙهو
• حرامة: قيد نظر بندي
• حرام :شريعت جي خلاف،ناجائز ڪم گناھ بدڪاري، حرمت وارو، پاڪ.
• حرامي: حرامزادو لچ چور.
• حَربُ: لڙائي، جنگ.
• حَربه: (حربہ) هٿيار.
• حرجَ: ڏوھ، غلطي، گناھ.
• حرصُ: لالچ، لوڀ.
• حَرفہ:الف بي جو هڪ اکر،ميار، مهڻو.
• حرفُ جر: گرامر ۾ اسم يا ضمير جي پنيان اچي لاڳاپو ڏيکاريندڙ حرف.
• حرف جملو: ٻن لفظن / جملن کي ڳنڍيندڙ لفظ (۽، يا، وغيره).
• حرف صحيح: الف بي ۾ ا، و ۽ ي کان سواءِ باقي اکر.
• حرف عِلت:ڪنهن حرف سان گڏجي اچار ناهيندڙ اکر.
• حرف ندا:اهي حرف جن سان ڪنهن کي سڏيو وڃي مثال يا، آيا، هَيَا، اَي.

• حرڪة:چر پر، چال، هلڻ، مستي، ڪيچل، شرارت، اکرن ڪي زير زبر، پيش جي نشاني (اعراب).
• حرم:ڪعبة الله جي چوديواري نڪاح ۾ آيل عورت زال.
• حرمان: محرومي، نا اميدي.
• حرمت:عزت، احترام، پاڪائي آبرو.
• حرمين:ٻہ حرم (مڪہ معظمہ، مدينہ منوره).
• حروف: حرف جو جمع
• حروف تِهجي: الف بي جا اکر.
• حريت: آزادي.
• حَرير: پٽ، ريشم، ريشمي، ڪپڙو.
• حَريص: لالچي هوسي، هٻچي.
• حَريف: رقيب، مقابل، مٽ، برابر.
• حزب: ٽولو، گروهہ.
• حِزب اقتدار: حڪومتي پارٽي.
• حزب مخالف: مخالف ڌر.
• حزن: غم، ڏک، افسوس.
• حزين: غمگين ڏکارو.
• حس:حواس مان ڄمڻ،محسوس ڪرڻ.
• حساب: ڳاڻيٽو، شمار، ميزان جوڙ، رَولو، جن پوت جو اڻ لکت.
• حَساس:تيز فهم، يڪدم اثر وٺندڙ.
• حَسبَ: موجب، پٽاندڙ، مطابق.
• حسب دستور: دستور موجب.
• حسب معمول: معمول مطابق.
• حسب منشا: مرضيءَ مطابق.
• حَسَبُ: نسل پيڙهي اصل نسل.
• حسب نَسب:خانداني سلسلو پيڙهي.
• حسد: ريس،ساڙ، بغض، عداوت.
• حَسرَة: آرزو، تمنا، غم، افسوس پشيماني.
• حَسَن: ڀلو، سهڻو.
• حُسُن: سونهن، جلال، روپ، خوبي.
• حسن اخلاق: سنا لڇڻ، سلڇڻائي.
• حُسن تدبير: سهڻي رٿ، سٺي تجويز.
• حُسن ظن:سهڻو گمان، نيڪ خيال.
• حسين: سهڻو، وڻندڙ (ٿ حسينہ).
• حشام: انبوهہ، ميڙ لشڪر هُل.
• حشر: قيامت جي ڏينهن وري جيئرا ٿي اٿڻ جي حالت.
• حشرات: (حشرة جو جمع) سنها ٿلها جيت، جيت جڻيا، سرندڙ جيت
• حَشمت:رعب تاب، دٻدٻو، شان شوڪت، مان، شان، دهشت.
• حَشوَ: ڀرتي جي شيءِ شعر ۾ ڀراءُ جا لَفظ .
• حَشيش: ڀَنگ.
• حصار: عالم پناهہ، ڪوٽ، قلعو، گهيرو.
• حصہ: ٽڪرو، ڀتي، ڀاڱو.

• حصول: اپت، آمدني، وصولي.
• حضر:هڪ هنڌ قيام،جاءِ ۾ رهائش.
• حضرات:(حضرت جو جمع) حاضرين.
• حضرت: بزرگن، عالمن ۽ حاڪمن لاءِ عزت ڀريو خطاب.
• حُضور: بزرگ جي مجلس حاڪم جي درٻار معزز ماڻهوءَ کي مخاطب ڪرڻ جو لفظ .
• حَظ:1. لذت، 2. بخت،خوشحالي، شاهوڪاري
• حفاظت: سلامتي پناهه، سنڀال
• حفظ: حفاظت، سنڀال، قرآن شريف يَاد ڪرڻ
• حفيظ: محافظ، نگهبان،بچائيندڙ، خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو
• حق: سچ صِدق،ذميواري،خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو، سچو، درست،نيڪ، ٻجا، روا.
• حقائق: (حقيقت جو جمع) حقيقتون
• حقارت: ڌڪار، نفرت، ڪراهت.
• حقنہ:طب جي اصطلاح ۾ پچڪاري ذريعي پاخانو آڻڻ.
• حُقہ: تماڪ ڇڪڻ لاءِ ٺانءُ
• حقوق:(حق جو جمع)فرض جوابداريون.
• حقوق الله:الله تعاليٰ جا بندي تي حق.
• حقوق العباد: انسانن جا انسانن تي حق.

• حقير:حقارت جي لائق،نيچ، خسيس.
• حقيقت:اصليت،سچائي،سچي ڳالهہ.
• حقيق: لائق.
• حقيقي: سچو، اصلي، صحيح.
• حَڪاڪ: جواهرن کي چمڪائيندڙ وينجهار.
• حُڪام:حاڪم جو جمع، حڪومت ڪندڙ
• حڪايت: آکاڻي، ڪهاڻي داستان
• حڪم: قصو روايت.
• حُڪم: ثالث، فرمان اجر.
• حِڪمت:ڏاهپ، دانائي،عقل، فَلسفو، طب.
• حڪومت: بادشاهي، فرمانروائي
• حڪيم:ڏاهو،داناءُ،سياڻو،فيلسوف ويج طبيب، الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• حل:ڏکين ڪمن کي آسان ڪرڻ، مشڪل مسئلي جو سلجهاءُ
• حلاج: پڃارو، منصور حلاج.
• حَلال: شرع مطابق روا، جائز.
• حَلاَ:طلاقيل عورت جيڪا ٻئي مڙس سان نڪاح ڪري وري پهرئين مڙس سان نڪاح ڪري.

- حَلاَلِي: جائز صحيح (اولاد).
- حَلاوَت: مٺاڻ ميٺاج، شيرين.
- حَلَف: قَسم، سَنهُن.
- حَلقٌ: نڙي، نڙگهٽ، ڳچي.
- حَلقو: دائرو، ڪڙو ڇلو، هم خيال ماڻهن جو گروهه علائقو حد .
- حِلم: سَهڻ جو مادو، سهپ، تَحمل بردباري، نرم دلي.
- حلوان:ڇيلو ڇيلي جو گوشت، ڳاڙهي رنگ جو ڪپڙو.
- حلول: هڪ شيءِ جو ٻيءَ ۾ پيهي حل ٿي وڃڻ
- حلوة: مٺائيءَ جو هڪ قسم
- حلوتي: مٺائي ٺاهيندڙ.
- حليف: معاهدي ۾ ڪابه هڪ ڌر، ساٿي، رفيق.
- حليم: بردبار نرم مزاج، نهٺو
- هڪ قسم جو طعام
- حليَة: شڪل صورت، شبيه.
- حماقة: بيوقوفي اياڻپ.
- حَمام :وهنجڻ خانو.غسل خانو.دوائن يا مصالح ڪٽڻ لاءِ ڌاتوءَ مان ٺهيل اکري.
- حُمَام: باهه، تپش گرمي.
- حَمَائِل:ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه. تائٿ، تمام ننڍي تختي وارو قرآن شريف جيڪو تعويذ وانگر ڳچيءَ ۾ ٻڌجي.
- حِمايَة:طرفداري،پاسخاطري، مَدد، پٺڀرائي.
- حمد:ڌڻي تعاليٰ جي ساراهه شڪرانو.
- حامِل:پيٽ،اميدواري،هڪ آسماني برج.
- حمَلة: (حمل) هلان جُلهه، ڪاهه.
- حمية: غيرت، شرم ، ننگ.
- حَميد:ساراهيل،واکاڻيل،خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
- حناء : ميندي.
- حَنبَلِي: امام احمد بن حنبل رحه جا پيروڪار.
- حَنفِي:امام ابو حنيفه رحه جا پوئلڳ.
- حَنيف:حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين کي مڃيندڙ دين اسلام کي مڃيندڙ.
- حوا: حضرت آدم عليه السلام جي زال ۽ تمام انسانن جي ماءُ.

• حَوَادثُ: (حادثة جو جمع) حادثا، واقعا.
• حُورَ:بهشت جي حسين عورت، سهڻي عورت، سهڻي، حسين.
• حوصلة: همت، جُرئت، دليري.
• حوض:پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ هٿراڌو تلاءُ
• حواري:دوست، يار، مريد، پوئلڳ، حضرت عيسيٰ عليه السلام جا دوست
• حواس: (حاسة جو جمع) انسان جي ڏسڻ وائسڻ ڇهڻ سنگهڻ جا عضوا.
• حواشي: (حاشيه جو جمع) حاشي ۾ لکيل وضاحت.
• حوالات:تحويل، ٿاڻي جو ننڍو قيد، جيل.
• حوالدار:حوالات سنڀاليندڙ، پوليس يا فوج جو ننڍو عملدار.
• حوالة:ڪتاب جي لکيت مان ڪنيل معلومات بابت اشارو.
• حَوائج:(حاجة جو جمع): گهرجون ضرورتون.
• حُوتُ:وڏي مڇي هڪ آسماني بُرج.
• حَيِّ:هميشه حيات،جيئرو،خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• حَيات: زندگي عمر، حياتي، ڄمار.
• حياء:شرم،لڄ،غيرت،لحاظ، محابو.
• حيثية:پڄندي، وس، طاقت، هوند، سگهه پهچ لياقت، رتبو.
• حيدر:وڏي آفت کي چيريندڙ شينهن، حضرت علي عليه السلام جو لقب.
• حيدري:حيدر ڪرار رضه جو پيروڪار.
• حيدرآباد:سنڌ جو مشهور شهر جو غلام شاهه ڪلهوڙي 1767 ۾ ٺهرايو.
• حيران: هڪو ٻڪو، وائڙو، ششدر، پريشان.
• حيرة: عجب، اچرج، ويچار.
• حيض: ماهواري عورت جي.
• حيف:حقارت يا ڏک جو لفظ افسوس.
• حيلو:(حيلہ) اٽڪل، اپاءِ، حرفت، فريب، چال ترڪيب.
• حيوان: ساهوارو جانور، چوپايو، ڍور، بي سمجهه وحشي.
• حيوانية: جانور جي خاصيت (جنهن ۾ لڄ ليهه، حياءِ، قياس شعور جو احساس نہ هجي) بي رحمي، ظلم، وحشانيت.

## خ

- خاتَمُ: مُهر، منڊي.
- خاتِم:ختم ڪندڙ،خاتمو،پڇاڙي.
- خاتَم الانبياء: نبوت جي سلسلي جي پڇاڙي ڪندڙ آخري پيغمبر (حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم).
- خاتمہ: پڇاڙي پڇاڙي آخر، ڪتاب جي آخر ۾ لکيل عبارت
- خاتمة بالخير: خير سان پڇاڙي.
- خادم: نوڪر، ملازم، خدمتگار.
- خارج:ٻاهر، ٻاهر نڪتل، ڌِڪيل، بيڪار، ڦريل (دين مان).
- خارجي:ٻاهريون بيروني ٽڙيل لوڏيل (دين مان) هڪ گروهہ جو نالو.
- خازن: خزانچي.
- خبائث:(خبث جو جمع)برايون، بريون عادتون سيني براين جي پاڙ، شراب.
- خاص: نج اصل شخص مکيہ، اهم اتم، اعليٰ.
- خاصيت: خاص، تاثير، گڻ، مزاج
- خاطر: دل من .
- خاطي:خطا ڪندڙ،ڏوهي، گنهگار
- خالُ: خالي جاءِ ،وٿي، وڇوٽي.
- خالق: پيدا ڪندڙ، خلقيندڙ، ڏٺي تعاليٰ جو صفاتي نالو.
- خالي: ٺلهو، سکڻو، ٻالهو، سڃو.
- خائِن: خيانت ڪندڙ، بدديانت.
- خَبائث:پليدي، بدنيتي، بڇڙائي، ناپاڪائي، گندگي.
- خبر:ڄاڻ، واقفيت،آگاهي، اطلاع، احوال، سڌ.
- خبط: سوداءِ خفقان جُنون.
- خبطي:سودائي،چريائي خفقاني، چريو، وهمي .
- خبيث: ناپاڪ پليد، بدنيت.
- خَبيث:لچ بدمعاش،بُرائي،بُري عادت.
- خبير: ڄاڻندڙ: واقف الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.
- خَتم: پڇاڙي پڇاڙي، آخر، انتها.
- ختمُ الرسل: سيني نبين ۾ آخري نبي سڳورو (حضرت محمد ﷺ ).
- خَتمة: فاتحہ خواني پوري قرآن شريف جي تلاوت.
- خجالَت: شرمساري.
- خَجل: شرمندو، پشيمان، حيادار.
- خُدام:(خادم جو جمع)نوڪر، چاڪر.
- خدمة: نوڪري چاڪري، ملازمت.

• خراب: تباهه اجڙيل.
• خرابات:(خراب جمع) تباهي بدڪاري جا اڏا، مثلاً شراب خانه، چڪلا ويرانه.
• خرابة:تباهي ويرانه مثلاً:بدڪاريءَ جو اڏو شرابخانو چڪلو جوا جو اڏو.
• خَراج: محصول ڏن حاصلات.
• خَرافة: باطل عقيدو.
• خرافات: خرافة جو جمع، واهيات، بيهوديون ڳالهيون، باطل عقيدا.
• خَرَق: چير، ڏار.
• خرق عادت:غير معمولي،عقل خلاف عجيب واقعو، ڪرامت، ڪشف.
• خروج:نڪرڻ، مرڪز کان هٽڻ، بغاوت.
• خريطہ: نقشو.
• خريف: ڪتي، ڪتي جو فصل.
• خَسارو: گهاٽو نقصان.
• خسوف: چنڊ گرهڻ.
• خسيس: گهٽ درجي وارو، رواجي، ادنيٰ، نيچ، هلڪڙو ڪريل.
• خُشُوع: عاجزي، نوڙت.
• خُشُونة: سختي، رڪائي، کهرائپ.
• خشية: خوف.
• خِصَال:(خصلة جو جمع) عادتون، لڇڻ اعمال.
• خَصائص: (خاصيت جو جمع) خصوصيتون.
• خصَائل:(خصلة جو جمع) خوبيون سنيون عادتون.
• خِصلت: عادت، خوبي، خصوصيت، لڇڻ.
• خَصَم: ويري دشمن مخالف.
• خصوصاً: خاص ڪري خاص طرح.
• خصوصي: ذاتي، خاص.
• خُصُوصي: خاص گڻ خاص عادت.
• خُصُوصيت:خاص گڻ خاص عادت.
• خُصومت: دُشمني، عداوت.
• خَصي: خصي ڪدڙو، ڪٽ ڪيل جانور.
• خصية: آنورو.
• خِضاب: اڇن وارن کي ڪارو ڪرڻ جو خاص رنگ ڪيس.
• خضر: حضرت خضر عليه السلام جنهن آب حيات پيتو ۽ قيامت تائين زنده رهندو.
• خضوع: عاجزي آزي منٿ.
• خط: ليکو، چٺي لکيت تحرير.
• خِط استوا: اها فرضي ليڪ جيڪا زمين جي گولي کي ٻن حصن اترئين ۽ ڏاکڻئي ۾ ورهائي ٿي.
• خَطاء: ڀُل، چُڪ، غ... ڏوهه.

• خِطاب: تقرير، ڳالهه ٻولهه، گفتگو، تعريفي لقب.
• خطابة:خطبو ڏيڻ،وعظ ،خوش بياني.
• خطاط: خوش نويس.
• خطاطي: خوش نويسي.
• خطايا:(خطيہ جو جمع)غلطيون گناهه.
• خطباء :(خطيب جو جمع) خطيبَ واعظين.
• خطبو: وعظ، تقرير.
• خطيب:خطاب ڪندڙ، تقرير ڪندڙ، واعظ.
• خطوط: خط جو جمع ،خط پٽ.
• خطره: ڊپ، خوف، انديشو.
• خِطة: پرڳڻو، علائقو.
• خِطيب: خطبو ڏيندڙ، واعظ، مبلغ.
• خطير: گهڻو، جهجهو، زيادهه.
• خطَية: گناهه، غلطي.
• خفت: هلڪڙائي.
• خَفَاء : راز، ڳجهه.
• خفقان: سوداءِ وهم، ماليا خوليا.
• خفِي: لڪل، ڳجهو.
• خفيه:لڪل ڳجهو،پوشيدو مخفف.
• خَفيف:هلڪڙو،قابل نفرت،معمولي، خسيس.

• خلاء: خالي جاءِ، اها جاءِ جتي هوا نہ هجي زمين ۽ آسمان جي وچ وارو پولار.
• خَلاص: آزاد، ڇٽل" آجو، فارغ.
• خُلاصو: (خلاصة)، اختصار
• خِلاف: مخالف، ابتڙ، برعڪس
• خلافت: خلافت، خليفي جو عهدو.
• خلافت راشدة: نبي اڪرم ﷺ جي ڇئن جانشين صحابين ۽ خليفن جي حڪومت جو عرصو.
• خَلاق: وڏو پيدا ڪندڙ، خلقيندڙ.
• خلال:ڏند کوٽڻ، وضوءَ ۾ ڏاڙهي جي وارن آڱرين جي وٿين ۾ پاڻي ڏيڻ جو رُڪن.
• خلائق: (خلقت جو جمع) مخلوقات، ماڻهو، طبيعتون، مزاج.
• خِلت:گهاٽي دوستي،محبت،دوست.
• خَلَجان:ڌڙڪو،انديشو، ويچار ٻڏتر.
• خُلدُ: هميشہ رهڻ واري جاءِ، بهشت.
• خلط: ملاوٽ، آميزش.
• خَلط:(ج اخلاط)جسم جي 4 رطوبتن مان هڪ رطوبت، (صفراء، سوداء، بلغم، رت)
• خُلَع: حق مهر وڃڻ ڪانسواءِ، ورتل طلاق.
• خلع: بادشاهہ يا بزرگ ڪان عزت آفزائي طور مليل لباس.

- خَلف: جانشين قائم مقام، وارث پٽ، (ج اخلاف).
- خلفاءِ(خليفہ جو جمع)خليفا،جانشين.
- خلفاءِ راشدين:رشد ۽ هدايت وارا خليفا.
- خَلِق: انسان ذات، ماڻهو، مخلوق، ماڻهن جو انبوهہ.
- خُلق: سڀاءُ ، مزاج اخلاق عزت ڀري اٿڻي ويهڻي
- خَلقتَ:ماڻهو،مخلوق،ماڻهن جو انبوهہ.
- خِلقت:پيدائشي سڀاءُ،فطرت، قدرت
- خلل: رخنو، اٽڪاءُ، وٿي چير، مونجهارو.
- خلوت:تنهائي اڪيلائي گوشہ نشيني.
- خلوص:سچي دوستي سچائي وفاداري.
- خليج:سامونڊي نار،واهہ، ندي، ندي جو ڪنارو.
- خليفو: جانشين قائم مقام.
- خليق: نيڪ سڀاءَ وارو سلڇڻو
- خليل: سچو دوست .
- خليل الله: الله جو سچو دوست حضرت ابراهيم عليہ السلام.
- خُمارُ: نشو، نشي جو سُرور، نشي لهڻ کان پوءِ مستي.
- خَمر: انگورن جو سنڌيل رس،شراب.
- خُمسُ: پنجون حصو.
- خميرو: چاش ۾ پڪل معجون
- خميس: هفتي جو پنجون ڏينهن.
- خَنّاس: شيطان، جن، خبيث.
- خُنّاق: ڳچيءَ جي هڪ بيماري.
- خنجر: هڪ وڏو ڇرو.
- خندق: دشمن جي لشڪر کان بچاءَ لاءِ ڇوڙاري کوٽيل کاهي.
- خنزير: سوئر مرون.
- خواتين:(خاتون جو جمع) عورتون.
- خواص:(خاص جو جمع)چونڊ ماڻهو، امراءِ، خصوصيتون.
- خَوضُ: فڪرويچار، تحقيق، کوجنا.
- خَوفُ: ڊپ، انديشو، الڪو.
- خِيال: راءِ، سمجهہ، تصور.
- خِيالات: (خيال جو جمع) خيالَ ڀُورَ، ويچار، ارادا
- خِيانَتَ:بدديانتي ڪپت،ويساهہ گمان.
- خَير: چڱائي ڀلائي نيڪي ثواب.
- خيرالبشر:(حضرت محمد ﷺ)انسان ذات ۾ ڀلارو.
- خيرالعَمَل: چڱو ڪم، ثواب جو ڪم.
- خَيرالوريٰ: سڀني مخلوق ۾ ڀلارو (حضرت محمد صلعم)
- خيرات: (خير جو جمع) نيڪيءَ جا ڪم، نيڪيون ڀلايون
- خيريت: نيڪي ڀلائي، سلامتي
- خيمه: تنبو.

## د

• **داخل:** اندر وڃڻ شامل درج ڪيل (ڪتاب/دفتر ۾).
• **داخلا:** اندر وڃڻ يا شامل ٿيڻ جي منظوري شموليت.
• **دار:** گهر. جاءِ. هنڌ.
• **دارالآخرة:** آخرت وارو هنڌ/ جهان
• **دارالاقامة:** رهائش جو هنڌ بورڊنگ هائوس.
• **دارالامان:** امن جو گهر سلامتيءَ وارو هنڌ.
• **دارالبقا:** هميشه قائم رهندڙ گهر. اڳيون گهر.
• **دارالخلافة:** گاديءَ جو هنڌ تخت گاهه.
• **دارالعلوم:** مدرسو. درسگاهه.
• **دارالعمل:** عمل جي جاءِ.
• **دارالفنا:** فنا جو گهر فاني جهان.
• **دارين:** ٻئي جهان دنيا ۽ آخرت .
• **داعي:** ڪوٺ ڏيندڙ.سڏيندڙ. دعوت ڏيندڙ. مبلغ دعويدار. فريادي.
• **دائر:** ڦرندڙ.
• **دائرة:** (دائره). گول ڦيرو.چڪر. مڪان.
• **دائم:** هميشه رهندڙ. سدائين.
• **دام اقباله:** شال سندس اقبال دائم رهي.
• **دائماً:** دائم. مستقل طرح.
• **دائود:** هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو.
• **دب اصغر:** (هڪ نکٽ. ننڍي کٽ)
• **دب اڪبر:** هڪ نکٽ (ستن تارن جو ميڙ) جيڪو هميشه اتر طرف ڏسبو آهي.
• **دُبُر:** پٺ پُٺي (جانورن جي).
• **دباغة:** چمڙي مان رنگين چيزن ٺاهڻ جو هنر. چمڙي رنگڻ جو هنر.
• **دجال:** مسلمانن جي عقيدي موجب هڪ ڪاڻو شخص جيڪو قيامت ويجهو پيدا ٿيندو ۽ مسيح هجڻ جي دعويٰ ڪندو. ڪوڙو. دغا باز.
• **دُخَان:** دونهون. ٻاڦ.
• **دَخَل:** پهچ. رسائي. قبضو اختيار. مداخلت. دست اندازي.
• **دخُول:** اندر گهڙڻ جو عمل. لنگهه.
• **دخيا:** ٻي ٻوليءَ مان آيل لفظ دخل. ڏيندڙ. ٽپي پوندڙ.
• **دِرة :** موتي. گوهر. در جو جمع.

• درايت: ڏاهپ، عقل فهم.
• درجه: ڏاڪو، منزل، رتبو، منصب، نيڪيءَ جو اجر.
• درجات:(درجه جو جمع)ڏاڪا، منزلون.
• دَرسَ: سبق وعظ، نصيحت.
• دَرڪ: ڄاڻ واقفيت.
• دِره: چمڙي جي وڏي جنهن سان شرعي سزا ڏجي
• دعا: التجا، عرض.
• دعويٰ: طلب، گهر، فرياد، مقدمو
• دعوت: سڏ، ڪوٺ، مانيءَ جو سڏ
• دفتر: آفيس جي لکپڙهه يا حساب ڪتاب جا ڪاغذ، آفيس رجسٽر، وڏو ڪتاب.
• دفاتر: دفتر جو جمع.
• دفع: دُور، پري.
• دفعتاً: اوچتو، يڪدم.
• دَفَن: پورڻ.
• دق: باريڪ، عاجز، تنگ. مشڪل بيماري(سلهه)جا مريض ڪي سڪائي ڇڏيندي آهي.
• دقيقه: باريڪ نڪتو، منٽ.
• دقائِق: دقيقه جو جمع.
• دِقتَ:ڏکيائي تڪليف،تنگي سوڙهه، بيزاري.
• دقيانوس: نهايت قديم زماني جو هڪ ظالم بادشاهه جنهن جي خوف کان اصحاب ڪهف، پامير بيابان جي هڪ غار ۾ لڪا هئا.
• دقيق:باريڪ،سنهو،تمام ٿورو،مُنجهيل
• دُڪان: هَٽُ سودي وڪڻڻ جي جاءِ
• دڪاڪين: دڪان جو جمع.
• دلال: خريدار ۽ سودي وڪڻندڙ جي درميا ٰن سودو ڪرائيندڙ رهنما.
• دلالت: علامت، اهڃاڻ، ثابتي دليل هدايت، رهنمائي.
• دليل:رهبر(جمع دلائل)ثبوت، خيال. گمان وهم، رهبر، مرشد.
• دلائل:(دليل جو جمع). اهڃاڻ شاهديون حجتون ثبوت.
• دُلدُل: حضرت نبي اڪرم صلعم ڪي مصرجي بادشاهه کان تحفي ۾ مليل گهوڙو.
• دَلو: ڏول، هڪ آسماني برج
• دَم : رت، خونُ.
• دِماغ:ميڄالو،مغز،عقل،هوش، سَمجهه.

• **دنيا:** جهان عالَم، سنسار، ڌرتي ڌن دولت، ناڻو ملڪيت.
• **دنوي دنيوي:** دنيا سان واسطو رکندڙ.
• **دوا:** علاج دارون، تدارڪ، حيلو.
• **دَوات:** مس، مس ڪُپڙي.
• **دوام:** دائم، هميشہ لاءِ، سدائين.
• **دوامي:** دائمي، هميشه لاءِ، سدائين.
• **دور:** چڪر، ڦيرو، گردش قرآن شريف جي تلاوت، عهد زمانو، عرصو.
• **دوران:** چڪر، ڦيرو، گهيرو، گردش وقت، دور.
• **دولت:** حڪومت، سلطنت، ڌن، ناڻو، خزانو.
• **دُون:** خسيس، حقير، ڪمينو.
• **دهر:** وقت، زمانو، ڊگهو عرصو.
• **دهري:** ماده پرست جو زماني کي غير مخلوق سمجهندڙ هجي خدا جو منڪر، لادين.
• **ديانت:** ايمانداري، سچائي.
• **ديت:** خون بها، قصاص خون جو عيوض.
• **دير:** عابدن جي رهائش گاهہ، خانقاه.
• **دَين:** قرض لهڻو، بخشش.
• **دين:** مذهب.
• **ديني:** دين سان وابستہ.
• **دينيات:** دين سان تعلق رکندڙ ڳالهيون، دين جي ارڪانن جو علم.
• **ديوان:** شاهي دربار، عدالت، خزاني جو وڏو عملدار، الف بي وار قافين جي ترتيب مان غزلن جو مجموعو.
• **دَيُوث:** بي غيرت، ڀڙوو.

## ذ

- ذات: حقيقت، اصليت، شخصيت، روح، نوع، قوم، قبيلو.
- ذاتي: پنهنجو.
- ذاڪر: ذڪر ڪندڙ، بيان ڪندڙ
- ذائقہ: سواد، لذت، مزو.
- ذائق: چکندڙ، مذڪر.
- ذائقہ: مونث: چکڻ جي خاصيت.
- ذبحَ: ڪُهڻ.
- ذبِيح: ذبح ڪيل، ڪُٺل.
- ذخيره:خزانو گڏ ڪيل مال،انبار.
- ذَخائر :(ذخيره جو جمع).
- ذرة: ٿورو ٽڪر.
- ذرية: اولاد، نسل.
- ذريعہ:وسيلو،معرفت،حيلو،سبب.
- ذرائع:(ذريعہ جو جمع)وسيلا، اسباب.
- ذقن: ڪاڏي.
- ذڪاء :ذهانت،عقلمندي،تيز فهمي.
- ذَڪي: تيز فهم، ذهين هوشيار.
- ذڪية: تيز فهم عورت.
- ذَڪَر: نر مرد، مخصوص عضوو.
- ذِڪر: بيان ڳالهہ ٻولهہ.
- اذڪار: (ذڪر جو جمع).
- ذل/ذلالت:بدنامي خواري،ڪميٽپ.
- ذليل: خوار، ڪمينو.
- ذمو(ذمہ):ضمانت،جوابداري تحويل.
- ذمي:اسلامي سلطنت ۾ رهندڙ غير مسلم جيڪو جزيہ ادا ڪري.
- ذُو: مالڪ، ڌڻي، صاحب.
- ذوالجلال: جلال وارو، الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.
- ذوالجناح:کنڀن وارو، حضرت امام حسين عليہ السلام جي گهوڙي جو نالو.
- ذوالحج: هجري سال جو ٻارهون مهينو، هن ۾ حج ادا ڪبو آهي.
- ذوالقربيٰ:عزيز،مائٽ،ويجها،قرابت دار.
- ذوالقرنين: سڪندر اعظم جو لقب بعض مؤرخن، جي نظر ۾ سڪندر ڪانسواءِ هي ڪو ٻيو شخص هو.
- ذوالقعد:هجري سال جو يارهون مهينو.
- ذو معنيٰ: با معنيٰ.
- ذوق: چکڻ، لذت مزو شوق، چاهہ
- ذهب: سون، طلا.
- ذهانت: ذهن جي تيزي، هوشياري، ڏاهپ،ذهن، دانائي، ڏاهپ، قابليت.
- ذهين: ذهن وارو، تيز فهم، هوشيار.
- ذِي: ڌڻي، مالڪ.
- ذي روح: ساهوارو جاندار.
- ذي جاه: مرتبي وارو.
- ذي شان: شان شوڪت وارو.
- ذي شعور: عقلمند، سمجهو.
- ذي وقار: عزت وارو، معزز.
- ذيل:پيچ هيٺيون حصو،هيٺ ڏيڪاريل.

ر

- **رابط**:تعلق لاڳاپو،ڳانڍاپو. واسطو جمع روابط.
- **رابعہ بصري رحہ**:ٻي صدي هجريءَ جي مشهور عالم، فاضلہ ۽ زاهده خاتون.
- راتب: پگهار وظيفو. پينشن
- **راجع**:(رجوع)موٽي ويندڙ جمع راجعون.
- رَاحت: فرحت آسائش سڪون
- **رَاحل**:(رحلہ: سفر) ڪوچ ڪندڙ. مسافر.
- **رَاحم**: رحم ڪندڙ. ٻاجهارو
- **رَازِق**: رزق/ روزي ڏيندڙ. خدا تعالىٰ جو صفاتي نالو.
- **راس**: مٿو. سر. ج رُؤس.
- **راس**: خشڪيءَ جو اهو حصو جو سمنڊ ۾ هجي. واڳ. برج
- **راس المال**: واپار لاءِ اصل رقم. موڙي مور. پونجي. سرمايو.
- **راسخ**: پڪو. مضبوط. سچو. ڪرو
- راسخ العقيده: پڪي عقيدي وارو
- **راشد**:هدايت تي هلندڙ (رشد) سنئين رستي تي هلندڙ.
- **رَاشي**: فعل رشا. (رشوت ڏيڻ) جو اسم فاعل راشي (رشوت ڏيندڙ) ۽ فعل ارتشي(رشوت وٺڻ) جو اسم فاعل مُرتشي (رشوت وٺندڙ) ليڪن جديد مترجمين حضرات ٻنهي لفظن جي معنىٰ ۾ ردوبدل ڪئي آهي.
- **راضي**: خوش. سَرهو. مُطمئن صابر
- **راغِب**: (رَغبة) مائل
- **رَافضي**: (رفض. ڇڏي ڏيڻ) شيعن جي هڪ جماعت. ترڪ ڪرڻ.
- **راقِم**: (رَقم: لکڻ) لکندڙ.
- **راوي**: (رواية: روايت ڪرڻ) روايت ڪندڙ. بيان ڪندڙ. ڳالهہ ڪندڙ.
- **رَاهب**: (رهبان): خوف ڪرڻ. ترڪ دنيا. عيسائي زاهد/ عابد.
- **راءِ**: رٿ. تجويز. مرضي خيال فِڪر: تدبير(ج)آراء. ميون جي رس کي باهہ تي پچائي ڪاڙهي گهاٽي ڪيل چاش.
- **ربا**: زيادتي وياج (ارباء. وڌائڻ) گهٽو ڪرڻ.
- **رائج**: (رواج) جاري چالو هلندڙ.
- **رَائِجُ الوَقت**: وقت يا دستور موجب. هلندڙ (سڪو وغيره).
- **ربُ**: ربوبية. مالڪ. ڌڻي پروردگار. ڌڻي تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.

• رَبُ العالمين:سڀني جهانن جو پالڻهار.
• ربُ العزت: عزت جو مالڪ.
• رباني: رب سان متعلق.
• رُب: ميون جي رس کي باھ تي پچائي ڪاڙهڻ.
• رباب: هڪ قسم جو ساز. فارسي زبان ۾ رُباب.
• رُبَاعي: چئن مصراعن وارو بيت.
• رَبطُ: ڳانڍاپو، جوڙ، ميلاپ، تعلق.
• رُبع: چوٿون حصو.
• رَبيعُ: سياري وارو فصل، چيٽ.
• ربيع الاول: هجري سال جو ٽيون مهينو.
• ربيع الثاني: هجري سال جو چوٿون مهينو.
• رجاء : اميد آس.
• رجائيت: اميد واري حالت
• رجل: ماڻهو، مرد، واحد (ج) رجال
• رجال الغيب: غيبي انسان.
• رجب: هجري سال جو ستون مهينو.
• رُجحَان: لاڙو، ميلان.
• رَجزُ: شعر جي بحرن مان هڪ بحر جو نالو.اهي شعرَ جيڪي عرب ميدان جنگ ۾ دشمن سان مقابلي وقت پنهنجي بهادري جي اظهار ڪرڻ لاءِ فخر سان چوندا هئا.
• رجسُ: پليدي.
• رُجعَت: ڦري ساڳيو ڪم ڪري واپسي مڙس جو پنهنجي طلاق ڏنل زال طرف رجوع ڪرڻ، موٽڻ.
• رجعي: اها طلاق جنهَن موجب مڙس پنهنجي طلاق ڏنل زال کي نڪاح ۾ آڻي سگهي ٿو.
• رجوع: واپسي موٽ، لاڙو.
• رح: رحمت الله عليه جو مخفف.
• رَحُل:ڪاٺي مان ٺهيل تختي جنهن تي قرآن شريف پڙهجي.
• رحلت:روانگي،مسافري انتقال لاڏاڻو، موت.
• رَحمُ: ترس، ڪهل، ٻاجھ.
• رحم: ٻچي داني.
• رحمان:رحم ڪندڙ، ٻاجهارو، مهربان. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• رحماني: رحمان سان متعلق.
• رحمت: مهر ٻاجھ، فضل ڪرم.
• رحمت للعالمين: سڀني عالمن لاءِ

رحمت، نبي سڳوري' جو هڪ لقب.

• رَحيم: نهايت مهربان ٻاجهارو.

• رُخصت: موڪل اجازت.

• رد: آڏو جواب، ترديد بيڪار، ردي منسوخ، نا منظور.

• ردا (رداء): چادر، اوڍڻي.

• ردوبدل: ڦير گهير، مٽا سٽا.

• رد قدح: بحث، تڪرار.

• ردي: ناقص، بيڪار، خراب.

• رَدِيفُ: اٺ تي پيلهه چڙهندڙ علم عروض ۾ قافيه کانپوءِ پيو ساڳيو لفظ جيڪو ورائي ورائي آڻجي.

• رَذآلت: ڪميڻپ بڇڙائي.

• رَذيل: ڪميڻو، ڪريل ذليل نيچ.

• رزق: روزي، ڪاڌو، داڻو پاڻي.

• رَزاق: گهڻو رزق ڏيندڙ خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.

• رسالة: پيغمبري.

• رسول: پيغمبر ج رُسَل.

• رسالہ: ننڍو ڪتاب. ڪلام جو ڪتاب، مختلف موضوعن تي مجموعو (ج) رسائل.

• رواج: قاعدو، ڍنگ، طريقو، دستور.

• رَسمَ: دستور، رواج ريت، ڍِنگ، طريقو عادت.

• رَسمُ الخط: لکڻ جو طريقو، تحرير.

• رسمي: رواجي، دستوري عالم، مروج.

• رسوخ: پهچ اثر، هلندي.

• رُشوت (رَشوة): ڪنهن ڪم جي اڪلاءَ لاءِ ناجائز طور ڏنل رقم، ناجائز ڪمائي.

• رشيد: هدايت، ورتل.

• رصَد: آسماني تارن جو حال، دريافت ڪرڻ.

• راصد: آسماني ستارن جو حال دريافت ڪندڙ، منجم، نجومي (ج) رَصَدُ

• رضہ: رضي الله عنه جو مخفف

• رضا: مرضي اجازت، موڪل، خوشي، الاهي امر.

• رضا: خوشنودي اهل تصوف جي اصطلاح ۾، بندي جو خدا جي مرضيءَ تي راضي رهڻ آهي.

• رضاع/ رِضاعَة: ٻار جو کير/ٿڃ پيئڻ.

• رضاعي: ٿڃ شريڪ .

• رضوانَ: بهشت جي دربان جو نالو.

- رَضوي: امام علي موسيٰ رضا ڏانهن منسوب.
- رضي: راضي، خوش پسنديده.
- رَطب: پسيل آلو تازو ميوو.
- رُطبُ: تازو ڇهارو.
- رطب اللسان: تر زبان ڳالهائيندڙ ڪلام ڪندڙ.
- رَطل: تور جو هڪ ماڻ.
- رُطوبة: آلاڻ نمي، تازگي.
- رعايا: رعية جو جمع، رعيت، پرجا، عام ماڻهو.
- رعَايتَ:حفاظت،بچاءُ،لحاظ، مروت، ڪمي ڇوٽ.
- رِعَايتي: رعايت وارو، لحاظ سان، ڇوٽ مليل.
- رُعب: دپ، خوف، دٻدٻو، ڏاڪو، شان و شوڪت.
- رَعدُ: ڪڪرن جي گجگوڙ.
- رعشة: ڏڪڻي، ٿڙڪڻي.
- رعناء: ناز سان هلندڙ، خوشنما، سهڻي نازڪ، بيوقوف عورت
- رُعونَة: رعونة، نرمي ناداني خود پسندگي، زينت، هٺ، غرور، مست ٿيڻ.
- رَعية: بادشاهي يا ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهو.
- رَغبَتَ: خواهش، سڌ، چاهه، لاڙو.
- رَفاقَتَ:ساٿ، سنگت، صحبت، دوستي، ياري.
- رِفاه: آرام جي زندگي زندگيءَ جو مزو، آرام، سک، نيڪي، ڀلائي.
- رفرف:اها سواري جنهن تي نبي سڳوري صلي الله عليہ وسلم معراج جي رات سدرة المنتهيٰ کان بارگاه الاهي تائين ويو، تيز رفتار
- رَفع:بلندي، اوچائي، ترقي، عروج.
- رَفعَت:بلندي اوچائي ترقي عروج وڏائي.
- رفع حاجت: پنيان پائخاني جي حالت جي پوئواري.
- رفو: ڦاٽل، ڪپڙي جو سوراخ ڏاڳن سان پرڻ.
- رفيع:بلند اوچو،مٿاهون،بلند مرتبه
- رفيع الدرجات: وڏي مرتبي وارو.
- رفيق:ساٿي، سنگتي، همراهه، ٻيلي جمع رفقاء.
- رقابة: مخالفت، دشمني، بغض، محبت ۾ پائيواري.

- **رومي:** هڪ مشهور شاعر جلال الدين رومي.
- **رونق:** چمڪو، سينگار، ٺاهه ٺوهه، تازگي، شادابي، سهڻائي.
- **رويا:** خواب، سپنو.
- **روياء صادق:** سچو خواب.
- **رُوئيت:** ڏسڻ.
- **رويت هلال:** چنڊ جو نظر اچڻ، هلال جو نظر اچڻ.
- **رهبانيت:** ترڪ دنيا.
- **رهين:** گروي ۾ رکيل شيءِ.
- رهين منت: زير احسان.
- **رؤف (رافة):** نهايت شفقت ڪندڙ، الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
- **رئيس(رئاسة):** سردار، سالار، اڳواڻ مالڪ، حاڪم.
- **رياء:** ظاهرداري ڏيکاءُ، ٻيائي، منافقت، طرفداري، پاسخاطري.
- **رياح:** (ريح جو جمع): هوائون، باديءَ جو اخراج.
- **رياست:** حڪومت، حڪومت وارو علائقو، آزاد مملڪت.
- **رياض:** (روضة جو جمع) باغات، مشق، جفاڪشي، ڪشالو.
- **رياضة:** پورهيو، مشق، ورزش، خصلت، عبادت، بندگي.
- **رياضي:** حسابن جو علم.
- **ريب:** ٺڳي، مڪر فريب، دغا، شڪ
- **لاريب:** بنا شڪ، تحقيق.

# ز

- **زاني:** زنا ڪندڙ بدڪار مرد.
- **زانيہ:** زنا ڪرائيندڙ عورت.
- **زادُ:** اسم مصدر زَود_ توشو وٺڻ، سفر خرچ مهيا ڪرڻ) زاد راهہ توشہ ذخيره(ج) اَزوادُ.
- **زُهدُ:** نفسساني خواهش کان نفرت ڪرڻ، ترڪ دنيا، پرهيز گاري.
- **زاهد:** پرهيز گار، تارڪ، عابد مرد.
- **زاهدة:** پرهيز گار، تارڪ، عورت.
- **زائد:**(زادَ زيادة=وڌڻ) وڌندڙ جهجهو، وڌيڪ بچيل.
- **زائر:**(اسم مصدر زيارت: ڪا مقدس جاءِ انسان يا شيءِ ڏسڻ) زيارت لاءِ ويندڙ.
- **زائل:**(اسم زول گم ٿيڻ) پري ٿيندڙ، گم ٿيندڙ، ضايع ٿيندڙ.
- **زبرجد:** هيري جو قسم، زمرد.
- **زبور:**(اسم مصدر زَبَر= لکڻ) حضرت داؤد عليہ السلام تي نازل ٿيل ڪتاب.
- **زُحَل:** نظام شمسي جو هڪ گره.
- **زحمت:**مصيبت.تڪليف. پريشاني، بيماري مرض.
- **زراعت:** پوک، کيتي.
- **زَرع:** پوک، کيتي.
- **زَرعي:** پوک لائق.
- **زارع:** هاري(ج)زُراع.
- **زعفَران:** هڪ قسم جو ٻوٽو ۽ ان جو گل جو خوشبودار ٿئي ڪيسر.
- **زعفراني:**زعفران جي رنگ (نارنگيءَ) جو.
- **زَعم:** گمان، خيال، راءِ، تڪبر.
- **زَڪ:** مارڻ، شڪست ڏيڻ، پوئتي هٽائڻ، نقصان پهچائڻ، ڪمزوري ڪري قريب قريب قدم رکڻ.
- **زُڪام:** ڳچي ۽ نڪ جي هڪ بيماري جنهن ۾ ريزش ٿئي.
- **زڪي :** پاڪ ڪرڻ.
- **زڪوات:** خيرات، صدقو، مال جي بچت مان خدا جي راهہ ۾ ڪڍيل چاليهين پتي
- **زلزله:** زمين جو ڏوڏو، ٿرٿلو.
- **زمامُ:** واڳ، لغام(ج) اَزِمة

- **زمانُ:** دور ج اَزمنَة.
- **زمان حال:** هلندڙ وقت.
- **زمان ماضي:** گذريل وقت.
- **زمان مستقبل:** ايندڙ وقت.
- **زُمُردُ:** قيمتي پٿر، سائي رنگ جو هيرو.
- **زُمرَه:** ٽولو، گروهه، جماعت.
- **زمزم:** مڪ مڪرمہ جو اهو قديم چشمو جيڪو حضرت اسماعيل عليہ السلام جي چڙهين سان پيدا ٿيو.
- **زِنا:** زال ڪانسواءِ ٻي عورت سان بدڪاري.
- **زنا بالجبر:** زوري زنا.
- **زنار:** اهو ڌاڳو جيڪو عيسائي يهودي ۽ مجوسي چيلهہ ۾ ٻڌن هندو وري ڳچيءَ ۽ بغل ۾ وجهن.
- **زَنبور:** اَنبور، پڪڙ.
- **زَنبيل:** ڇٻي ڪشتو ڪشڪول.
- **زورق:** هڪ قسم جي ننڍي ٻيڙي
زهرا(زهرة:خوبصورتي،حسن، جمال) سفيد خوبصورت، حضرت بي بي فاطمہ رضي الله عنها جو لقب، ڇاڪاڻ جو سندن رنگ سفيد ۽ خوبصورت هو، مذڪر: ازهر.
- **زُهره:** هڪ گرهہ جو نالو جيڪو آسماني ۾ ڏاڍو چمڪندو آهي.
- **زهير:** بيمار، هيٺو، غمگين.
- **زَوار:** زيارتن تي گهڻو ويندڙ.
- **زوال:** ڪرڻ، هيناهين رجعت، ڪمي.
- **زوجہ:** زال، جوءِ، گهر واري.
- **زوجية:** عقد، نڪاح وهانءُ.
- **زينة:**(زين سينگارڻ) سينگار، ٺاهہ ٺوهہ، سونهن رونق.

# س

• سابق: (سَبَقَ سبقاً: گذرڻ) هن کان اڳيون، پهريون.
• ساجد:(سجود):سر جهڪائڻ، سجدو ڪندڙ، سرجهڪائيندڙ.
• ساحر (سحر): جادو ڪندڙ.
• ساحل: سمنڊ جو ڪنارو، ڪپ.
• سادات: (سيادة) سيد جو جمع، سيد گهراڻي جا فرد.
• سادس: ڇهون.
• ساعت:گهڙي پل لمحو،وقت، ڪلاڪ، مهل.
• ساقط.سقط.ڪرڻ، ڪريل، گم، ترڪ ڪيل.
• ساقي(سقاعـ:پيارڻ) پيارينڊڙ.
• ساقي ڪوثر: حوض ڪوثر جو جام پيارينڊڙ.
• ساڪت:(سڪوت خاموشي) خاموش وات،چرپر ڪندڙ.
• ساڪن: (سُڪون: رهڻ بنا حرڪت هئڻ) رهاڪو، جزم وارو، اکر غير متحرڪ باشندو.
• سالڪ (سلوڪ: راهه تي هلڻ) راهه تي هلندڙ، سفر ڪندڙ مسافر سلوڪ جي راهه تي هلندڙ
• سالم:(سلامت)سلامتي حفاظت، محفوظ،چڱو ڀلو،مڪمل سربستو.
• سامري:حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ ڳابي جي پوڄا ڪرائيندڙ.
• سامع: (سماعة ٻڌڻ): ٻڌندڙ.
• سانحه: واقعو.
• سائر: (سير) گهمڻ ڦرڻ، سير ڪرڻ، سير ڪندڙ،گهمندڙ، شاعر (عوامي ٻولي).
• سائل: (سوال) سوال ڪندڙ، سوالي منگتو، اميدوار، آسروند.
• سبب: ڪارڻ بهانو، باعث، ذريعو، وسيلو.
• سبحان: پاڪ، خدا تعاليٰ کي پاڪائي سان ياد ڪرڻ، ڏٺي تعاليٰ
• سبحان الله: الله جو شان، واهه واهه، ٻلي ٻلي.
• سبع: ست
• سمٰوت:آسمان - سماءجوجمع آسمان.
• سبق: درس نصيحت، سزا، سيکت
• سبقت: پيش قدمي اڳرائي، ترجيح، برتري فوقيت، ڳوءِ کٽڻ.

- سبيل:رستو,وات,طبقو,حيلو وسيلو, واٽهڙن لاءِ رستي تي رکيل پاڻي.
- ستار:(ستر: ڍڪڻ) گهڻو ڍڪيندڙ, پردہ, پوش,عيبن کي ڍڪيندڙ.
- ستر: لِڪ ڍڪَ, ڍڪ واري جاءِ.
- سَجاد: (سجدہ) گهڻا سجدا ڏيندڙ, گهڻو عبادتگذار, حضرت امام زين العابدين جو لقب.
- سجادہ: مصلو, جاءِ نماز, بزرگ جي سند.
- سجود: سجدۃ جو جمع.
- سحاب: ڪڪر, بادل.
- سَحَر: پرہ ڦٽي اسر, فجر.
- سحر: جادو.
- سحري: روزي رکڻ وارو کاڌو.
- سخا: بخشش, فياضي, دريا دلي.
- سخي: فياض, دريا دل.
- سدّ: روڪ, بند, ديوار.
- سدرۃ: ٻير جو وڻ.
- سدرۃ المنتهيٰ: مٿي آسمانن تي هڪ آخري وڻ جنهن کان اڳتي جبرئيل عليہ السلام وڃي نٿي سگهيو.
- سرّ: راز, ڳجهہ
- سَراب: منجهند جو گرمي جي شدت ۾ سج جي چلڪي ڪري واريءَ کي پاڻي سمجهڻ نظر جو دوکو, فريب نظر, چلڪو, ڪوڙ رَج.
- سراج: ڏيو, چراغ سج.
- سَرايت: تاثير, بدن ۾ ڪنهن بہ اثر جو پيهي وڃڻ.
- ساري: بدن ۾ پيهي ويندڙ.
- سرطان: ڪيڪڙو, آسماني ستارن جو چوٿون برج هڪ قسم جي بيماري
- سرعت: جلدائي تيزي.
- سرقہ:چوري ٻئي جي ڪلام يا مضمون کي پنهنجي ڪلام ۾ آڻڻ.
- سرمد:هميشہ رهندڙ,دائم, مجذوب, مست, مشهور درويش جنهن کي اورنگزيب بادشاهہ قتل ڪرايو هو.
- سرمد: دائمي.
- سُرور: خوشي فرحت خمار.
- سَرير: پلنگ, بسترو, تخت.
- سريع:( سرعة) تيز,تکو,ڦڙت, چست, چالاڪ.
- سطح: مٿاچرو.

• سطر:سٽ، ليڪ، لفظن يا حرفن جي قطار.

• سطوت: دٻدٻو، رعب.

• سُطور: سٽ جو جمع سٽون.

• سعادت:برڪت،سڀاڳ،نيڪي ڀلائي.

• سعد:نيڪ نيڪ بخت، نيڪي نيڪ بختي.

• سعد: سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه هڪ مشهور صحابيءَ جو نالو. عشره مبشره مان هڪ هو

• سعيد اڪبر: مشتري ستارو.

• سعدي: هڪ مشهور شاعر، فلسفي اديب، ناصح ۽ صاحب جو تخلص سندس نالو، شيخ مصلح الدين بن عبدالله هو.

• سعديت: خوش بختي.

• سعدين:ٻه سعيد ستارا، زهره ۽ مشتري.

• سعي: ڪوشش سعيو، ڊوڙ ڍڪ حيلو 2. مڪ مڪرمه جي ٻن ڀهاڙن صفا مروة جي درميان 7 دفعا ڊوڙڻ جو حج ۽ عُمره جو هڪ رُڪن آهي

• سعيد: نيڪ، سڀاڳو خوش بخت

• سفاح:نهايت خونريز، عباسي خاندان جي بادشاهه ابو العباس جو لقب ڇاڪاڻ هو وڏي خونريزي ڪري بادشاهه ٿيو.

• سفير: ايلچي، قاصد( ج)سُفراء.

• سفارت:پيغام رسائڻ، قاصدائو، ايلچي گيري.

• سفاڪ:(سفڪ)ظالم ،بيرحم، قاتل.

• سفر: روانگي، مسافري.

• سفله:ڪميڻو، رذيل خسيس نيچ ڪريل.

• سفوف: پيٺل شيءِ اٽو، ٻورو، ڦڪي (سفينة) ٻيڙي، ڪشتي.

• سَقَر: دوزخ جهنم.

• سقراط: هڪ وڏي يوناني حڪيم ۽ فلاسافر جو نالو بت تراش هو. ليڪن عقل خداداد جي ڪري هر علم ۾ شُهره آفاق ۽ مجسم حڪمت هو. هي شخص اعليٰ درجي جو مستقل مزاج قانع، صابر ۽ شاعر هو. سڄي عمر ڪوبه ڪلام خلاف حڪمت سرزد نہ ٿيس.

• سقف: ڇت، سائبان آسمان.

• سقم: ڏک، بيماري عيب، نقص.

• سقيم:بيمار،مريض،عيبدار، مسڪين.
• سقطو: ڪري پوڻ خطا ڪرڻ، ٻار جو عورت جي پيٽ مان ڪري پوڻ.
• ساقط: ڪرندڙ ڪريل ٻار.
• سڪتو(سڪتہ):هڪ بيماري جنهن ۾ مريض جي چرپر بند ٿي وڃي.
• سڪر: نشو، خمار، مدهوشي.
• سڪرات:ساهہ نڪرڻ جي تڪليف.
• سڪن: ساڪن جو جمع رهندڙ
• سڪندر: يونان جو بادشاهہ، جنهن ايشيا جو وڏو حصو فتح ڪيو ۽ هندوستان تائين آيو، 323 ق- م 33 سال جي عمر ۾ فوت ٿيو.
• سڪو:ٺپو هڻي مهر هڻڻ مهر لڳل ڌاتوءَ جو ٽڪرو، جيڪو ناڻي طور مٽا سٽا ۾ ڪم اچي
• سُڪوت:خاموشي،چُپ،ماٺ،سانت.
• سُڪون: چُپ، ماٺ، آرام، قرار، جزم جي نشاني.
• سُڪونت: رهائش، رهڻ جو هنڌ.
• سَڪينہ: دل جو آرام يا سڪون.
(سڪان) ٻيڙي يا غوراب جي رخ ڦيرائڻ لاءِ دنبالي ۾ لڳل ڦرهو.

• سلاست: نرمي، مانائي، رواني، ڳرڻ لفظن کان گفتگو آهي، ڪلام، نفاست، سادگي.
• سلسله: زنجير، نسل، پيڙهي، (ج) سلاسل.
• سلطان: بادشاهہ.
• سلاطين:(ج)حڪومت، بادشاهي
• سلام: سلامتي امن ملڻ يا موڪلائڻ وقت جو لفظ.
• سلام عليڪم: اوهان تي سلامتي هجي.
• سلامت: محفوظ، سالم، خيريت سان نيڪ، درست.
• سلب: کسڻ هٽائڻ
• سلاح: هٿيار(ج) اَسلِحَہ.
• سلسبيل: بهشت جي هڪ نهر
• سلف: گذريل قديم، پراڻي زماني وارا، ابا ڏاڏا، بزرگ
• سُلف: سودو، وکر.
• سِلڪ: ڌاڳو، ڏور، لڙهي هار.
• سلميٰ: عرب جي هڪ مشهور عورت جو نالو، موجوده زبان ۾ هر حسين معشوق لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

• **سلوڪ:** رويو، ورتاءِ، نآهه، صلح، دوستي، حق تعاليٰ جي قرب جي طلب، تصوف جو طريقو.
• سلوي: ٻٽيرو، تتر.
• **سليقو:**تميز، شعور، سمجهه لياقت، اهليت.
• **سليم:**ٺيڪ، درست، صحيح ڪامل بردبار.
• **سُم:** زهر.
• **سم قاتل:** مارينڌڙ زهر
• **سماع:** صوفيائو راڳ وجد، ذڪر جو طريقو
• **سماعت:**( سمع) ٻڌڻ ٻڌڻ جي قوت، شنوائي.
• **سماء :** آسمان، فلڪ، چرخ آڪاش جمع سماوات .
• **سمت:** رستو، واٽ، طرف، پاسو
• سمع: ڪن گوش
• **سمور:** هڪ جانور جنهن جي ٻت تي تمام سنهآ ۽ نرم ٻج ٿين، ان جي کل مان پوسيتنون ٺهنديون آهن جي نهايت قيمتي ٿينديون آهن.
• **سموم:** نهايت گرم ۽ زهريلي هوا، جيڪا ريگستان ۾ لڳندي آهي.
• **سميع:** ٻڌندڙ، خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **سَن:** (سنة) سال، ورهيه، عمر.
• **سنا:**هڪ قسم جو پسارڪو وکر.
• **سِنانُ:** نيزو، ڀالو.
• **سُنبل:**هڪ خوشبودار ٻوٽو ۽ گل جنهن سان شعراء محبوب جي ڪاڪل کي ڀيٽ ڏيندا آهن( ج)سنابل
• **سُنت:** ڪم ڪرڻ جو طريقو، روشن چال چلت زندگي گذارڻ جو درست طريقو، نبي ڪريم صلعم ۽ اصحابن سڳورن جو عمل نماز جيڪا فرض نہ هجي، طهر، ختنو.
• **سَنَدَ:** ثابتي، دستاويز، پروانو، سرٽيفڪيٽ، اجازت نامو.
• **سندان:**( سنداڻ) لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار، لوهہ جو ٽڪر، جنهن تي اوزار ٺهجن.
• **ساحل:**سمنڊ جو ڪنارو( ج)سواحل.
• **سواد:** ڪاراڻ، تاريڪي، اونداهي.
• **سوال:**گهر،عرض گذارش درخواست، پڇا(ج) اسئلة سوالات.
• **سوانح:** (سانحہ جو جمع) حادثا، واقعا.

- **سوانح عمري:** حياتي جا حادثا، زندگيءَ جو احوال سرگذشت.
- **سوا:** بغير، علاوه ڌاران.
- **سوداء :** جنون چريائي، خبط، خفقان جمع مونث ڪاريون.
- **سورت:** قرآن شريف جو هڪ باب قرآن ۾ ڪل 114 سورتون.
- **سوق:** بازار، مارڪيٽ.
- **سوء:** خرابي برائي بدي مٺي ماتهوءَ جو افسوس غم، فوني جو پٽر.
- **سهل:** آسان سولو.
- **سُهمُ:** (سهمُ) تير، طعنو، مهڻو، جهڻڪ، چيڀڙ
- **سَهَو:** ڀل چڪ، غلطي.
- **سهواً:** غلطيءَ مان، ڀل مان.
- **سهولت:** سهوليت، آساني، سولائي، سهنجائي.
- **سهي:** (صحيح) درست، نيڪ.
- **سُهيل:** هڪ تاري جو نالو.
- **سياح:** گهمڻ لاءِ سفر ڪندڙ مسافر سيلاني.
- **سياحت:** سير، گهومر، گشت.
- **سيادت:** سرداري، اڳواڻي، پيشوائي بزرگي، حڪومت.
- **سيد:** سردار، اڳواڻ.
- **سيد الانبياء/ المرسلين:** سڀني نبين جو اڳواڻ (حضرت محمد صلعم).
- **سيدة النساء:** عورتن جي اڳواڻ بي بي فاطمة الزهراء.
- **سيار:** سير ڪندڙ، گهمندڙ، سيارو (سياره) گرهه جيڪو سج جي چوڌاري گردش ڪري.
- **سياست:** ملڪي معاملات، ملڪي انتظام، حڪومت.
- **سيال:** وهندڙ، پتڙو، رقيق.
- **سيرت:** عادت، خصلت، خاصيت، نيڪي اخلاق.

# ش

شاڌ:(شَذَ= جدا يا الڳ هئڻ) جو اسم فاعل/ صفت، نرالو، ورلو، انوکو، اتفاقي غير رواجي نادر.

• شارح:شرح ڪندڙ،معنيٰ ۾ وضاحت ڪندڙ.

• شرح: سمجهاڻي، وضاحت، تفسير

• شارع: شاهي رستو.

• شارع عام: وڏو عام رستو.

• شارڪ: شرڪ ڪندڙ مُشرڪ.

• شاطر: چالاڪ، هوشيار، ٺڳ عيار.

• شاعر: شعر چوندڙ، ڪوي.

• شافع:شفاعت،ڪندڙ،سفارش ڪندڙ.

• شافع محشر: حضرت نبي اڪرم صلعم جو لقب امت کي قيامت جي عذاب کان بچائيندڙ.

• شافعي:امام شافعي رحه جا پوئلڳ (شفاعہ).

• شافي: شفا ڏيندڙ، رحمت ڏيندڙ.

• شاق:قطعي بنهہ،بالڪل، (شق۔ مشقة) مشڪل، ڏکيائي، مشڪل ڏکيو، ناگوار.

• شاڪر:(شڪر: ٿورو، احسان) شڪر ڪندڙ، شڪر گذار.

• شاڪي:شڪايت ڪندڙ.

• شامت:(شومُ) بدبختي،نياڳ، آفت، مصيبت.

• شامل(شمُل):مليل،گڏيل،شريڪ.

• شامة: سنگهڻ جي قوت.

• شان:عظمت،وڏائي،عزت مان درجو، رتبو.

• شاهد: شاهدي ڏيندڙ، گواهي ڏيندڙ

• شائبہ: شڪ، گمان.

• شائق:شوق رکندڙ، چاهيندڙ، طالب.

• شايع: پکڙيل، مشهور، پڌرو.

• شباب: جواني، اوج جو زمانو.

• شباهت:(شبہ) هڪ جهڙائي شڪل روپ، ڍول.

• شبهہ: شڪ، گمان.

• شبه، شبيه: هم شڪل هڪ جهڙو.

• شجاع: بهادر، سورهيہ.

• شجاعت: بهادري سورهيائي

• شجر: وڻ.

• شجرو: (شجره) نسب نامو، پيڙهيءَ جو سلسلو.
• شخص: ماڻهو، آدمي فرد.
• شخصي: ذاتي پنهنجو.
• شخصيت: ماڻهپو انسانيت.
• شُدُ: هڪ حرف جو ٻٽو اچار.
• شِدتَ: سختي تڪليف، تيزي.
• شِديد: ڏاڍو، ڏکيو، مشڪل زور وارو سخت.
• شَرُ: بدي، خرابي، بڇڙائي، فساد.
• شِر: شرارت، فتنو.
• شَرابـهر پٽڙي شيءِ جا پيتي وڃي، شراب جا مشهور نشيدار شيءِ آهي، شربت.
• شرابِ طهورا:پاڪ شراب جو بهشت ۾ هوندو.
• شرارت: حرڪت، سستي، لچائي، بدمعاشي.
• شرافت:چڱ مڙسي خانداني بزرگي.
• شِراڪة: ڀائيواري حصيداري مائٽيءَ ۾ ڳنڍيل.
• شراره: چڻنگ، آلي.
• شرائط: (شرط جو جمع) شرط.

• شربت:ڀڪل کنڊ يا مصري وارو مٺو پاڻي.
• شرط: هوڏ، بازي، شرطي مقابلو.
• شرطُ: (ج شرائط، شروط) شرط.
• شَرع: رستو، خدا تعاليٰ جي بندن لاءِ مقرر ڪيل راهه، مذهب، قانون شريعت.
• شَرعي:شريعت تي هلندڙ اسلامي قانون موجب.
• شَرَفُ: فوقيت، بزرگي ترجيح عزت، مانُ .
• شُرَفاء :شريف جو جمع شريف، عزت وارا ماڻهو.
• شَرقُ: اڀرندو، پورب .
• شرقي: اڀرندي جو، مشرقي.
• شرڪ: خدا سان ٻيو ڳنڍڻ، شريڪ.
• شُرڪاءَ: (شريڪ جو جمع).
• شرڪت: شموليت، ساٿ ۾ گڏجڻ ڀائيواري ڪمپني.
• شُرو ع: ابتدا، آغاز، منڍ.
• شَرير: حرڪتي لچ بدمعاش.
• شَريعَت:مذهبي قانون.قانون الاهي، قانوني طريقو.

• **شريف:** ڀلو ماڻهو، بزرگ، وڏ گهراڻو، مقدس.

• **شريڪ:** حصيدار، ڀائيوار، شامل، مليل، گڏيل، ساٿي، رفيق، عزيز.

• **شريڪت:** عزازت، برادري شعار، چال چلت طريقو، نشان.

• **شُعَاع:** ڪرڻو، روشني چمڪو، تجلو.

• **شُعبان:** هجري سال جو اٺون مهينو

• **شعبو:** (شعبہ) شاخ، حصو.

• **شِعر:** بيت، ٻن مصراعن جو بيت، سخن نظم.

• **شُعلَ:** جيئَ لهس، لاٽ.

• **شعُور:** سمجهه، عقل، دانائي، لياقت، اهليت

• **شفقت:** تمام گهڻي محبت، چاهه، شوق.

• **شُغل:** ڪم، ڌنڌو، پورهيو، مولودن جي محفل.

• **شَفا، شفاء:** شفا، صحت، تندرستي بيماري مان صحتيابي

• **شفاعت:** گناهن جي معافيءَ لاءِ سفارش، ڇوٽڪارو.

• **شفيع:** شفاعت ڪندڙ، گناهن کان ڇوٽڪاري جي سفارش ڪندڙ.

• **شفيع الامم:** سيني امتن واسطي سفارش ڪندڙ

• **شفيع الوريٰ:** سموري جهان جي سفارش ڪندڙ (نبي سڳوري جو لقب)

• **شفاف:** نهايت صاف آرپار ڏسجندڙ

• شفيق: مهربان، غمخوار، همدرد، ٻاجهارو

• **شَق:** چيريل، ڦاٽل، شڳاف، چير.

• **شق القمر:** چنڊ جو چيرجڻ نبي سڳوري ﷺ آڱر جي اشاري سان چنڊ کي چيرڻ وارو معجزو.

• **شِق:** حصو، ڀاڱو، تحرير جو ٽڪرو، پئرا، قانون جو فقرو.

• **شَقاوت:** نڀاڳ بدبختي بيرحمي.

• **شَقِي:** نڀاڳو بدبخت، بيرحم.

• **شقي القلب:** سخت دل، بي رحم، ظالم.

• **شڪ:** گمان، شبهه، وهم، انديشو.

• **شڪايت:** دانهن، ڪوڪ، پڪار، تڪليف، شڪوو، ڏوراپو

• **شڪر:** احسان مڃڻ، ٿورا ڳائڻ، احسانمندي.

• **شڪرانو:** (شڪرانہ) احسان ٿورو، احسان مڃڻ.

• شڪل:(شَڪل)صورت،روپ چهرو، منهن، ڍنگ، نمونو، نقشو، خاڪو، حالت.
• شڪور:گهڻو شڪر ڪندڙ خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
• شڪوڪ: شڪ جو جمع.
• شڪوه:شڪايت،گلا، ميار، ڏوراپو.
• شڪي: شڪ ڪندڙ ڏلي اعتبار.
• شڪيل:خوبصورت،سهڻو، حسين.
• شَمَال: ساڄو هٿ، اتر.
• شَمَامَه: خوشبوءِ، سرهاڻ.
• شمَائِل: عادتون، خصلتون.
• شمسُ: سج، آفتاب.
• شمع: ميڻ بتي، ڏيو.
• شموليت:شراڪت،گڏجاڻي ڀائيواري.
• شمه: ٿورو مقدار، ذرو.
• شميم: خوشبوءِ سرهاڻ.
• شنيع:خراب، بدڪار، ڪميڻو.
• شوال: هجري سال جو ڏهون مهينو.
• شواهد:شاهد جو جمع شاهديون، ثابتيون، اهڃاڻ.
• شوريٰ: صلاح مشورا.

• شوق:خواهش،تمنا، چاهه، لاڙو، رغبت.
• شوڪت: شان، دٻدٻو.
• شوم: نياڳو، بدبخت.
• شومت: نياڳائي.
• شَهُل:شهلا آگ ۾ سياهي مائل سرخي هئڻ صفت اُشهل شهلا. باهه جو روشن شعلو آسمان تي ٽٽندڙ تارو.
• شهاب: جيپ (باهه جي) شعلو.
• شهاب ثاقب:نهايت ڪڙيل تارو چٽيندڙ.
• شهادت:گواهي حق جي راهه ۾ وڙهندي مارجڻ.
• شهامت:بهادري، سورهيائي،دليري.
• شهد: ماکي.
• شهداء: شهيد جو جمع.
• شهر: ماهه، مهينو.
• شهرت: ناموس، مشهوري.
• شهريت: شهر ۾ رهڻ جو حق.
• شهلاء : شهل شهلا= اک ۾. اها عورت جنهن جون اکيون نهايت ڪاريون هجن، 2. نرگس جي گل جو هڪ قسم جو بجاءِ زرد رنگ جي ڪارو هجي ۽ هيءُ نرگس جي اک سان مشابهه ٿيندو آهي، 3. اها ڪاري

اُڪ جنهن ۾ ڳاڙهاڻ جون پنيون لهجن. 4. نيراڻ پُوراڻ يا سرخي مائل ڪارين اکين واري عورت.

- **شهوت:**(مصدر شهو:خواهش ڪرڻ) خواهش سڌ جماع جي خواهش.
- **شهود:**حاضري،موجودگي،اکين ڏٺي شاهدي، صوفين جي اصطلاح ۾ خدا جو ديدار.
- **شهيد:**خدا جي راهه ۾ قربان ٿيل خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
- **شيء:** چيز، ٿول وکر، ناياب شيء.
- **شيخ:** پوڙهو، پيرسن، مذهب اسلام ۾ آيل سردار، حاڪم، اڳواڻ مرشد، سجاده نشين، طريقت جي سلسلي ۾ اڳواٽي ڪندڙ.
- **شيطان:**(اسم مصدر شُيطْ)سڙي وڃڻ ختم ٿيڻ.
- **شَطَنَ:**حق وغيره کان ڦري يا پري ٿي وڃڻ.
- **شيطنٰ:**شيطاني ڪم ڪرڻ، ابليس جنهن حضرت آدم کي سجدي نہ ڪرڻ ڪري الله تعاليٰ جي نافرماني ڪئي.
- **شطانتَ:** شرارت، لچائي حرڪت، بدمعاشي.
- **شيعہ:**بيقراري ڪرڻ، مسلمانن جو هڪ فرقو.
- **نرگس شهلا:** سرخي مائل نيلا گل نرگس.

# ص

- صابر:صبر ڪندڙ،صبر وارو، بردبار.
- صابرين: صابر جو جمع.
- صاحب:يار، دوست، مالڪ، حاڪم، سردار تعظيم طور ڪم ايندڙ لقب
- صاحب اختيار: مرضيءَ جو مالڪ وس وارو حاڪم.
- صاحب اخلاق:سلڇڻو،فضيلت وارو.
- صاد:ڪنهن لکيت وغيره تي"ص"، جو اکر لکڻ جيڪا ڇڻ ته منظور ڪرڻ جي علامت آهي، منظوري، قبوليت.
- صادر: جاري، نافذ ڪرڻ حڪم.
- صادق:سچو،سچار، پڪو (قول جو) نيڪ درست.
- صاعقه: ڪنوڻ، وڄ، برق صفو، صاف ۽ خالص ٽيڻ) اجرو پاڪ، خالص چٽو ظاهر.
- صالح:سلڇڻو،نيڪ،پرهيز گار،لائق، قابل.
- صانع: ناهيندڙ، بنائيندڙ، ڪاريگر، هنرمند پيدا ڪندڙ، خالق.
- صائب:(صوب:نيڪ هنڌ تي پهچڻ) نيڪ، درست.
- صائب الراءِ: درست راءِ رکندڙ.
- صائم: (صوم : روزو) روزيدار
- صبا: اوڀر جي هوا، پوئين رات لڳندڙ پورب جي هوا،صبح جي هير.
- صَباح: صبح، فجر.
- صباحت:سونهن حسن بدن جو سفيد رنگ.
- صبح:سج اڀرڻ جي مهل فجر، پرڀات.
- صبر:ماٺ چپ، تحمل، برداشت ڪرڻ.
- صبوح: صبح، فجر.
- صبيح: (صباحة) اڇو، حسن.
- صحابه:صاحبُ جو جمع/نبي سڳوري ﷺ جا اصحاب، يار، رفيق، هم صحبت
- صحابي: هم صحبت، يار، دوست
- صحاح: صحيح جو جمع: درست، نيڪ، تندرست.
- صحاح: صحيح، عيب کان پاڪ علم لغت جو هڪ ڪتاب جنهن جو مصنف جوهري آهي.
- صحاح سته: حديث جا 6 ڪتاب جيڪي حديثون درست سمجهيون

وجن ٽيون بخاري، مسلم، ابو داؤد، ترمذي، نسائي، ابن ماجه.

- **صحافت:**(صحف_لکڻ) لکڻ جو هنر، اخبار نويسي.
- **صحافي:** اخبار نويس.
- **صحبت:**دوستي،ياري،ساٿ،رفاق، گڏجاڻي، ملاقات.
- **صحت:**چڱ ڀلائي،تندرستي،شفايابي، درستي، تصحيح.
- **صحراء :** رڻ بيابان ريگستان (ج) صحاري.
- **صحن:** اڱڻ اڳنڊ
- **صحيح:** درست، نيڪ، سچو ثابت، اصلي دستخط، تصديق
- **صحيفو:** ڪتاب آسماني الهامي ڪتاب.
- **صداء:**آواز، سڏ سوال گهر، گونج پڙاڏو.
- **صدارت:**صدر جو عهدو، اڳواڻي صداقت، سچائي، صدق ايمانداري.
- **صدر:**سينو، ڇاتي، مٿيون حصو، مٿاهين جڳهه، چانوٺي، اڳواڻ.
- **صدري:** هڪ قسم جو لباس جنهن سان فقط سيني ۽ پيٽ وارو حصو ڍڪجي.
- **صدف:** سپ، ڀيڙي.
- **صَدق:** سَچو، صدقي قربان.
- **صدق:** سچائي، خلوص.
- **صدقو:** قرباني خيرات، عيوض.
- **صديق:**نهايت سچو، تصديق ڪندڙ، حضرت ابو بکر رضہ جو لقب.
- **صراحت:** وضاحت، تشريح.
- **صراح:** خلاصو، خالص روشنائي علم لغت جو هڪ مشهور ڪتاب.
- **صُراحي:** پاڻي رکڻ لاءِ ٺڪر جو هڪ خاص ٿانءَ جو عموماً ڪدو جي شڪل جو هوندو آهي گهگهي.
- **صراط:** رستو، راهه، دوزخ جي مٿان اڏيل پل جيڪا وار کان سنهي تلوار کان تکي آهي.
- **صراطِ مُستقيم:**سنئون رستو، سنئين واٽ
- **صراف:** سون چاندي پرکيندڙ سچن موتين جو واپار ڪندڙ، سون چانديءَ جو واپاري پارکو.
- **صرف:** خرچ ڪاپيوءِ استعمال گذارو هڪ علم جو نالو جنهن ۾ هڪ لفظ جي چاڻ ملي ٿي.

• صرف و نحو: گرامر.
• صِرف: فقط، رڳو.
• صَرف: ڪفايت شعاري.
• صريح: صاف، چٽو، ظاهر.
• صريحاً: کليو کلايو.
• صرير: قلم سان لکڻ جو چرڙاٽ، قلم.
• صعوبت:مصيبت.ڏکيائي تڪليف، اهنج ڪشالو، هلاڪي.
• صغير: ننڍو ٻار، ابهم.
• صَف: قطار، نمازين جي قطار
• صفا: صفائي، پاڪيزگي دوستي، مڪ معظم جي ڀرسان هڪ ٻهاڙي (صف)خالص پاڪ، اجرو چٽو، صاف، ظاهر.
• صفاً صفا:ويران بردبار،صاف ميدان.
• صفات: صفت جو جمع وصفون، گڻ صفت: خوبي گڻ خاصيت، واکاڻ تعريف، وصف گرامر موجب اسم يا ضمير جو گڻ ڏيکاريندڙ لفظ.
• صفحات: صفح جو جمع صفحا.
• صَفر: هجري سال جو ٻيو مهينو.
• صفر: ٻڙي، خالي. ڪجهہ بہ نہ.
• صفرا: انسان جي چئن خلطن (باد، آبي آتشي صفراء) مان هڪ خلط جو نالو
• صفہ: دالان وڏو ڪمرو، چبوترہ.
• اهل صفہ: انهن غريب ۽ بي وطن مسلمانن کي چوندا هئا، جن کي زمانہ رسالت ۾ پنهنجو گهر ڪونہ هو. رسول اڪرم صلعم انهن سان بي انتها محبت ڪندا هئا. کين خاص تعليم ڏيندا هئا. حرم النبي صلعم ۾ اهو متبرڪ صفہ اڃان تائين قائم آهي .
• صفي:(صفاء) صاف، خالص روشن دوست .
• صفي الله: خدا جو دوست، حضرت آدم عليہ السلام جو لقب .
• صلا:آواز، سڏ ڪاڏي يا ڪنهن ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ جو سڏ.
• صلابت:مضبوط، ڏاڍائي، پختگي.
• صلات:صلة جو جمع،انعامَ، بخششون.
• صلاح: مشورو راءِ، رٿ، تجويز، ارادو مرضي آچ، (ماني کائڻ يا ڪنهن ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ) مت، نصيحت.

• صلاحيت: قابليت، لياقت، خوبي
• صلب: نسل، پيڙهي.
• صلح: ناهه، ميلاپ، اتحاد، راضپو
• صلو (صلہ): انعام، عطا، بخشش بدلو، عيوض، اجورو.
• صلواة: نماز، دعا، رحم، درود.
• صليب: سوري ڦاهي جو تختو.
• صمد:بي نياز(جنهن جا سڀ محتاج هجن)دائمي ابدي خدا تعاليٰ جو نالو.
• صناع: وڏو ڪاريگر.
• صنائع:(صنعت جو جمع) هنر، ڏانڌا.
• صنائع و بدائع: عجيب و غريب هنر، ڪلام ۾ باريڪيون، ڪلام ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ لاءِ عجيب غريب نڪتا.
• صندل:هڪ قسم جو خوشبودار وڻ ٻوٽو، چندن تخت.
• صَندوق: (صُندوق) پيتي
• صَنعَت:ڪاريگري هنر،مندي ڏانڌو، هنر، فن.
• صَنفُ: قسم، نوع جنس.
• صنم: بت، مورتي، پتلو (مٽي، پٿر ڌاتو يا ڪاٺي مان ٺهيل.
• صنوبر: هڪ وڻ جو نالو.
• صواب:درستي،صحيح ڳالهه،صحيح عمل، نيڪ ڪم، سچائي.
• صوت: آواز صدا.
• صوڙ: سگ (جيڪو فقير وجائين).
• صورت: شڪل چهرو، روپ.
• تصوير:مورت، حالت، ڍنگ، تجوين تدبير.
• صوري: ظاهري ڏسڻ ۾ ايندڙ.
• صُوفِي: (صوف ان) اوني ڪپڙو ڍڪيندڙ، صوفي طريقي جو بزرگ.
• صوم: روزو(ج)صيام.
• صهباء : ڳاڙهو شراب.
• صياد: شڪاري، ماري.
• صيد: شڪار.
• صيغة:قالب(جنهن ۾ سون چاندي پلتجي) سانچو. گرامر موجب فعل جو گردان.
• صيقل: صفائي چمڪو.

# ض

- ضبطُ:برداشت،سهپ،تحمل انتظام.
- ضابط:برداشت ڪندڙ،بردبار، پابند، قابض آفيسر.
- ضابط:قاعدو،قانون دستور، قبضو، پابندي ج ضوابط.
- ضامن: ذميدار، ذمو کڻندڙ.
- ضمانة:ذميداري ذمیواري جو اقرار.
- ضمان:ضامن ذميدار، ذمو کڻندڙ.
- ضائع: ضايعي زيان تباهه، رائگان
- ضخامت: ٿولهه موٽائي.
- ضخيم: ٿلهو، موٽو.
- ضد:مخالفت،تڪرار،شدت، دشمني، حسد.
- ضرب:ڌڪ،چوٽ،صدمو نقصان(ج) ضربات رياضيءَ ۾ هڪ عدد کي ٻئي عدد جيترا ڀيراوڌائڻ.
- ضرب المثل: چوڻي، پهاڪو.
- ضرر:زيان،نقصان،ٽوٽو،ڇيهو، صدمو.
- ضرور:گهرج طلب، واجب، فرض لازم، بيشڪ، يقيناً.
- ضرورة:گهرج حاجت، احتياج، طلب (ج)ضروريات.
- ضروري:گهرج،مطابق، لازمي، گهربل.
- ضريح:گنبذ وارو تعويذ، مزار، مقبرو.
- ضُعفُ: ڪمزوري هيڻائي اپرائي.
- صغيف:ڪمزور، هيڻو، اپرو، پوڙهو.
- ضعيفہ: ڪمزور عورت، پوڙهي،
- ضلال / ضلالت: گمراهي تباهي
- ضال: گمراهه
- ضلع: صوبي جو پاڱو.
- ضم: ملائڻ ڳنڍائڻ شامل ڪرڻ.
- ضاد:(ضد پٽي ترڻ)لپري پٽي ليپ.
- ضمن:اندر،باب،بيان فقرو، مضمون.
- ضمير: دل، قلب، اندر، منجهه، خراب ڪمن کان روڪيندڙ احساس گرامر، موجب اسم جي بدران ڪم ايندڙ لفظ.
- ضميمة:ڪتاب جي آخر ۾ متن کانسواءِ ٻيو وڌايل مضمون، تتمو.
- ضوء: روشني نور.
- ضياء:روشني جواهرات جو جرڪو/ چمڪ، رونق.
- ضيافت:(ضيف) دعوت، مهماني.
- ضيق:تنگي،ڏکيائي،ساهه جي سوڙهه.

## ط

• **طبع، طبيعت:** خصلت، مزاج سياءُ سرشت.
• **طبعي:** ذاتي اصلي قدرتي فطري.
• **طَبعَ:** ڇپائي، طباعت.
• **طابع:** ڇاپيندڙ.
• **طباعت:** ڇپائيءَ جو هنر، ڇپائي.
• **طاري:** ڇانئجي ويندڙ عالب پوندڙ.
• **طاس:** وڏو ٿالهہ، طشت.
• **طاعت:** تابعداري.
• **طاعون:** وڏي وچڙندڙ بيماري، ڪالرا.
• **طاق:** دريا دريءَ جو هڪ پاسي وارو تختو، اڪي انگ، اڪيلو، يگانو.
• **طامع:** (طمع: لالچ) لالچي، حريص.
• **طائر:** (طار_ طيرا اڏامڻ) اڏامندڙ، پکي، پرندو.
• **طائف:** گروهہ جماعت، ڳائڻ وڄائڻ وارن جو ٽولو.
• **طائوس:** مور پکي.
• **طاقت:** قوت، زور، سگهہ ٻل.
• **طلب:** گهر، خواهش سڌ، ڳولا.
• **طالب:** طلب ڪندڙ گهرندڙ، چاهيندڙ، مشتاق ڳولائو، تصوف جي اصطلاح ۾ حق جو ڳولائو.
• **طالب علم:** شاگرد، متعلم
• **طالح:** خراب، بد، نياڳو
• **طالع:** طلوع ٿيندڙ، اڀرندڙ. قسمت، قسمت جو ستارو، نصيب، ڀاڳ، بخت، زائچو.
• **طِب:** يوناني طريقي جو علاج حڪمت، دوا درمل يا علاج جو هڪ طريقو.
• **طبابت:** حڪمت، علاج دوادارون
• **طبيب:** حڪيم، ويج.
• **طبق:** ٿالهي تهہ پڙ، پنو، ج طبقات
• **طباق:** وڏي ٿالهي ٻاٽ
• **طبقات الارض:** زمين جا پڙ.
• **طبقو:** درجو، ڏاڪو، جاءِ جي هڪ منزل.
• **طبل:** وڏو دهل نغار، اميراڻو دهدهو.
• **طبلو:** هڪ قسم جو وڄت جو ساز، هڪڙي پاسي وارو ننڍو دهل ڏڪڙ.
• **طنبيله:** گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ، ڪڙهہ.
• **طراز:** (طرز: ڪپڙي تي پرت ڪرڻ) چِٽ نقش و نگار وارو، ڪپڙو يا وڳو، زينت آرائش پرت جي پٽي فيشن.

- **طراد:** (طرد هڪالي ڪيڻ) تيز جنگي ٻيڙو.
- **طراوَة:** ڪپڙي تي نقش و نگار جو ڏنڌو (ڪرو: تازه هئڻ).
- **طراوت:** پوسل نار، تازگي فرحت.
- **طرب:** خوشي فرحت، ساز جي تار.
- **طرح:**انداز، نمونو، حالت شاعريءَ ۾ شعر چوڻ لاءِ مقرر مصرع (ظ) وانگر، مانند.
- **طرز:**نمونو، ڍنگ، روش طور طريقو، وضع، بيهڪ.
- **طرف:**پاسو، ڏس سمت، رخ ڪنارو، هڪڙو پاسو، ڌر.
- **طرفہ:** اک ڇنڀڻ.
- **طَرفة العين:** اک ڇنڀ.
- **طرفة:** نئون انوکو، عجيب، اڻ لڀ، حيراني، عجب.
- **طرفين:** ٻئي طرف، ٻئي ڌريون پاسا
- **طرو:**لنگي يا پٽڪي جو ڇيڙو، رستو، وات طرز.
- **طريق:** ڍنگ نمونو، رواج.
- **طريقة:**تصوف جي اصطلاح موجب اندر جي پاڪائي سلوڪ جي راھ.
- **طريقة:**نمونو ڍنگ روش قاعدو، دستور، رواج، ترڪيب، رستو، هلي چلي.
- **طشت:** ٿالھ وڏو طباخ.
- **طعام:** رڌل ڪاڌو، ماني.
- **طعن:** ڄٽ، ميار، ملامت.
- **طعنة:** مهڻو، اوپالو، ميار، ڏوراپو
- **طغيان:**ٻوڏ،سيلاب پاڻيءَ جو چاڙھ، اٿل.
- **طفل:**ٻار،ٻچو،ننڍو ٻار،ابهم ڇوڪرو.
- **طفل مڪتب:** اڻ تجربيڪار.
- **طفيل:**وسيلو،ذريعو(ظ)ذريعي وسيلي معرفت.
- **طلاً:** سون سونو پاڻي
- **طلاب:** (طالب جو جمع) شاگرد.
- **طلاق:**عورت کي شريعت موجب نڪاح کان آزادي.
- **طلسم:** جادو(ج)طلسمات
- **طَلوَع:** اڀرڻ، نڪرڻ (سج چنڊ تارا).
- **طمانيت:** اطمينان دل جمعي.
- **طمطراق:** شان شوڪت.
- **طمع:** لالچ لوڀ، حرص خواهش.
- **طناب:**فارسي لفظ، غالباً عربي لَفظ اطناب جي بگڙيل صورت آهي

• **طناب:** طنبُ جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ تنبو جي رسي آهي
• **طناز:** ناز نخري سان هلندڙ.
• **طنز:** ٺٺول سان ڳالهائڻ طنز ۽ ٺٺول سان ڳالهائيندڙ، رمزن ۽ اشارن سان ڳالهائيندڙ.
• **طنبو:** خيمو.
• **طنبو:** طنبورو هڪ ساز.
• **طنز:** چٿر، ٺٺول.
• **طنطنہ:** رعب، دبدبو گهمنڊ، تڪبر
• **طواف:** (طاف) چوڌاري ڦيرو، گهمرو، ڪعبتہ الله جي چوڌاري ڦيرو.
• **طوالت:** ڊيگهہ، لنبائي.
• **طوائف:** (طائفة جو جمع) گروهہ قومون، قبيلا، نچڻ ڳائڻ واري عورت.
• **طوبا، طوبيٰ:** بهشت جي هڪ وڻ جو نالو، خوشي سعادت، بشارت.
• **طور:** طريقو، ڍنگ، نمونو.
• **طرع:** مرضي، خوشي،خوشيءَ سان.
• **طور:** هڪ مشهور جبل طور سينا.
• **طوفان:** سخت هوا، هوا جو ڏاڍو چولو، شور، گوڙ، فساد.
• **طوق:** ڳچيءَ جو هڪ زيور.
• **طول:** ڊيگهہ، لنبائي.
• **طول البلد:** ڊگهائي ڦاڪ.
• **طومار:** ڪتاب، دفتر، ڊگهو خط، قصو، ڪاغذن جو بنڊل.
• **طويل:** ڊگهو.
• **طهارت:** پاڪائي صفائي
• **طُهر، طهر:** ختنو، سنت.
• **طهري:** طاهري.
• **طهور:** بهشت جو پاڻي.
• **طي:** خاتمو، پڄاڻي، نبيرو.
• **طيارة:** هوائي جهاز.
• **طَيب:** پاڪ، صاف، عمدو، جائز.
• **طَير:** پکي پرندو(ج)طيور.
• **طيش:** غصو، ڏمر، ڪاوڙ.
• **طينة:** طبعي خصوصيت، خوءِ سڀاءِ انساني، فطرت، جبلت.

# ظ

- ظلم: بي انصافي انڌير،جبر، ڏاڍ.
- ظُلمت:اونداهه. تاريڪي، سياهي.
- ظالم:ظلم ڪندڙ،سنگدل،بي رحم.
- ظهور: ڏيکاءُ، پيدائش پڌرائي
- ظاهر: چٽو، کليو، پڌرو، نروار.
- ظرافت: دانائي، عقل، خوش طبعي، باريڪي لغات، مسخري
- ظرافي:نهايت داناوڏوعقلمند،خوش طبع.
- ظرف:دانائي،عقلمندي،خوش طبعي، حوصلو.
- ظريف:عقلمند، داناءِ،زيرڪ،تيز فهم، نفس خوش طبع، نهايت چرچائي.
- ظرف: ٿانءُ، حوصلو، سهپ، گرامر ۾ اسم جي جاءِ قلم، ريت ڏيکاريندڙ لفظ.
- ظروف: ظرف جو جمع، ٿانءَ، برتن.
- ظفر: فتح، سوڀ، ڪاميابي.
- ظافر:فاتح، فتح،مند سوڀارو،ڪامياب.
- ظَن: خيال گمان راءِ شڪ.
- ظني: خيالي شڪي بعض رکندڙ.

# ع

- عابد:(عَبَد،عبادةً،عُبُودةً)عبادت ڪندڙ.
- عُبُودِيَّةُ:(عبادت ڪرڻ) اسم فاعل: عبادت گذار.
- عبادت: اطاعت بندگي نماز.
- عَبدُ:ٻانهو،بنده غلام ،نوڪر(ج)عباد.
- عُبُودِيَة: اطاعت، بندگي ٻانهپ.
- عبداللطيف: سنڌ جي وڏي قومي شاعر جو نالو.
- عاج: هاٿيءَ جي ڏند جو مادو.
- عاجز: (عَجَزَ عَجزاً، مُجزةً = طاقت نہ رکڻ) ڪمزور، هيڻو، ضعيف، بيوس، مجبور.
- عاجزه: عاجز جو مونث، عورت.
- اِعجاز: عاجز ڪرڻ معجزة.
- عجز: عاجزي بيوسي لاچاري نوڙت انڪساري.
- عاجل: (عُجلة تکڙ) تکڙ ڪندڙ. جلد باز.
- عَجلَة: جلدائي، تکڙ سيگهه.
- عادة: خصلت، لڇڻ هير عادت.
- عادات: عادت جو جمع.
- عادي: د هيراڪ علتي.
- عادل:عدل ڪندڙ منصف. انصاف ڪندڙ.
- عدل: انصاف، فيصلو، نياءُ.
- عدالة: انصاف، نياءِ، ٻيرو، فيصلو، ڪورٽ.
- عدالة عاليه: هاءِ ڪورٽ.
- عدالة عُظميٰ: چيف ڪورٽ.
- عار: شرم، حجاب، عيب جو ٽِڪو.
- عاري: عار ڪندڙ خالي بيزار.
- عارض: ڳل، رخسار.
- عارضة: بيماري، روڳ بهانو.
- عارضي: اتفاقي ٿوري وقت لاءِ
- عَرضُ: درخواست، گذارش منٿ، ويڪر، ٻر.
- عَرضُ البلد: ويڪرائي ڦاڪ.
- عارف:خدا شناس،درويش،اعليٰ فڪر جو صاحب، معرفت جو صاحب.
- عُرف:ذاتي نالي سان گڏ ٻيو مشهور نالو عام نالو.
- عرفان: خدا شناسي حق تعاليٰ جي سڃاڻپ، تصوف.
- عرفات:مڪي شريف کان 9 ميل پري هڪ ميدان ۽ جبل جتي حاجي 9 ذوالحج جي ڏينهن گڏ ٿي دعائون پڙهن اگين ۽ وچين جون نمازون گڏ پڙهن.

• عاريۃ:عارضي، ٿورن ڏينهن لاءِ اڌاري طور.
• عازِمٌ: ارادو ڪندڙ.
• عَزَمٌ: ارادو، قصد.
• عزائم: عزم جو جمع ارادا.
• عزيمۃ: ارادو، قصد.
• عشق:بيحد سڪ، پيار، نينهن.
• عاشق: چاهيندڙ، پسند ڪندڙ.
• عشاق: عاشق جو جمع.
• عاشور/عاشوره: محرم مهيني جي ڏهين تاريخ جنهن ڏينهن امام حسين رضي الله عنه جي شهادت ٿي.
• عشره: محرم مهيني جا پهريان ڏهه ڏينهن جن ۾ حضرت امام حسين رضي الله عنه جي شهادت ۽ عزاداري ڪئي وڃي.
• عاصي: گنهگار، ڏوهاري خطاڪار
• عصيان: گناهه، ڏوهه.
• عاطف: مهرباني ڪندڙ، موڙيندڙ.
• عاطفۃ: شفقت، مهرباني.
• عافيۃ:سلامتي،بچاءِ،آسائش خيريت، تندرستي.
• عاقّ: ماءُ پيءُ جو نافرمان پٽ
• عَاقِبت: پڇاڙي خاتمو، آخرت.
• عاقل: عقلمند، ڏاهو سمجهو
• عالَم: دنيا، جهان زمانو سنسار
• عالَم ارواح: ارواحن جو جهان.
• عالَم اسباب: دنيا،جهان سنسار.
• عالِم: (علم: ڄاڻ) ڄاڻو پڙهيل ڳهڻو پڙهيل (جمع علماء)
• عالم الغيب: غيب جو ڄاڻو، خدا تعالىٰ،عالي: بلند اعلىٰ اوچو
• علام، علامۃ: وڏيڪ ڄاڻو.
• عام: رواجي چالو، سڀئي ڪل
• عامي: عام، رواجي، گهٽ، درجي وارو.
• عائد:(عود:موٽڻ)موٽي ايندڙ، ايندڙ ٿيندڙ، روڪ بندش.
• عائشۃ: حضور پاڪ ﷺ جن جي بيبي سڳوريءَ جو نالو.
• عَبَا:ٻيرن تائين پائڻ جو ڊگهو ڪوٽ
• عبارة: تحرير ليکت مضمون.
• عَباس: حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جو چاچو، حضرت امام حسين جو ماٽيجو ڀاءُ جيڪو علمدار جي لقب سان مشهور آهي.
• عباسي: حضرت عباس جو اولاد بغداد جي خليفن جو گهراڻو.
• عَبَث: اجايو بيفائدو فضول.
• عبرت:حيرت،عجب،نصيحت، سبق.
• عبقريت:سنائي،عمدگي،انوکائي نواڻ
• عبور:درياء يا پل پار ڪرڻ مهارت، دسترس.

• **عبير:** هڪ قسم جي خوشبودار شيءِ عنبر.
• **عتاب:** ناراضگي غصو، ڏمر.
• **عتيق:** پراڻو جهونو، بزرگ، آزاد.
• **عثمان:** نبي سڳوري صلي الله عليه وسلم جي هڪ خليفي جو نالو.
• **عجائب:** عجيب جو جمع، حيرت ۾ وجهندڙ شيون.
• **عجب:** حيرت، اچرج، حيراني.
• **عجيب:** حيرت جهڙو انوکو بي مثال، پرين، محبوب.
• **عجم:** عربستان کان سواءِ ٻيو ملڪ.
• **عجمي:** غير عربي ماڻهو.
• **عجوبة:** عجيب شيءِ، انوکي چيز.
• **عداوة:** دشمني ويرخصومت، ڪلفت.
• **عدت:** اهو عرصو جنهن ۾ عورت کي ٻيو نڪاح ڪرڻ ناهي.
• **عدد:** الڳ تعداد، شمار ڳڻپ (ج) اعداد.
• **عدد شماري:** انگن جي ڳڻپ، ڳاڻيٽو.
• **عدد قطاري:** هڪ ٻئي پويان ترتيب وارا انگ.
• **عدم:** غير موجودگي غير حاضر.
• **عدن:** بهشت فردوس، بهشتي، باغ. ڏکڻ عربستان جي هڪ شهر ۽ بندر جو نالو.
• **عدو:** دشمن، ويري.
• **عديل:** جهڙو، مثل.
• **عديم الفرصة:** جنهن کي واندڪائي نه هجي، مصروف.
• **عديم المثال:** بي مثال.
• **عذاب:** اهنج، تڪليف، آزار، مصيبت، درد، سور.
• **عذار:** ڳل، رخسار.
• **عذر:** بهانو سبب، اعتراض.
• **عذراء:** ڪنواري بي بي مريم جو لقب.
• **عراق:** وچ ايشياء جو هڪ ملڪ.
• **عراقي:** عراق جو گهوڙو، تازي گهوڙو.
• **عرب:** وچ مشرق جو هڪ ملڪ جيڪو ڪعبة الله، نبي سڳوري ﷺ جي سڀبان مسلمان لاءِ هدايت جو مرڪز بڻيو. عربستان جو باشندو عربن جو نسلي نالو.
• **عربي:** عربستان جو رهاڪو، عربستان جي ٻولي.
• **عرس:** وفات جي تاريخ تي ساليانو ميلو فاتحه، مجلس، ٻارهو.
• **عرش:** سڀني کان مٿيون آسمان ڇت، تخت، نائون آسمان.
• **عرصة:** ميدان، مفاصلو، وڇو، وٿي وقت، دير.
• **عرقّ:** رڳ، نس.

- عَرق النساء : ٽنگ ۾ پوئين نس ۾ سور پوڻ جي بيماري.
- عروج: چاڙهه، بلندي، ترقي.
- عروس: ڪنوار، ونې، زال.
- عروض: شعر جي بحر، وزن معلوم ڪرڻ جو علم.
- عريان: اگهاڙو، ننگو.
- عريض:ويڪرو، پکڙيل ويڪر ۾ وڏو.
- عريضة: پاڻ کان وڏي ڏانهن لکيل خط
- عز: وڏو، غالب، ڏاڍو.
- عز: عزت، مان، شان، رتبو، غلبو.
- عزاء: ماتم . مصيبت، صبر ڪرڻ.
- عزازت: مائٽي، رشتيداري.
- عزازيل: ابليس، شيطان جو نالو.
- عزة:آبرو، وقار، شان، شرف، ادب، تعظيم.
- عزرائيل:موت جو فرشتو، مَلَڪَ الموت.
- عزلت: تنهائي گوشه نشيني.
- عزيز:پيارو،محبوب،مائٽ، رشتيدار، خدا تعالىٰ جو هڪ نالو.
- عسڪر: لشڪر، فوج، سپاهه.
- عساڪر: عسڪر جو جمع.
- عسر: تنگي، ڏکيو حال) تنگي، ڏکيائي، غربت.
- عشاء: سومهڻيءَ جي نماز.
- عَشر: ڏهه (10)
- عُشر: ڏهون حصو.
- عشرَة: عشق مزو، خوشي.
- عَشو: ناز، ماڻو، نخرو.
- عَصاء: لٺ .
- عصبة:پنهنجائي طرفداري پنهنجائپ لحاظ.
- عصر: زمانو، وقت دور، ٽپهريءَ جي نماز.
- عصمة: (عَصَم: پاڻ کي بچائڻ) پاڪائي پاڪدامني.
- عصيان: گناهه، پاپ، خطا.
- عَضو: بدن جو ڪوبه حصو.
- عضا:پرهيزگاري،پاڪدامني، حرام شين کان بچڻ.
- عطا: عطيه، عطيو، تحفي ۾ ڏنل چيز تحفو، سوغات سوکڙي.
- عطاء: بخشش ڏات، سخاوت
- عطار:(عطر)عطر وڪڻندڙ،ناهيندڙ.
- عطر: گلن يا ٻين شين جو سر ست، روغن سرهاڻ خوشبوءِ، سڳنڌ
- عُطارد: نظام شمسيءَ جو هڪ گرهه
- عطائي:بخشش مليل منگتو راڳائي.
- عظمت: وڏائي،بزرگي،برتري بلندي شان شوڪت.
- عظيم: وڏو، بزرگ، اوچو، بلند، خدا

تعاليٰ جو هڪ نالو.
- عظميٰ: وڏيڪ وڏي، مونث.
- عفة: پاڪدامني، پارسائي.
- عفريت: ديو، ڀوت.
- عفو: معافي، درگذري، بخشش.
- عَفونت: بدبوءِ، ڌپ.
- عفي عنه: معاف ڪيل.
- عُقاب: هڪ قسم جو وڏو شڪاري پکي.
- عقاب: سزا.
- عقيدة:(ويساهه)جمع عقائد. مڃتا.
- عقب: پويون حصو. پٺ.
- عقبيٰ: پيو جهان.
- عَقد: نڪاح. وهانءُ.
- عَقدَه: ڳنڍ، ڳرهہ. منجهيل مسئلو. ڏکي ڳالهه.
- عقرب: وڇون آسماني برج جو نالو.
- عَقل: سمجهہ فهم، سُرت شعور.
- عقلي: عقل وارو، سمجهہ ڀريو.
- عقُوبة: سزا، ڇت، سيڪت.
- عقيدة: اعتقاد. ويساهہ. مڃتا.
- عقيدة: اعتقاد. ويساهہ. مذهبي اصول جي مڃتا.
- عقيق: هڪ قسم جو يمني پٿر ڳهڻ ۾ ٻڌڻ طور ڪم اچي.
- عقيقة: ننڍين ڇاول ٻار جي مٿي جا وار لهرائڻ، جانور صدقو ڪرڻ.
- عڪس: پاڇو. اولڙو. پاڻيءَ ۾ نظر ايندڙ تصوير.
- علا: بزرگي بلندي.
- علاج: دوا، سٽي ڦڪي، حيلو چارو
- علاقه: صوبو. ملڪ جو حصو. خطو. تعلق. واسطو.
- علالة:(علت — بيماري) بيماري اگهائي، ناچاقي.
- علامة:نشان اهڃاڻ داغ چٽ. بيماري جا اهڃاڻ.
- علامة/ علامه: نهايت فاضل داناءُ. وڏو عالم.
- علانيه:کليو کلايو. پڌري پٽ. ظاهر ظهور.
- علاوه: سواءِ کان سواءِ. بغير.
- علة: بيماري مَرض اگهائي عادت عليل.
- علاحدة:الڳ جدا.ڌار اڪيلو. نيارو.
- عَلَمَ: جهنڊو.
- علم: ڄاڻ، آگاهي، تعليم.
- عَلم ادب:ڪنهن ٻوليءَ جي نثر ۽ نظم جي ڄاڻ.

- **علم اللغة:** ٻوليءَ جي لفظن جي تحقيق جو علم.
- **علم نجوم:** تارن گرهن جي اڀرڻ لهڻ ۽ انهن جي گردش جو علم.
- **علم هيئة:** آسماني ڪائنات جو علم.
- **علم اليقين:** اڻ ڏٺل شيءِ جو يقيني علم. جنهن ۾ ڪنهن شڪ شبہ جي گنجائش نہ هجي، هي يقين جو پهريون قسم يعني پهريون درجو آهي، ٻيو درجو عين اليقين – ٽيون درجو حق اليقين.
- **علم الڪلام:** علم عقائد جنهن ۾ مقدمات نقلي کي عقلي دليلن سان ثابت ڪيو ويندو آهي فن علم جي ڄاڻندڙن کي متڪلمين سڏيندا آهن.
- **علم لدُني:** اهو علم جيڪو الله تعالیٰ ڪنهن کي محض پنهنجي فيض و ڪرم سان عطا ڪري يعني بنا ڪنهن استاد جي حاصل ڪري.
- **علم مناظره:** مناظره جو علم جنهن ۾ بحث ڪرڻ جا اصول ٽيندا آهن.
- **علوي:** حضرت علي جو اهو اولاد جيڪو حضرت بئ بي فاطمة الزهراء مان نہ هجي جيئن حضرت عباس علمدار.
- **علي:** (1) بلند (2) الله تعالیٰ جو صفاتي نالو (3) حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جو سوٹ ۽ ناٺي حضرت بيبي فاطمة الزهراء جي گهرواري جو نالو.
- **عليا:** اعلیٰ جو مونث، وڏيڪ بلند.
- **عَلي:** تي وت، ڪان، سببان.
- **علي الخصوص:** خاص طرح خصوصاً.
- **علي العموم:** عام طور، عام طرح.
- **علي الحال:** هن وقت.
- **علي الاعلان:** کليو کلايو، پڌري پٽ ظاهر ظهور.
- **علي الحساب:** بنان حساب جي ڳاڻيٽي کان سواءِ تلهي ليکي تخميني طور.
- **علي الصبوح:** صبح سوير.
- **علیٰ هذالقياس:** انهيءَ طرح ائين.
- **عليل:** بيمار، اگهو مريض.
- **عليم:** وڏيڪ ڄاڻندڙ، خدا تعالیٰ جو صفاتي نالو.
- **عليہ:** ان (مذڪر) تي.
- **عليہ الرحمة:** ان تي خدا جي رحمت هجي.
- **عليہ السلام:** ان تي سلام هجي.
- **عليها:** ان (موٴنث) تي.
- **عم:** چاچو.
- **عمة:** ڦڦي.
- **عماد:** ٿنڀو، ستون.

• عمارة:اڏاوت، جاءِ گهر وڏي جاءِ بلڊنگ.
• عماري:هاٿيءَ جي پالڪي هي لفظ.
• عُمال:عامل جو جمع،حاڪم، گورنر.
• عمامة: دستار پڳ.
• عَمَداً: ارادي سان هاسيڪار.
• عمده:اوچو اعليٰ وڻندڙ نهايت سنو، برتر، بهترين.
• عمر: حياتي، جمار زندگي.
• عُمر: حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي ٻئي خليفي حضرت فاروق اعظم رضه جو نالو.
• عمره: حج جي موقعي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به وقت مقرر رسم طور ڪعبة الله جو طواف ڪرڻ.
• عمق: اونهائي پاڻيءَ جي.
• عمل:ڪم ،ڪرت،فعل،تعميل بجاآوري منتر،جادو وغيره
• عملاً: عقلي طور.
• عمله:ڪاتي جا ملازم، اٽالو دراصل هيءَ لفظ عامل جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڪم ڪندڙ، ڪارڪن ملازم.
• عمود:ٿنڀ،ستون سڌائيءَ ۾ اڀي ليڪ
• عموماً:عام طرح گهڻو ڪري اڪثر.
• عميق: اونهو.
• عُناب: پسارڪو وکر آهو ٻير، سرخ رنگ جو ٿيندو آهي.
• عُنابي: ڳاڙهو، سرخ.
• عنب: انگور( ج)اعناب.
• عناد:دشمني،وير،عداوت،مخالفت.
• عَناصر:عنصر جو جمع،ماديات (دنيا ۾ پيدا ٿيل شين جا مادا) مکيه چار، باه هوا، پاڻي مٽي.
• عنان: واڳ، لغام، ج اَعنة.
• عَناية:مهرباني ڪرم ،شفقت،نوازش (ج) عنايات
• عنبر: هڪ قسم جي خوشبوءِ
• عَنبير: عنبر جهڙي خوشبوءِ ڏيندڙ ڪاري شيءِ، گلال ڳاڙهو رنگ جيڪو خوشيءَ جي موقعي تي زالون هڪ ٻئي کي هڻن.
• عند: وٽ.
• عندالطلب: گهرڻ تي.
• عندليب: بلبل پوري( ج)عنادل.
• عَندِيه: راءِ مرضي ارادو.
• عهد شباب: ڦوهه جواني، جوانيءَ واري تازگي.
• عنقا:هڪ خيالي پکي، ناياب، اڻلڀ.
• عنقريب: تمام جلد ويجهو
• عنڪبوت: ڪوريئڙو.

• **عنوان:** سرو، سرخي، هيڊنگ، موضوع.
• **عواقب:** (عاقبت جو جمع) پڇاڙي، خاتمو.
• **عوام:** (عام جو جمع) عام ماڻهو، عام خَلق، رعيت.
• **عوام الناس:** عام ماڻهو، خلق.
• **عوامل:** (عامل جو جمع) سبب اسباب، طريقا.
• **عود:** هڪ قسم جي ڪاٺي جنهن سان خوشبوءِ ٿئي، هڪ قسم جو ايراني ساز.
• **عورة:** اصل معنيٰ اوگهڙ، شرم گاهه، انسان جو اهو عضوو جنهن کي شرم ڪان ڍڪيو وڃي (سنڌي ۾ زال يا گهرواري).
• **عوض:** بدلو، عيوض بدو.
• **عهد:** زمانو، وقت، دور، حڪومت جو زمانو، انجام، وعدو، وچن.
• **عهدة:** رتبو، سرڪاري منصب.
• **عيادة:** بيمار جي مزاج پرسي.
• **عَيار:** چالاڪ، مڪار، ٺڳ، فريبي.
• **عياش:** (عرب: ۾ عيش جي معنيٰ آهي زندگي ماڻي ڏاني وڪٽنڙ کي چئبو آهي، عائش جنهن جو مبالغو آهي عياش، سنڌيءَ ۾ معنيٰ آهي عيش ڪندڙ شوقين بدڪار آرام پسند.
• **عيال:** ٻار ٻچا، ڪٽنب، آڪهه.
• **عيان:** ظاهر، چٽو، پڌرو.
• **عيب:** نقص، خرابي، قصور، گناهه.
• **عيد:** (عَودُ: وري وري اچڻ) مسلمانن جي خوشيءَ وارو ڏينهن، شوال جي پهرين تاريخ، عيد الفطر، 10 ذوالحج تي ٿيندڙ عيد عيد الاضحيٰ قربانيءَ واري عيد
• **عيسيٰ:** هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو، عيسيٰ عبراني لفظ يشوع جو معرب آهي اُن جي معنيٰ اهي سيد ۽ سردار، عيسائي حضرت عيسيٰ جو پوئلڳ مسيحي عيسوي سَنُ بہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام سان منسوب حضرت عيسيٰ جي ولادت سان منسوب ٿيل.
• **عيش:** خوشي آرام، آسائش خواهش جي تڪميل مزو.
• **عين:** اک، چشم، خاص ساڳيو هوبهو.
• **عين اليقين:** اکين ڏٺو يقين.
• **عيوض:** (عوض) بدلو اجورو، معاوضو بدلو.

# غ

• غار:(غور:اونهائي عمق) جبل ۾ وڏو سوراخ،سرنگهه،کوهه مثلاً غارحراءِ.
• غارة: دشمن تي ڪيل حملو، لٽ مار، برباديِ
• غازي:ڪافرن سان وڙهندڙ مسلمان.
• غاشيہ:اٺ تي وجهڻ جو ڪپڙو،پلاڻ.
• غاصب:(فاعل غصب):زبردستيءَ حق کسڻ، زبردستي حق کسيندڙ، ٻئي جو حق ڦٻائيندڙ.
• غافِل:(فاعل غُفُول غفلة_غافل رهڻ) غفلت ڪندڙ، بي ڌيان بي پرواهه.
• غالب:(فاعل غلب:غلبة غالب اچڻ) فتح ڪرڻ، فتح ڪندڙ، زبردست، ڏاڍو.
• غالباً: شايد، يقيناً.
• غالي:(غُلو: حد کان وڌيڪ مبالغو ڪرڻ) حد کان وڌندڙ هڪ فرقي جو نالو جو حضرت علي کي خدا مڃيندا آهن
• غائبُ:(غيب،غيابُ،غير حاضر رهڻ) غير حاضر، غير موجود، پوشيدو، لڪل
• غائر: (غور: عُمَق) اونهو، عميق
• غاية: غرض مطلب، مقصد
• غبار: ڌوڙ، دز مٽي، رنج، ڏُنڌ ملال
• غباره: ڦوڪڻو.
• غبغب:ڪاڏي واري ڪڏ جيڪا سونهن ۾ شمار ٿيندي آهي
• غَبَنُ:خيانت،خرد برد، امانت ۾ گهوٻي.
• غبي:(غباوهه) ڪُندُ ذهن، ڏڏ، موڳو.
• غدار:(غدر) فسادي،باغي،ملڪ جو دشمن.
• غدر: فساد، بلوو هنگامو، بغاوت.
• غدود:ماس جو ڳوڙهو،مشڪ خلط.
• غذا: ڪاڌو، خوراڪ.
• غراب: ڪانءُ، سامونڊي جهاز.
• غراره: گرڙي.
• غرائب:غريب جو جمع،اڻ لڀ شيون.
• غرباء: (غريب جو جمع)مسڪين.
• غربة: مسڪيني،مفلسي اڻ هوند.
• غرض:ضرورت،گهرج حاجت، خواهش پرواهه، ڪاڻ حاصل ڪلام.
• غرق: ٻڏل، مشغول، غلطان.
• غروب: سج جو لهڻ.

• **غرور:** تڪبر گهمنڊ فخر هٺ.
• **غرة:** قمري مهيني جي پهرين تاريخ
• **غريب:** مفلس، مسڪين ڪنگال عاجز مسافر.
• **غريق:** (غرق) ٻڏل
• **غزال:** هرڻ، هرڻ جو ٻچو.
• **غزل:** حسن ۽ عشق جي مضمون وارو شعر.
• **غزوات:** غزوة جو جمع ڪفار سان جنگيون ان جهاد کي غزوه چئبو آهي جنهن ۾ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم شامل ٿيا هجن.
• **غسل:** سڄي بدن کي ڌوئڻ وهنجڻ.
• **غش:** غش جو مخفف، بيهوش ماندو ماٺو.
• **غصب:** ظلم. بي انصافي، ٻئي جو حق ڦٻائڻ.
• **غصة:** رنج، اندوهہ. غم. ڪاوڙ ڏمر.
• **غضب:** ڪاوڙ قهر ڏمر.
• **غضنفر:** شينهن بهادر عُفاڄ سرنگهہ.
• **غفار:** (غفران) معاف ڪندڙ بخشش ڪندڙ خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
• **غفلة:** بي ڌياني، بي خبري، اڻ ڄاڻائي، ڀل، سستي.
• **غفور:** (غفران) معاف ڪندڙ خطا بخش ڪندڙ. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **غل:** غُلغُل: جو مخفف هل شور، گوڙ.
• **غلاظة:** گندگي ڪن ڪچرو نجاس.
• **غلاف:** ڇهہ. پوش.
• **غُلام:** زر خريد چوڪرو ٻانهو. گولو.
• **غلبة:** فتح، طاقت. زور.
• **غلط:** اڻ درست، غير صحيح. ڪوڙ
• **غِلمان:** (غلام جو جمع) غلام.
• **غُلو:** مبالغو.
• **غلة:** اناج فصل پيدائش.
• **غليظ:** گهاٽو گندو ٿلهو.
• **غم:** رنج، ڏک، ملال فڪر.
• **غمزه:** اک جو اشارو ناز سيج.
• **غِناء:** راڳ، ڳائڻ نغمو.
• **غُنوَ:** نڪ مان نڪرندڙ ن اکر جو آواز.
• **غني(غَناء):** شاهوڪاري دولت مندي شاهوڪار، دولتمند. تونگري بي نياز خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

• غَنيمُ: (غنيمة: ڦرلٽ)ڦرلٽ ڪندڙ دشمن،دشمن جو لشڪر، بي انداز ماڙهو، انبوهه.

• غَنيمة: لٽ جو مال دشمن کان کسيل مال.

• غواص: (غوص، ٽٻي هڻڻ،غوطو لڳائڻ، ٽوٻو، اونهو ويندڙ، حقيقت معلوم ڪندڙ.

• غَوث:(غوث/غياث):مدد لاءِ پڪارڻ، اولياءَ الله جي لقبن مان هڪ لقب.

• غَور: غور: اونهو وڃڻ تهه ۾ وڃڻ) ويچار ڪرڻ سوچ ويچار، فڪر، ڪنهن شيءِ جي اصليت/ حقيقت معلوم ڪرڻ جي ڪيفيت

• غوطه:ٽٻي هڻڻ) ٽٻي گوتو انبوهه.

• غَول: جن ڀوت.

• غَيبُ: غير موجودگي ڏسڻ ۾ نه اچڻ لڪ، راز، ڳجهه.

• غَيبة: گلا، نندا، عيب جوئي

• غَير: ٻيو، ڌاريو جدا، مختلف، ڌار.

• غير ضروري: اجايو، فضول.

• غير فاني: فنا نه ٿيندڙ.

• غير متحرڪ: حرڪت ۾ نه ايندڙ، اڻ چرندڙ.

• غير محدود: حد حساب کان ٻاهر

• غير مشروط: بنا شرط / شروط جي

• غير ممڪن:ناممڪن،مشڪل حال.

• غير واجب: نامناسب، اجايو

• غير واقف:اڻ سڃاتو،اڻ واقف، اوپرو، اجنبي.

• غِيرة: شرم، لڄ حياءُ.

• غيرية: ڌاريائي ٻيائي بيگانگي.

• غيض:سخت غصو،وڏي ڪاوڙ، قهر.

• غَيور: وڏي عزت ۽ غيرت وارو.

# ف

• **فاتح:**(فتح: فتح ڪرڻ) فتح ڪندڙ.

• **فاتحہ:** قرآن شريف جي پهرين سورة.

• **فاتر:**(فتور:ڪمزوري) ڪمزور،هيڻو.

• **فاجر:**(فجور:بدڪاري)بدڪار، زاني مذڪر، زاني بدڪار مونث.

• **فاحش:**قبيح،شرمناڪ،زاني بدڪار، مذڪر.

• **فاختہ:**مشهور پکي ڳيري ڪبوتري.

• **فاخر:** (فخر) فخر ڪندڙ.

• **فاخره:** قيمتي عمدي چيز.

• **فارابي:**فارب جو رهندڙ معلم ثاني.

• **فارحطي/فارقطي:** (فارغ خطي زال مڙس جي وچ ۾ بي تعلق جي لکت، طلاقنامو.

• **فارس:** ايران.

• **فارسي:** ايراني ٻولي.

• **فارغ:**(فراغ: واندو هئڻ،خالي هئڻ) واندو، آجو، خالي آزاد بي فڪر.

• **فار قليط:** اصل ۾ عبراني لفظ فاراقلسط جو معرب آهي جنهن جي معنيٰ احمد ﷺ آهي حضرت عيسيٰ عليه السلام پنهجي حوارين کي فرمايو: خدا وند تعاليٰ اوهان کي ٻيو رسول فار قليط موڪليندو. انجيل يوحنا باب 14 درس 3

• **فاروق:**(فرق)ٻن چيزن ۾ فرق ڪندڙ يعني حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ حضرت عمر رضہ جو لقب.

• **فاسد:** (فساد)فساد پيدا ڪندڙ، بدچال، لچ.

• **فاسق:** (فسوق) بدڪاري، بدڪار، زاني، گنهگار، مذڪر.

• **فاسقہ:** بدڪار، زاني مونث.

• **فاصل:**(فصلي:جدا ڪرڻ)،جدا ڪندڙ.

• فاصله: ويڇو، دوري وٿي مفاصلو.

• **فاضل:**(فضل / فضيلت) وڌيڪ زياده گهڻو،فضول اجايو، وڏو عالم.

• **فاطمہ:** نبي سڳوري صلي الله عليہ وسلم جي ڌيءَ جو نالو.

• **فاعل:** ڪم ڪندڙ، گرامر موجب ڪم ڪندڙ اسم.

• **فاقہ:** بک، لنگهڻ ويلو.

• **فال:** سوڻ ڄڄهي معلومات جو هڪ ٽوٽڪو، ڪنهن معاملي جي سڀاڳ نڀاڳ ٿيڻ جي غيب داني.

• **فالج:** هڪ قسم جي بيماري، اڌ رنگ.

• **فائده:** نفعو، لاڀ، آمدني، ڪمائي.

• **فائز:** (فوز پهچڻ حاصل ڪرڻ) ڪامياب.

• **فائق:** فوق: بلند ٿيڻ سوڀارو، اڳرو، اعليٰ معزز

• **فَبِهَا:** (ف= پس بِ = مان ها = هنَ) وڌيڪ سٺو، بهتر هن تي راضي آهي اسان کي منظور آهي

• **فتاح:** (فتح سوڀ) فتح ڪندڙ، کوليندڙ، سوڀارو، الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.

• **فتاويٰ:** فتويٰ جو جمع، فتوائون: فتوي= شرعي احڪام.

• **فتنه:** حرڪت، فساد، لچائي شرارت.

• **فتوح:** فتح جو جمع.

• **فتوحات:** فتوح جو جمع.

• **فتور:** فتر جو مصدر= گهٽ ٿيڻ، تيزيءَ کان پوءِ ڍرو ٿيڻ، ڪمزوري، هيڻائي، سستي، ڍرائپ، ٿڌائپ، نااتفاقي عيب، جهڳڙو فتنو.

• **فَتِيل:** وَٽ، ٻٽي.

• **فجر:** صبح، پرڀات، پره ڦٽي.

• **فجور:** بدڪاري، گناه.

• **فَحَاشي:** گندگي، بيحيائي، اوگهڙ.

• **فحش:** بيحيائي، شرم جهڙي ڳالهه، گار گند.

• **فخر:** ناز، گهمنڊ بزرگي، وڏائي.

• **فداء:** قربان، صدقي، گهور.

• **فِديه:** صدقو، تاوان ڪنهن قيديءَ کي ڇڏائڻ لاءِ عيوض ۾ رقم جان جو عيوض.

• **فَرار:** ڀاڄ ڊوڙ.

• **فراهة:** ڏاهپ، سياڻپ، عقلمندي.

• **فراش:** فرش وڇائيندڙ ملازم، صفائي ڪندڙ نوڪر.

• **فراغت:** واندڪائي، فرصت، ڇوٽڪارو، آزادي.

• **فراق:** جدائي وڇوڙو.

• **فرائض:** فريضه جو جمع= فرض خدائي حڪم.

- **فرج:** وٿي،چير،عورت جي شرمگاهه.
- **فرح:** راحت، آرام.
- **فرحة:** خوشي سرهائي آرام، سک
- **فرد:** اڪيلو، تنها، واحد.
- **فرداً فرداً:** جدا جدا، الڳ الڳ.
- **فردوس:** بهشت، باغ.
- **فرش:** گلم، سرن وغيره جو جوڙيل تهيل پڪو تر.
- **فرصت:** واندڪائي، خالي وقت.
- **فرض:** خدا جي حڪم سان مقرر ٿيل ضروري ڪم.
- **فرھا:** جهجهائي ڪثرت.
- **فرع:** ٽاري، شاخ(ج) فروع.
- **فرعون:** قديم مصر جي بادشاهن جو لقب مغرور.
- **فرعي/ فروعي:** فرع سان منسوب.
- **فرق:** ويڇو، جدائي، تفاوت، ڦير.
- **فرقان:** سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪندڙ قرآن شريف.
- **فرقت:** جدائي وڇوڙو، فراق.
- **فرقدان:** قطب شمالي جا ٻه ستارا جي قطب جي پرساڻ آهن ۽ ان جي چوڌاري ڦرندا رهن ٿا.
- **فرقه:** جماعت، گروهه.
- **فروعات:** اهي فقهي مسئلا جن جو اصولي عقيدي سان تعلق نه هجي
- **فريق:** جماعت، گروهه.
- **فساد:** خرابي، جهيڙو، دنگو، ڏڱاڙ.
- **فسخ:** ارادي جي تبديلي،ڪنهن معاهدي يا نڪاح جي تنسيخ.
- **فسق:** (فسوق) بدڪاري زنا، ڏوهه.
- **فصاحة:** خوش بياني گفتگوءَ ۾ مهذب ٻوليءَ جو استعمال.
- **فصيح:** خوش بياني مهذب گفتگو، صحيح ۽ صاف زبان ڳالهائيندڙ.
- **فصد:** خراب رت واري نس ٻبض.
- **فصل:** پوک، کيتي، موسم ڪتاب جو حصو.
- **فصيل:** ديوار، پٽ، چوديواري.
- **فضا:** کليل ميدان بهار، رونق.
- **فضائل:** فضيلة جو جمع، خوبيون.
- **فضلاء:** فاضل جو(جمع)وڏا عالم
- **فضول:** اجايو، بيفائدو
- **فضيحت:** ذلت، خواري
- **فطانت:** هوشياري، ڏاهپ، سياڻپ.
- **فطرة:** قدرت،بناوت،طبيعت، زاج.

- **فطرة**:روزن جي صدقي ڏنل زڪواة.
- **فطري**: قدرتي، طبعي پيدائش.
- **فعل**: ڪم، عمل.
- **فعل**: بڇڙو ڪم، بدڪاري.
- **فقدان**: ڪمي، گهٽتائي.
- **فقر**: درويشي، محتاجي، غربت.
- **فقراء**: فقير جو جمع درويش محتاج.
- **فقرة**: ٽڪرو شق.
- **فقط**: صرف، رڳو.
- **فقه**:مذهبي قانون عقل دين جو علم.
- **فقيه**: فقه جو عالم.
- **فقير**:محتاج،ناچيز،درويش ج فقراء.
- **فِڪر**:سوچ، ڳڻتي، خيال(ج)افڪار.
- **فلاح**:نجات،چوٽڪارو،ڀلائي،خوشحالي.
- **فلاڪة**:مسڪيني،غربت، مفلسي.
- **فلسفہ**: حڪمت، دانائي بحث ڪرڻ جو علم.
- **فلڪ**: آسمان، عرش(ج)افلاڪ.
- **فلڪيات**: آسمان متعلق/سج چنڊ تارن جو علم.
- **فلوس**: فِلس جو جمع: پئسا.
- **فم**: وات.
- **فن**:هنر،صنعت،ڪاريگري، ڪرتب.
- **فنا**: موت، نيستي، بربادي.
- **فِنجان**: ننڍي پيالي، ڪوپ.
- **فواره**: ڦوهارو.
- **فوت**: موت، نيستي.
- **فوج**: لشڪر(ج)افواج.
- **فوراً**: فوري: يڪدم، جهٽ پٽ.
- **فوط**: پوتڙو لنگي.
- **فوقيت**: ترجيح برتري.
- **فولاد**: رَڪ.
- **فهرست**: وچور تفصيل
- **فهم**: عقل دانائي(ج)افهام.
- **فهيم**: عقلمند، دانا، ڏاهو.
- **في**: حرف جَر ۾، منجهه، اندر.
- **في البديه**: فوراً، ته پهه.
- **في الحال**: هن وقت.
- **في الفور**: يڪدم.
- **في الوقت**: هن وقت، هينئر.
- **في امان الله**: خدا جي حفاظت ۾.
- **في سبيل الله**: خدا جي راهه ۾.
- **فياض**: (فيض) سخي.
- **فيصل**: فيصلو ڪندڙ حاڪم.
- **فيصلو**: نبيرو، انصاف، فتويٰ.
- **فيض**: فائدو نفعو.
- **فِيل**: هاٿي.

# ق

• قَاب: (قوب) مفاصلو، وٿي.
• قاب قوسين: ٻن ڪمانن جي وچ وارو مفاصلو.
• قابض: (قبض) قبضو ڪندڙ.
• قابل: (قبل) لائق اهل علم فاضل.
• قابليت: لائق لياقت، ڍنگ، ڏاهپ
• قابيل: حضرت آدم جي پٽ جو نالو جنهن پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو.
• قاتل:(قتل)قتل ڪندڙ،خون ڪندڙ.
• قادح: (قدح) تنقيد ڪندڙ، بدگوئي ڪندڙ نقاد.
• قادر:(قدر، قدرة) قدرت وارو، اختيار وارو، خدا تعالىٰ جو هڪ نالو.
• قاروره: مثانو شڪل شيشي جنهن ۾ طبيب بيمار جو پيشاب پري ڏسندو آهي مجازاً پيشاب.
• قارون: هڪ وڏي دولتمند جو نالو جنهن جي خزاني جون ڪنجيون چاليهن اٺن تي ڪجنديون هيون حضرت موسيٰ عليه السلام جو سوٽ هو، نهايت بخيل ۽ ظلم سان مال جمع ڪيو هئائين حضرت موسيٰ کيس ظلم نه ڪرڻ ۽ زڪواة ڏيڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪئي جنهن تي هو سندس مخالف ٿي پيو. آخر قهر الاهيءَ سان قارون پنهنجي خزانن سان تباهه ٿي ويو.
• قاري (قراءت):پڙهڻ،پڙهندڙ قراءت سان قرآن شريف پڙهندڙ( ج)قراءُ.
• قاز: پکي جو هڪ قسم.
• قاسم:(قسم) ورهائيندڙ حضرت امام حسن ؑ جي صاحبزادي جو نالو جيڪو ميدان ڪربلا ۾ شهيد ٿيو.
• قاصب:(قصب) گوشت پائيندڙ ۽ وڪڻندڙ، ڪاسائي.
• قاصد:(قصد_ ارادو) ارادو ڪندڙ. قصد ڪندڙ.
• قاصر: (قصر) ڪوتاهي ڪندڙ.
• قاضي:(قضاءُ:فيصلو)شريعت مطابق فيصلو ڪندڙ، منصف( ج)قضاة.
• قاضي الحاجات: حاجتون پوريون ڪندڙ خدا تعالىٰ.
• قاضي القضاة: وڏو قاضي.
• قاطع: قطع ڪندڙ، ڪاٽيندڙ.
• قاعدو: (قاعده) قانون دستور، رواج
• قافلو: (قافلہ) مسافرن جي جماعت، ڪاروان ساٿ، اٺن جي قطار.

• **قافيو:** ٻن يا زياده شعرن ۾ آيل پڇاڙيءَ وارو لفظ.
• **قال:**(قول:چوڻ) ڳفتو، مقولو،چوڻي، زباني پچار ،حال جو ضد.
• **قالب:** سانچو، ڪارب.
• **قامت:** بيهڪ، هائي.
• **قانع:**(قنع ٿوري تي راضي رهڻ) قناعت ڪندڙ،ٿوري تي راضي رهندڙ.
• **قانون:** دستور، قاعدو، آئين
• **قائد:**(قود اڳواڻي ڪرڻ)اڳواڻ رهبر.
• **قائل:**(قول)چوندڙ،مڃيندڙ، تسليم ڪندڙ.
• **قائم:**بيٺل، برقرار،اڀو،عمودي، مقرر.
• **قَبا:** هڪ مشهور پوشاڪ جا علماء پهريندا آهن_ عبا.
• **قُباء** : مدينہ منوره ڀرسان هڪ ڳوٺ جتي رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن منزل انداز ٿيا هئا ۽ اسلام جي پهرين مسجد جوڙائي هئائون.
• **قباحت:**(قبح)خرابي،برائي،نقص،عيب.
• **قَبالہ:** دستاويز، جائداد جو ڪاپارو.
• **قبائل:** قبيلہ جو جمع
• **قبر:** گور، لوڙهہ، مدفن ج قبور
• **قبض:**وس، قابو،قبوليت جو دستاويز.
• **قبضو:**(قبضہ) دخل، تصرف، اختيار.
• **قبل:** پهريائين، اڳيان، اول.
• **قبلہ:** ڪعبة الله جو طرف.
• **قبو:** (قبہ) گنبذ ج قباب.
• **قُبول:** تسليم، مڃتا، رضامندي منظوري هائوڪاري.
• **قبيح:** (قبح) بدشڪل، بڇڙو، خراب
• **قبيل:** ٽولي، گروهہ، قسم، نوع.
• **قبيلو:** (قبيلہ) خاندان، گهراڻو، قوم ڪٽنب، عيال.
• **قِتال:** قتل، خونريزي.
• **قتال:** گهڻا قتل ڪندڙ مذڪر.
• **قتالہ:** گهڻا قتل ڪندڙ عورت.
• **قتيل:** قتل ٿيل، مقتول.
• **قَحبَہ:** بدڪار عورت، فاحش، رنڊي
• **قحط:** ڏڪار، اڻاٺ، قلت.
• **قحط الرجال:** مردن جي اڻاٺ، چاڻو ماڻهن جي ڪوٺ.
• **قد:** ڪنهن شيءِ جي ڊيگهہ بدن جي ڊيگهہ قد و قامت، جسم جي بيهڪ، ڪاٺي.
• **قد:** هوڏ، بحث، تڪرار.
• **قدامت:** جهونائي پراڻائي.
• **قَدَح:** پيالو، وڏو پيالو.
• **قدر:** وڏائي عزت، درجو، مرتبو
• **قدرت:** خدا تعاليٰ جي صفت، شان طاقت، توفيق دنيا، جهان جڳت.
• **قدس:** پاڪ، مقدس.

• **قدم**:پير، هلڻ ۾ هڪ پير کان ٻئي پير جي وچ وارو مفاصلو وک.
• **قُدماء**: قديم جو جمع پراڻا ماڻهو.
• **قدوس**: پاڪ، مبارڪ، خدا تعالىٰ جو هڪ نالو.
• **قدير**:قدرت وارو،سگهارو،ڌڻي تعالىٰ جه هڪ صفاتي نالو.
• **قَديم**: آڳاٽو، جهونو، ڌڻي تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **قرابت**:ويجهائي،رشتيداري ويجهي عزازت.
• **قراءت**: قرآن شريف کي درست لهجي ۾ پڙهڻ.
• **قِران**: ٻن سيارن جو هڪ برج ۾ جمع ٿيڻ.
• قرآن: مسلمانن جو مذهبي پاڪ ڪتاب، ڪلام الله.
• **قرائن**: قرينة جو جمع، سليقو، ڍنگ، تخمينو
• **قُربُ**:ويجهائي،اوڏائي محبت، نينهن.
• **قربان**: صدقو، گهور، فدا، نثار
• **قرباني**:صدقو،عيدالاضحىٰ تي جانور ذبح ڪرڻ.
• **قرت وجوار**: ويجهڙائي آسپاس.
• **قرة العين**: (قرت: ٺڏاڻ فرحت).
- **عين**: (اک) اک جي ٺڏاڻ.
• **قُرص**:ٽڪي(دوا جي)گولو(سج يا چنڊ جو).
• **قَرضُ**: اوڌر.
• **قرطاس**: ڪاغذ، پنو
• **قُرعَہ**:ڇڪو، ڀڙن پکو، ڪٽو.
• **قرنقل**:لونگ.
• **قرمزي**:قرمچي رنگ جو هڪ قسم.
• **قُرمساق**: ديوث، ڀڙوو (زال جو).
• **قَرنُ**:زمانو، وقت، ڏگهو زمانو، سگ (جانور جو) صدي.
• **قَريب**: ويجهو.
• **قُريش**:عربستان جو اهو معزز قبيلو جنهن مان نبي سڳورو صلي الله عليه وسلم پيدا ٿيو.
• قَريہ: ڳوٺ(ج)قُري.
• **قِسط**: قرض جو حصو.
• **قَسم**: سُنهن.
• **قِسمُ**: نوع، نمونو، جنس.
• **قسمت**: نصيب ڀاڳ، تقدير، بخت
• **قصاب**: ڪاسائي.
• **قصابه**:اهو ٽڪندو رومال جيڪو عورتون پنهنجي مٿي کي ٻڌن.
• **قصاص**: بدلو خون جو عيوض.
• **قصبات**: قصبه جو(جمع)ڳوٺ.

• **قَصداً:** ارادي سان، هاسيڪار.
• **قصر:** محل قلعو،ڪوٽ،سفر ۾ چئن رڪعتن جي جاءِ تي ٻه رڪعتون پڙهڻ.
• **قِصه:** ڪهاڻي ڳالهه حڪايت، داستان.
• **قُصُور:** خطا، ڏوهه ڪوتاهي.
• **قصيدو:** ڪنهن جي تعريف ۾ چيل شعر.
• **قضا:** خدا جو حڪم ،نصيب، قسمت، اجل انصاف، عدالت.
• **قضية:** معاملو،فيصلو،واقعو، موت (ج)قضايا
• **قط:** ڪلڪ جي نوڪ کي پاسيرو وڍ.
• **قطار:** سلسلو، ترتيب، لائين
• **قطب:** جاگرافيدانن جي حساب کان زمين جي محور جو انتهائي ڪنارو.
• **قطب شمالي:** اتر قطب.
• **قطب جنوبي:** ڏکڻ قطب، هڪ تارو جو جدي ۽ فرتدين جي وچ ۾ واقع آهي انتهائي اتر وارو اهو تارو جو هميشه هڪ هنڌ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ پنهنجي جڳهه کان ذري جيترو به نٿو چري (3) خدا جو هڪ برگزيدہ ولي جنهن تي دنيا جي انتظام جو مدار هجي.
• **قطر:** گول کي ٻن اڌن ۾ ورهائيندڙ وچ واري ليڪ.
• **قطره:** ڦڙو، ٽپڪو، بوند.
• **قطعة:** ٽڪر.
• **قطع:** ڪاٽڻ.
• **قطع تعلق:** لاڳاپي جو خاتمو.
• **قطعي:** آخري مڪمل يقيني فيصلہ ڪن.
• **قطعاً:** يقيناً، قطعي طور.
• **قطعہ:** ساڳئي مضمون ۽ قافيہ وارا ٻہ شعر.
• **قطمير:** اصحاب ڪهف جي ڪُتي جو نالو.
• **قطيفہ:** ريشمي ڪپڙو، بخملي چادر ڪيس(ج)قُطف، قطائف.
• **قعر:** ڪوهہ يا درياءَ جي اونهائي اوڙاهہ وڏي ڪڏ.
• **قفص:** پڃرو.
• **قفل:** ڪلف، تالو
• **قل:** قل هو الله احد جو مخفف قرآن شريف جي سورة اخلاص ۽ ٻيا ٽي قُل. آهي چار سورتون جيڪي قل سان شروع ٿين ٿيون.
• **قلايہ:** مڇي پڪڙڻ جي ڪنڍي.

• قِلب: دل، هنيون.
• قِلت: گهٽتائي، ڪمي، اڻاٺ.
• قلزم: سمنڊ، ڳاڙهو.
• قلع: هٽائڻ، شمار ڪرڻ.
• قَلعَه: ڪوٽ، ڳڙهه، عالم پناهه.
• قمعَ: پٽڻ، ڍاهڻ.
• قلعي: هڪ قسم جو ڌاتو رنگ.
• قلفي: برف ۾ کير مان ٺهيل ڪلفي.
• قلق: رنج، ڏک، افسوس.
• قلم: جنهن سان لکيو وڃي، لکڻي لونڊڙي تي چڙهيل وار، وڻ جي ٽاري جو وڍيل ٽڪر جيڪو پوکڻ لاءِ زمين ۾ هنيو وڃي قانون جي شق/ يا فقرو.
• قلوب: قلب جو(جمع)دليون.
• قليل: گهٽ، ٿورو، ننڍو جزوي.
• قِليَه: اسم مصدر قلي = پچڻ پڪل گوشت، پڳو.
• قِصَارُ: بازي يا شرط لڳائڻ يا شرط واري رانڊ.
• قَمِيرُ: مُقامرُ: جوئاري ج اَقمَارُ
• قُمَاشُ:اسبَاب،گهر جو سامان،ريشمي ڪپڙو بزاز ڪپڙي جو واپاري(ج) اقمشه پرورش سياءِ ڊنگ.
• قمر: چنڊ پهرين تاريخ جي چنڊ کي هلال، چوڏهين جي چنڊ کي بدر.
• قَمَرِي:چنڊ سان متعلق چنڊ جي مهينن وارو سال هجري.
• قُمري:ڪبوتري (اڇي خاڪي رنگ واري).
• قُمقُمو: ڇت ۾ ٽنگڻ لاءِ شيشي جو گولو ننڍو فانوس.
• قميص: پهراڻ، ڪڙتو.
• قَنات:ڪپڙي جي اوٽ يا ديوار جيڪا شامياني جي چوڌاري اچي.
• قناديل:قنديل جو جمع فانوس شمعدان.
• قناعت: جيڪي ملي ان تي راضي رهڻ، ڪفايت، پورت.
• قنبر: حضرت علي رضي الله عنه جي غلام جو نالو.
• قند: مصري.
• قنوطَ: نا اميدي، مايوسي.
• قواعد:قاعده جو جمع، قانون اصول.
• قوال:صوفياڻا ڪلام چوندڙ ڳائڻو، صفت ساراهه جا ڪلام ڳائيندڙ.
• قوالي: ڳائڻ جو هڪ نمونو.
• قِوام: ڪنڊ واري پاڻي کي ٿهڪائي ٺاهيل گهاٽو شيرو.
• قوانين: قانون(جمع)قاعدا.
• قُوت: (قوة) طاقت، زور، سگهه.
• قُوتُ: کاڌو خوراڪ، رزق.

• قوسُ: ڪمان آسمان جو هڪ برج.
• قوسُ قزح: انڊلٺ.
• قول: ڳالهه، جملو، چوڻي، وعده انجام.
• قوم: ذات، نسل، خاندان، گهراڻو گروهه.
• قومي: قوم سان متعلق.
• قوميت: نسل، ذات.
• قَوي: طاقتور، سگهارو، مضبوط خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• قُوَي: قوة جو (جمع) قوتون، طاقتون.
• قهار: ڏاڍو قهري زبردست ظالم، تمام وڏو غالب، خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• قهر: زبردستي زور، غلبو.
• قهقهه: ٽهڪ، وڏي واڪي زور سان کلڻ.
• قهوة: هڪ ٻوٽو ۽ ان جو ڪارو ٻج جنهن کي ڪاڙهي چانهه وانگر پيئندا آهن.
• قي: الٽي ڪڍ، ڊاڪ.
• قيادت: اڳواڻي، پيشوائي.
• قياس: گمان خيال اندازو، ڪٿ.
• قيافو: (قيافہ) شڪل صورت. انسان جي عادتن ۽ مهانڊي مان اندازو.
• قيامُ: (قيامت) قيامت، حشر، روز جزا، نماز ۾ بيهڪ استقلال.
• قيامة: روز حشر، قيامت.
• قيد: جيل، زندان، بند، ٻيڙي.
• قيراط: درهم جي ٻارهين حصي جو وزن.
• قيس: عرب جي مشهور و معروف عاشق رئيس العاشقين مجنون جو نالو جيڪو ليليٰ جو عاشق هو. چاڪاڻ جو هو قبيلہ بنو عامر مان هو. ان ڪري ڪيس قيس عامري سڏيو آهي. سن 70 هجريءَ ۾ فوت ٿيو.
• قيصر: روم جي شهنشاهه جو لقب اهو ٻار جنهن جي پيدائش کان ٿورو اڳ سندس ماءُ مري وڃي ۽ مئل ماءُ جي پيٽ مان ٻار ڪڍيو وڃي، چاڪاڻ جو روم جو پهريون بادشاهه اهڙي طرح پيدا ٿيو ان ڪري کيس قيصر سڏيائون ان کان پوءِ شاهان روم جو لقب بنجي ويو.
• قَيل: فرمانروا، بادشاهه.
• قِيل: (قول) ڳالهه چوڻ.
• قيل مقال: ڳالهه ٻولهه گفتگو بحث مباحثو.
• قيل و قال: چيائين، چيو ويو.
• قيلولہ: ٻپهرن جي ماني بعد ننڊ ڪرڻ.
• قيمة: ملهه دام، اگهه، نرخ.
• قِيود: قيد جو (جمع) ٻيڙيون.
• قَيوم: قائم رهندڙ، وڏو قادر، بي مثل، بي نظير، لاثاني، وڏو حفاظت ڪندڙ.

# ڪ

- **ڪَ:** وانگر، جيئن مثل
- **ڪاتب:** (فاعل ڪتب) ڪتابت ڪندڙ سهڻا اکر لکندڙ
- **ڪاذب:**(فاعل ڪذب _ ڪوڙ هڻڻ) ڪوڙو، ڪوڙ ڳالهائيندڙ.
- **ڪاسب:** (فاعل ڪسب) ڪسب ڪندڙ، پورهيت، هنرمند.
- **ڪاس:** پيالو، جمن، اناج پرڻ جو هڪ ماڻ
- **ڪاشف:**فاعل ڪشف:کولڻ) کوليندڙ.
- **ڪاغذ:** پنو، قرطاس چٺي خط
- **ڪافر:** فاعل ڪَفَر، خدا کي نہ مڃيندڙ، منڪر.
- **ڪافور:** هڪ قسم جي مشهور خوشبوءِ، ڪپور، مُشڪ، ڪافور.
- **ڪافي:** فاعل ڪفي، گهرج مطابق پورو، گهڻو، سنڌي نظم جي هڪ صنف.
- **ڪامل:** (ص) اڪمل، پورو هئڻ مڪمل پورو، سالم، سچو سارو جملي پڪو، مضبوط، عارف.
- **ڪاهل:** (ڪهل_ سستي ڪرڻ). سست، آرسي، ڏوتي، ڪم چور، هيڻو.
- **ڪاهن:** (ڪهانت: غيب جون خبرون ٻڌائڻ) غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ، بتخاني جو وڏو پوڄاري.
- **ڪائنات:** (ڪون مخلوق) مخلوقات، دنيا، عالم، جڳ، جهان سنسار.
- **ڪبر:**وڏائي بزرگي شان اميري غرور تڪبر، پيري.
- **ڪبريٰ:** اڪبر جو مؤنث تمام وڏي
- **ڪبريا**بزرگي عظمت،وڏائي ڪبريائي.
- **ڪبير:**( ڪبر)وڏو بزرگ،جوان شريف.
- **ڪتاب:** ڪتاب لکيت، تحرير، نسخو، رسالو، رجسٽر.
- **ڪتاب الاهي:** خدا جي طرفان ڪنهن پيغمبر تي نازل ٿيل ڪتاب.
- **ڪتابت:** لکيت، تحرير، لِکڻي.
- **ڪتب:** ڪتاب جو(جمع).
- **ڪتبہ:** يادگار طور پٿر تي اڪريل تحرير جيڪا مزار،مقبري، مسجد درگاهہ تي هڻجي
- **ڪثافت:**(ڪثف) گهاٽو ٿيڻ، گهاٽاڻ گهرائي گندگي غائب
- **ڪثر:** واڌ، اضافو گهٽائي، فائدو، لاڀ.

• كثرت:گهڻائي، افراط، جهجهائي، فراوان.
• كثير: (ص) گهڻو، وڏيڪ.
• كثيف: گهاٽو، ميرو، گندو.
• كُحل: سرمون.
• كدورت:(كدورة)ميراڻ،ڪن،گندگي، ڪينو، نفرت.
• كدو كاش: ڪوشش.
• كذا: ائين، اهڙي طرح.
• كذاب: صفت مبالغہ كاذب وڏو ڪوڙو.
• كذب: ڪوڙ.
• كرار: (كر: پوئتي نہ هٽندڙ، حملو ڪرڻ) وري وري حملو ڪندڙ، حضرت علي رضہ جو لقب.
• كرامات:(كرامة جو جمع) ڪرامتون.
• كراماً كاتبين: انسان جا عمل لکندڙ فرشتا.
• كرامت:بزرگي،عظمت،خوبي،بختي.
• كراهت: نفرت، بڇان.
• كرايہ: جاءِ جي مسواڙ، مزوري.
• كرب: رنج غم.
• كربلا: (كرب+بلا جو مخفف) فرات ڪناري اهو هنڌ جتي حضرت امام حسين رضہ پنهنجي عزيزن ۽ احبابن سان گڏ محرم سنہ 61 هجري ۾ شهيد ٿيو.
• كرسي: ڪاٺي يا لوهہ وغيره جي پاين وارو ويهڻ لاءِ تخت.
• كرم: فياضي سخاوت، مهرباني احسان.
• كروفر:عزت آبرو،رعب تاب،دٻدٻو.
• كره: نفرت، بڇان.
• كرہ: گولو.
• كرهُ لارض: زمين جو گولو
• كريم :شريف،اعليٰ سخي ٻاجهارو، خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو، نبي اكرم صلي الله عليہ وسلم جي هڪ وصف.
• كُريهہ: (كراهة) خراب بڇڙو، بدصورت، مڪروهہ.
• كُسابہ:(قصابہ) اهو ٻڪندڙ رومال جيڪو عورتون مٿي کي ٻڌن.
• كُسادُ:بازار ۾ ڪنهن چيز جي موڙي اگهہ ۾ لاٿ.
• كُسب: هنر، ڌنڌو، پيشو.
• كِسريٰ: خسرو جو معرب ايران جي قديم بادشاهن جو لقب.
• كسرت: ورزش.

• **ڪسل:** آرس، سستي.
• **ڪسوف:** سج گرهڻ.
• **ڪشف:** کولڻ، ظاهر ڪرڻ، ظهور، تصوف ۾، غيب جي اسرارن ظاهر ٿيڻ واري منزل.
• **ڪعب:** شرف، بزرگي، چڪو يا ڍارو، ڇهن پاسن واري شيءِ.
• **ڪعب بن زهير:** نبي أڪرم صلي الله عليہ وسلم جي هڪ مداح جو نالو
• **ڪعبه:** مڪہ مڪرمہ واري اها متبرڪ جاءِ جنهن جو بنياد حضرت ابراهيم عليه السلام رکيو هو. جهن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن
• **ڪف:** تري هٿ جي
• **ڪفار:** ڪافر جو(جمع)
• **ڪفارت:**( ڪفارة) گناه جو عيوض جيڪو روزو رکي يا خيرات ڪري ادا ڪجي.
• **ڪفاية:** پورت، قناعت، بچت، صرفو.
• **ڪفر:** انڪار خدا کي نہ مڃڻ ناشڪري بي ديني.
• **ڪفن:** لاش کي اوڍائڻ جو سفيد ڪپڙو.
• **ڪفيل:** (ڪفل ضامن ٿيڻ) ضامن ذميدار.
• **ڪُل:** سڀ، پورو، جملي سڄي ڪائنات.
• **ڪلا:** هڪ اهڙو حرف جو پهرين ڪلام جي ترديد لاءِ ايندو آهي يعني ائين هر گز نہ.
• **ڪلام:** شعر، نظم، قول، نظم گفتگو، ڳالهہ ٻولهہ اها عبارت جا ٻن يا زياده لفظن مان ٺهيل هجي.
• **ڪلام الله:** الله جو ڪلام، قرآن مجيد.
• **ڪلام تام:** مڪمل جملو جنهن جي ٻڌڻ سان پورو مطلب سمجهہ ۾ اچي وڃي.
• **ڪلام ناقص:** اهو جملو جنهن جي ٻڌڻ سان پورو مطلب حاصل نہ ٿئي
• **ڪلب:** ڪتو.
• **ڪلفت:** تڪليف،مصيبت،رنجيدگي، ڪدورت وير،عداوت، ٻيائي،اٽبڻت نفاق.
• **ڪلمات:** (ڪلمي جو جمع) گفتا، جملا قول
• **ڪلمو:** با معنيٰ الفاظ جملو، ڳالهہ قول.
• **ڪلمو:** ڪلمون طيب .
• **ڪلمهءِ استغفار:** توبہ وارو ڪلمو.
• **ڪلمهءِ توحيد:** الله جي وحدانيت جو اقرار.

• ڪلمۂ شهادت: الله جي هيڪڙائي ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم جو اقرار.
• ڪلمۂ طيبہ: الله ۽ الله جي رسول جو اقرار.
• ڪليات: ڪل جو(جمع)هڪڙي ئي شاعر جي چيل نظمن جو مجموعو.
• ڪليد: ڪنجي، چاٻي.
• ڪليم: ڪلام ڪندڙ ڳالهائيندڙ
• ڪليم الله: خدا سان هم ڪلام ٿيندڙ(حضرت موسيٰ عليہ السلام).
• ڪما: جيئن جيترو
• ڪما حَقہ: جيترو ان جو حق آهي
• ڪمال:تڪميل خاتمو انتهائي ترقي اوج فوقيت، برتري خوبي سهڻائي
• ڪمالات: ڪمال جو(جمع)
• ڪماليت: ڪمال تڪميل.
• ڪُميۃ: ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ جو گهوڙو.
• ڪَميت: (ڪم گهڻو) مقدار ماڻ (تور يا ماپ) تعداد.
• ڪُن:امر ٿيءُ: مسلمانن جي عقيدي موجب الله تعاليٰ دنيا کي ناهڻ لاءِ ڪن جو امر ڪيو.
• ڪنايہ : اشارو، اهڃاڻ رمز.

• ڪنز: خزانو. گنج ج ڪنوز فقہ جي هڪ مشهور ڪتاب جو نالو
• ڪنعان: حضرت نوح عليه السلام جي هڪ پٽ جو نالو جنهن ڪفر اختيار ڪيو. شام جي ڏکڻ الهندي حصي جو نالو
• ڪُنيت: پيءُ جو پٽ ڏانهن منسوب ڪيل نالو. مثلاً ابو الحسن رضہ، ابن عمر رضہ.
• ڪواڪب: ڪوڪب جو(جمع)تارا
• ڪوائف:ڪيفية جو(جمع) حالات.
• ڪوثر:بهشت جو هڪ حوض بهشت جي هڪ نهر.
• ڪَوڪَبُ: نهايت وڏو چمڪندڙ تارو (ج)ڪَواڪب.
• ڪهانۃ:غيب جون ڳالهيون ٻڌائڻ، عالم الغيب.
• ڪَونُ: ٿيڻ وجود ۾ اچڻ دنيا، جهان سنسار ڪائنات.
• ڪونين: ٻئي جهان.
• ڪهف: غار، چر.
• ڪي: تان جو.
• ڪيف: حال نشو، مزو، سرور.
• ڪيفيت:حالت،حقيقت،خاصيت، مزاج، نشو، اثر.

# ل

• **لا:** نہ، بغير، بنان، کان سواءِ.
• **لا اُبالي:** (مون کي پرواھ نہ آهي) مجازاً بي پرواھ، بي باڪ بي خوف، لاغرض بي فڪر.
• **لابُد:** لاڪلمہ نفي بد بمعني چاره مان مرڪب آهي: ناگزير، ضروري يقيني بالضرور
• **لات:** هڪ بت جو نالو، جنهن جي حضرت شعيب عہ جي قوم پوڄا ڪندي هئي.
• **لاتعداد:** بي شمار، اڻ ڳڻيا، بي حساب.
• **لاثاني:** جنهن جهڙو ٻيو نہ هجي بي مثل يڪتا، يگانو.
• **لاجواب:** چُپ، خاموش ماٺ، جواب نہ ڏيئي سگهڻ جهڙو، عاجز، بي مثال لاثاني.
• **لاحاصل:** بي فائدة بي سود، اجايو، فضول.
• **لاحد:** بي حد بيشمار، اڻ ڳڻيو، بي انتہ
• **لاحق:** (لحق۔ لاڳو ٿيڻ، پهچڻ) پهچندڙ، لاڳو، ڳنڍيل، چنبڙيل.
• **لاحول ولا قوة الا بالله:** ناهي قدرت سواءِ الله جي، شيطان کي ڀڄائڻ جو ڪلمو.
• **لادعويٰ:** بي دعويٰ، ڇڏيل، ترڪ ڪيل.
• **لادوا:** لاعلاج حيلي وسيلي کان سواءِ.
• **لادين:** بي دين، ڪافر.
• **لاريب:** بي شڪ يقيني بنا شڪ شبهي جي.
• **لازم:** (لزم: ڳنڍجڻ) ڳنڍيل، ملحق، لاڳو، واجب، ضروري.
• **لازوال:** فنا نہ ٿيندڙ، هميشہ قائم رهندڙ.
• **لاشريڪ:** جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ هجي، ڌڻي تعاليٰ.
• **لاشيء:** ڪجهہ نہ.
• **لاطيني:** هڪ قديم زبان عبراني.
• **لاعلاج:** جنهن جو ڪو علاج نہ هجي.
• **لاعلم:** بي خبر اڻ ڄاڻ.
• **لامَحالہ:** يقيناً، ضرور.
• **لامذهب:** بي دين.
• **لامسہ:** (لمس۔ ڇهڻ) ڇهڻ جو حوَاس يا احساس.
• **لامڪان:** اها جاءِ جنهن جي هجڻ جي سڃاڻپ نہ هجي عالم الاهي.

• **لاوارث:** جنهن جو ڪو ڌڻي ڌوڻي نہ هجي نڌڻڪو.
• **لاولد:** بي اولادي.
• **لائحہ عمل:** (لائحه: پروگرام) عمل يا ڪم ڪار جو پروگرام.
• **لائق:** (لياقت) قابليت وارو. واجب، مناسب، موزون احسان، مهرباني.
• **لائق فائق:** نهايت قابل ۽ لائق، هر طرح موزون.
• **لا يعني:** بي معنيٰ فضول اجايو.
• **لُبّ:** تت، خلاصو اختصار، مغز عقل.
• **لباس:** پوشاڪ، ويس روپ.
• **لبن:** کير ڌونرو.
• **لبيب:** داناءُ، مرد، ڏاهو، قلمند، خرد مند.
• **لَبيڪ:** حاضر آهيان موجود آهيان
• **لجاجت:** ضد، بغض، ڪينو.
• **لحاظ:**غور سان ڏسڻ خيال رکڻ ڌيان، توجہ، طرفداري، مروت، پاسخاطري.
• **لحاف:** سوڙ.
• **لحد:** قبر، سامي.
• **لحظ:** پل لمحو، گهڙي اڪ ڇنپ
• **لحم:** گوشت.
• **لحن:** آواز، سڏ، صدا، خوش نوائي ترانو، نغمو.
• **لحن داؤدي:** نهايت سريلو ۽ مٺو آواز.
• **لحيم:** ٿلهو، متارو.
• **لخلخہ:**ڪن خوشبودار شين جو مجموعو.
• **لَدُني:** خدا تعاليٰ ڪان عطا ٿيل
• **لَذت ذائقو:**سواد لطف، مزو، خوشي.
• **لذيذ:**ذائقيدار،مزيدار،سوادي وڻندڙ.
• **لذة:** سواد،سد،مزو،لطف، لذت.
• **لطافت:** سهڻائي پاڪيزگي تازگي خوبي.
• **لطائف:** (لطيفہ جو جمع) ٽوٽڪا (ڪل مسخري وارا).
• **لعب:** راند.
• **لعل:** شايد، اميد.
• **لعل:** ڳاڙهي رنگ جو قيمتي پٿر ياقوت
• **لطف:** لذت، مزو فرحت، مهرباني، احسان، ڪرم، عنايت، خوشي.
• **لطيفو:** ٽوٽڪو، يوڳ چرچو.
• **لعاب:**ڳِگ،ٿڪ،پڪ،گهاٽو ۽ چيڙهہ وارو رس.
• **لَعن:** ڦٽڪار، نفرت، جٺ، ملامت.
• **لعنت:** ڦٽڪار، ملامت، ڌڪار.
• **لعين:** جنهن تي لعنت پيل هجي، ملعون، لعنتي.

• **لُغات:** لغت جو جمع، ٻولِيون اهو ڪتاب جنهن ۾ الفاظ ۽ معنائون ڏنل هجن، فرهنگ، ڊڪشنري.
• **لغار:** ذرو، چٽڪو، گهڪو.
• **لِغايَة:**پڇاڙيءَ تائين، آخر تائين، شامل، سميت.
• **لُغت:**لفظ،جملو،ٻولي،زبان،فرهنگ.
• **لَغو:**بيهوده واهيات، بي معنيٰ اجايو، بيڪار.
• **لُغَوي:** لغت جو عالم، لغت سان منسوب.
• **لفاظي:**ڳالهه ۾ ديگهه وڌاءُ، بڪواس.
• **لفاه:** (لف: بند ڪرڻ) ڪاغذ جو غلاف جنهن ۾ خط بند ڪجي.
• **لفظ:** (لفظ: منهن مان ٻاهر ڪڍڻ) ڳالهائڻ ٻن يا وڌيڪ اکرن جو بامعنيٰ ٻول ڳالهه جملو ج الفاظ
• **لفظ بلفظ:** حرف بہ حرف، صاف صاف، تفصيلوار، هوبهو.
• **لفظي:** لفظ جي لحاظ سان.
• **لف و نشر:** (لف: ويڙهڻ نشر: پکيڙڻ) علم بيان جي اصطلاح ۾ ٻن يا ڪن چيزن جو پهريائين ذڪر ڪرڻ پوءِ چند اهڙيون شيون بيان ڪرڻ جي پهرين شين سان نسبت رکنديون هجن مگر اهڙيءَ طرح جو هرهڪ جي نسبت پنهنجي منسوب اليہ سان ملي وڃي.
• **لِقاءُ:** ديدار، نظارو، ڏيکاءُ، صورت.
• **لقب:** اهو نالو جو ڪنهن خوبي خصوصيت يا عزت جي ڪري پيل هجي عزت وارو نالو، خطاب.
• **لق لق:** هڪ قسم جو آبي پکي، ڪنگ، سارس.
• **لُقمان:** هڪ حڪيم جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ آيو آهي قرآن شريف جي هڪ سورة .
• **لقمہ:** گرِهِ/گراه طعام.
• **لقوو:** بيماريءَ جو هڪ قسم، جنهن ۾ مُنهن ٽيڙو ٿي ويندو آهي.
• **لڪنت:** ٻاتاڻ.
• **لله:**(لہ= واسطي+ الله الله الحمد= تعريف، خدا جي واسطي تعريف.
• **لمحہ:** پل گهڙي اک ڇنڀ.
• **لمس:** ڇهڻ جي قوت.
• **لواحق:** (لاحق جو جمع) مٽ مائٽ، رشتيدار، نوڪرچاڪر.
• **لوازم:** (لازم جو جمع) ضروري شيون سامان اسباب.
• **لوازمات:** ضروريات.
• **لوازمه:** نتائج، پڳهار.
• **لواطت:** اغلام بازي ڇوڪري بازي.

• **لواء:** جهنڊو.
• **لوام / لوامة:** سخت ملامت ڪندڙ.
• **لوامع:** لامعة جو جمع:چمڪندڙ روشن شيون.
• **لوبان:** هڪ قسم جي وڻ جو خوشبودار ڪؤنر جو باه ۾ وجهڻ سان خوشبودار دونهون ڪري.
• **لوث:** داغ، عيب، گندگي.
• **لوح:** ڦرهي پٽي تختي،بورڊ، ڪتاب جو پهريون صفحو.
• **لوح محفوظ:** مسلمانن جي عقيدي موجب اها تختي جنهن تي انسانن جي قسمت لکيل آهي، اهو لکيو اڻ ٽر آهي.
• **لوط:** هڪ پيغمبر جو نالو حضرت ابراهيم عليه السلام جو ڀائٽيو جيڪو پوءِ ڪنعان ۾ وڃي آباد ٿيو.
• **لوطي:** هم جنس پرست.
• **لؤلؤ:** موتي.
• **لون:** رنگ(ج) الوان.
• **لهجہ:** محاورو، ٻولي زبان.
• **لهٰذا:** تنهنڪري، ان لاءِ.
• **لَهوَ:** راند ڪيل، تماشو.
• **لياقت:** قابليت، استعداد، لائقي گڻ خوبي تميز.
• **ليت:** ڪاش = هي لفظ صرف ٻن معنائن ۾ مشتمل آهي (1) غير ممڪن جي لاءِ۔ ليت الشباب يعود ڪاش جواني موٽي اچي (2) ممڪن لاءِ ليت زيداً حَاضِر ڪاش زيد حاضر هجي ها
• **لَيتَ ولَعَلَ:** بهاني بازي، نٽ نٽاء.
• **لَيث :** شينهن.
• **لَيل/ليلة:** رات.
• **ليلة القدر:** شب قدر، رمضان المبارڪ جي 27 تاريخ جنهن ۾ قرآن شريف نازل ٿيو.
• **ليليٰ:** مجنون جي معشوقه.

م

• ما: جو ڪجھ: ظرفي اڳياڙي طور ايندڙ لفظ جيئن مابعد پويان ايندڙ.
• مابقي: باقي رهيل، بقيہ.
• مابين: درميان.
• مافيها: جو اُن اندر/ ۾.
• ماحضر: اها شيءِ/ کاڌو جو سردست گهر ۾ موجود هجي.
• ماتحت: هٺ هيٺ.
• ماحصل: جو حاصل ٿئي نتيجو، اختصار.
• ماب: (اوب: موٽڻ) موٽي اچڻ جي جاءِ مقرر جاءِ.
• ماتام/ماتم:ماتم،روڄ،راڙو پٽڪو.
• ماتحت: هيٺ رهندڙ
• ماثر: (ماثرة جو جمع_ مصدر اثر/ نتيجو/ ڪارنامو ڇڏڻ) آثار، چڱا ڪم، نمايان ڪارناما، يادگار.
• ماجد: فاعل (مجد= بزرگي) بزرگ، رتبي وارو، قابل احترام.
• ماجرا: (ما+ جري= واقع ٿيو) حالت، سرگذشت، واقعو، واردات جو وهيو واپرايو.
• ماحول: ما + حول= چوڌاري، آسپاس، چوڌاري وايو منڊل.
• ماخذ:م. اخذ=وٺڻ، سرچشمو، اصل بنياد.
• ماخوذ (اخذ): ورتل ڪڍيل.
• مادة: اصل شيءِ مخرج مصدر، استعداد، لياقت، صلاحيت.
• مادي(صفت):اصلي بنيادي طبعي.
• مارڪو:(معرڪہ) 1_ لڙائيءَ جو هنڌ، ميدان جنگ 2_ زناني مجلس، ڳائڻ وڄائڻ واري.
• ماسبق:اڳ ٿي ويل، گذريل، اڳيون.
• ما سلف: گذريل، گذشتہ.
• ماسوا: ان کان سواءِ.
• ماسوا الله:خدا تعاليٰ کان سواءِ هرچيز.
• ماشاءالله: جو الله گهريو.
• ما في الضمير: جيڪي دل ۾ هجي دل جي ڳالھ مدعا، مقصد، مطلب.
• ماقبل: اڳيون.
• مال:خزانو،دولت،ناڻو،اسباب،جائداد، ٻونجي،چوپايو ڍڳ(ج) اموال.
• مال متاع:اسباب،دولت،ڌن ملڪيت.

• **مالوف:** (الفت:محبت) پيارو،محبوب.

• **ماليت:** پونجي موڙي سرمايو، ڌن دولت.

• **ماليخوليا:** هڪ قسم جي دماغي بيماري دماغ جو خلل خفقان سوداء، چريائپ.

• **معادلة:** مسئلو.

• **مامور:** (امر= حڪم) حڪم ڪيل اجازت ڏنل مقرر.

• **مامول:** (اَمل= اميد) جنهن جي اميد هجي.

• **مامون:** (امن= حفاظت) امن هيٺ آيل محفوظ.

• **مانع:** (فاعل منع) منع ڪندڙ، روڪيندڙ،باز رکندڙ، انڪاء ڪندڙ.

• **مانوس:** (انس: محبت، پيار) وڻندڙ، پسنديده.

• **ماوي:** (آوي پناه ڏيڻ)، پناه جي جاء، نڪاڻو، گهر.

• **ما سواء:** سواءِ علاوه، بغير

• **ماهيت:** اصل ماده، جوهر، حقيقت، اصليت، خصوصيت.

• **ماء:** پاڻي آب، عرق.

• **مائع/ مايع:** پنڙي شيء وهندڙ شيء پاڻيٺ (پاڻي ڪير تيل)

• **مائل(ميل):** لاڙو، لاڙو رکندڙ، جهڪيل، لڙهيل، چاهيندڙ.

• **مائوف:** (اوف= آفت) ضربة، ضربيل ڌڪيل، بي حس، ساڻو.

• **مايوس:** (ياس= نا اميدي) نا اميد، نراس، دل شڪسته.

• **مباح:** (اباحة= اجازت ڏيڻ)جنهن جي اجازت هجي

• **مباحثة:** ڳولها ڪرڻ، معلومات وٺڻ، بحث، سوال جواب، مناظرو.

• **مبادلة:** بدل، تبديل ڪرڻ بدلڻ، مٽا سٽا، عيوض.

• **مبارزت:** (برز) جنگ لاءِ نڪري اچڻ جنگ لڙائي.

• **مبارڪ:** واڌائي ڪير.

• **مبارڪ:** برڪت ڀريو، سڀاڳو نيڪ سڳورو.

• **مباشرة:** جماع، هم بستري.

• **مبالغة:** حد کان وڌيڪ تعريف، ساراه تمام گهڻو وڌاء.

• **مباهلة:** هڪ ٻي کي بد دعا ڪرڻ.

• مبتدا: شروعات، آغاز، ابتداء گرامر ۾ جملي جو پهريون حصو.
• مُبتَدِي:شروع وارو سيکڙات، نئون شاگرد.
• مبتلا: (ابتلاء)ورتل، آزمايل ڪنهن تڪليف ۾ ڦاٿل، گرفتار.
• مبذول:ڪم ۾ آندل، ڇڪيل، توجه ڪرايل.
• مبرا: آجو، آزاد، ڇٽل
• مبسوط: پکڙيل، ڦهليل، ڪشادو، ويڪرو
• مبشرُ(بشارة)بشارت ڏيندڙ خوشخبري ڏيندڙ
• مبصر: ڏسندڙ پارکو
• مبعوث: موڪليل جيئرو ڪيل قبر مان اٿاريل نمائندو
• مبلغ: جملي، ڪل انداز.
• مَبني: جنهن شيءِ يا ڳالهه تي بنياد رکيل هجي.
• مُبهَم: (ابهام) منجهيل ڳالهه گول مول.
• مبهوت: (بهت: حيران ٿيو) حيران هڪو ٻڪو ٿيو رهيل.
• مبين: ظاهر صاف، چٽو، پڌرو.
• متابع: تابع، فرمانبردار.
• متابعة: پيروي، فرمانبرداري.
• متاثر: اثر قبول ڪندڙ اثرائتو.
• متاخر(تاخير):پنيان ايندڙ پڇاڙيءَ وارو آخري.
• متاخرين: آخري زماني جا ماڻهو.
• متاسف:افسوس ڪندڙ ڏک ڪندڙ غمگين ڏکارو.
• متاع: مال اسباب اثاثو، سوداگريءَ جو مال.
• متانت: سنجيدگي پختگي.
• متبادل: عيوض ۾، بدران آيل بدل سدل مٽا سٽا ۾ آيل.
• متبرڪ:پاڪ،صاف،مقدس برڪت وارو، معزز.
• متحاربہ(حرب)هڪ ٻئي سان وڙهندڙ.
• متحد: (اتحاد) اتحاد رکندڙ ٻڌي ۾ گڏيل.
• متحرڪ: حرڪت ڪندڙ چرندڙ
• متحمل:بردبار،گنڀير،سهندڙ سنجيدو.
• متحير: (حيرت) عجب ۾ حيران هڪو ٻڪو.

• **مُتعَين:** ڪنهن ڪم تي مقرر، سونپيل، نامزد.
• **متغير:** هڪ حالت مان ٻي ۾ بدلجندڙ بدليل
• **متفرق:** جدا جدا، الڳ الڳ، ٽڙيل پکڙيل ڇڙوڇڙ
• **متفرقات:** جدا جدا شيون
• **مُتَفق:** اتفاق ڪندڙ يڪراءِ، هم خيال، شامل، گڏ، مليل.
• **مُتَفڪِر:** فڪرمند، غمگين، ڳڻتي ڪندڙ.
• **مُتَقارب:** قريب، نزديڪ. علم عروض ۾ هڪ بحر جنهن جو وزن سالم 8 دفعا فَعُولن آهي.
• **متقاضي:** (تقاضا) ڪندڙ، طلب ڪندڙ.
• **متقي:** (تقويٰ) صاحب تقويٰ، پرهيزگار، پاڪباز، گناهن کان پاسو ڪندڙ.
• **متڪبر:** تڪبر ڪندڙ، مغرور.
• **متقدم:** اڳتي وڌندڙ، اڳواڻ، اڳرائي ڪندڙ.
• **مُتَڪلِف:** تڪلف ڪندڙ.
• **مُتَڪلم:** ڳالهائيندڙ، تقرير ڪندڙ، علم ڪلام جو ماهر.
• **متلاشِي:** (تلاشيٰ) ذرا ڪرڻ جو اسم مفعول، خراب، ذره ذره پرزا ٿيل سڙيل ڪي عالم هن لفظ کي تلاش مان مشتق خيال ڪري تلاش ڪندڙ جي معنيٰ استعمال ڪن ٿا جو نهايت غلط آهي، ڇاڪاڻ جو تلاش ترڪي زبان جو لفظ آهي ۽ ان جو فاعل تلاشي بمعنيٰ تلاش ڪندڙ آهي.
• **مُتلاطم:** (تلاطم: طوفان) طوفاني
• **مُتَلطِفُ:** (تلطف: مهرباني ڪرڻ تي قائل ٿئي) مهربان ڪرم ۽ لطف تي مائل.
• **مُتلونُ:** (تلوين) رنگ بدلائڻ، رنگ بدلائيندڙ، ڦرندڙ گهرندڙ، هڪ ڳالهه تي نه بيهندڙ، غير مستقل مزاج.
• **مُتمڪن:** (تمڪن قرار وٺڻ) هم خيال جاءِ وٺندڙ، قرار وٺندڙ.
• **مُتَمَني:** (تمنا) رکندڙ، خواهشمند، گهرجائو، آسائتو، آرزومند
• **متمول:** (مال) امير، مالدار، دولتمند.
• **متن:** ڪتاب جي اصل عبارت.
• **متنازع:** (نزاع) اختلافي.

• **متناسب:** تناسب رکندڙ، مناسب، موزون.
• **متنبه (تنبه):** تنبيهه ڪيل، آگاهه، خبردار.
• **مُتَنَفِس:** ساهوارو، جاندار، ماڻهو بشر.
• **متواتر:** هڪ ٻئي پٺيان لاڳيتو، مسلسل.
• **متوازن:** وزن ۾ برابر، وزنائتو، پورو پنو.
• **متوجه:** توجه ڪندڙ، ڌيان ڏيندڙ، مائل.
• **متوسط:** وچ جو، وچ وارو، وچولو، درميانو.
• **مُتَوَطن:** رهاڪو، رهندڙ، باشندو.
• **مُتُوفي:** مئل، گذاري ويل، فوتي.
• **مُتوقع:** توقع رکندڙ، اميد رکندڙ.
• **مُتَوَڪل:** توڪل تي رهندڙ، ڀروسو ڪندڙ، خدا تي ڀاڙيندڙ.
• **مُتولي:** انتظام ڪندڙ، جائداد يا وقف جو نگران.
• **مثال:** نظير، تمثيل، مشابهت، نمونو.
• **مثالي:** نموني جهڙو.
• **مثانو:** جسم جو هڪ حصو، نهائين.
• **مثل:** (مَثَل) چوڻي پهاڪو.
• **مثِل:** جهڙو، جيئن وانگيان.
• **مثلاً:** جيئن، جهڙي طرح.
• **مُثَلث:** ٽڪنڊو.
• **مُثمن:** اٺ ڪنڊو، اٺن مصراعن وارو بند.
• **مثنيٰ:** ٻيڻو ٻٽو ۽ ٽڪر.
• **مثنوي:** خاص وزن واري طويل نظم.
• **مُجادَلة:** (جدال) لڙائي، جنگ، جهيڙو، تڪرار.
• **مجاز:** اختيار ڏنل، جائز.
• **مجازاً:** فرضي، ڪري ورتل قانونً.
• **مجازي:** فرضي، غيرحقيقي، مصنوعي.
• **مجال:** طاقت، وس اختيار، پهچ، رسائي، پهچندي.
• **مجالس:** مجلس جو جمع.
• **مجامعت:** هم بستري.
• **مُجاور:** ڪنهن درگاهه يا مزار جو سنڀاليندڙ، همسايه، پاڙيسري.
• **مجاهد:** ڪوشش ڪندڙ، ڪافرن سان جهاد ڪندڙ.
• **مجاهدة:** ڪوشش، رياضت، نفس ڪشي، ڪافرن سان لڙائي.

• **مجاهدين:** مجاهد جو(جمع).
• **مجبوَر:** لاچار، بيوس عاجز
• **مجبوراً:** لاچاري حالت ۾.
• **مجتمع:** گڏ ٿيل، جمع ٿيل.
• **مجتهد:** ڪوشش ڪندڙ، جدوجهد ڪندڙ، اجتهاد ڪندڙ، صحيح راهه پيدا ڪندڙ.
• **مجدد:** تجديد ڪندڙ، پراڻي شيءِ کي نئون ڪندڙ.
• **مجدَد:** نئين سر پيدا ڪيل جديد.
• **مجذوب:**جذب ڪيل،خدا جي محبت ۾ غرق مست، بيهوش.
• **مجرا:** جاري ڪيل وهندڙ، حساب ۾ آندل.
• **مجرب:**(تجربہ)تجربو ڪيل آزمايل ڪارگر اثرائتو مؤثر.
• **مُجَردُ:**(تجرد) اڪيلو،ڇڙو، ڪنوارو، آزاد، تارڪ الدنيا.
• **مجروح:** (جرح) زخمي گهايل ڦٽيل.
• **مُجَسمُ:** جسم وارو، ڳرو، ٿلهو
• **مجسمة:** بت، بوتو، صنم.
• **مجلد:** جلد چڙهيل.
• **مجلس:**ويهڻ جي جاءِ، بيٺڪ، ڪچهري ڪائونسل مشوري انتظام لاءِ صلح مصلحت ڪندڙ جماعت.
• **مجمع:** انبوهه، هجوم.
• **مجمل:**مجموعي طور،اختصار،تت.
• **مجموعہ:** ذخيرو، ڪليات، ميڙ، هجوم.
• **مجنون:** عرب جي مشهور و معروف عاشق قيس العامري جو لقب
• **مجوزہ:** (تجويز) تجويز ڪيل رٿيل
• **مجوس:** آتش پرست، گبر زردشت جو پوئلڳ.
• **مجهول:** (جهل) اڻ ڄاتل نامعلوم، غير معروف ڪاهل نڪمو، بيوقوف.
• **مجيب:**(اجابة) _قبول ڪرڻ، اگهائڻ، قبول ڪندڙ خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **مَجيد:**(مجدُ:بزرگي)شان وارو، بزرگ، بلند) عظيم، وڏي شان وارو.
• **مجير:**(اجار= پناهه ڏيڻ) پناهه ڏيندڙ، بچائيندڙ.
• **محاباة:**رعايت لحاظ، مروت، نرمي طرفداري امانت.
• **محاذ:** سامهون مقابل.
• **محاسب:**حساب وٺندڙ،حساب ڪندڙ.
• **محاسبہ:**حساب وٺڻ،ليکو ڳڻپ ڪرڻ، حساب ڪتاب،بابت پڇا ڳاڇا.
• **محاسن:** (حسنة جو جمع) خوبيون نيڪيون چڱايون.

• **محاصرة**:گهيرو،ناڪابندي چؤطرف قابو ڪرڻ.
• **محاصل**: حاصلات، آمدني.
• **محافظ**: حفاظت ڪندڙ، نگهبان
• **محافل**: محفل جو جمع، محفلون، چريو، ديوانو مجلسون.
• **محافہ**:پردي وار، سواري (بادشاهن ۽ عورتن لاءِ ڏولي پالڪ)
• محافظ: (حفاظت) حفاظت ڪندڙ، نگهبان چوڪيدار.
• محاڪات (حڪاية) هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ، هڪ ٻئي جو نقل ڪرڻ مشابهت.
• **مَحَال**: محل جو جمع، مقامات، جڳهون، ضلعا، زمينون جاگيرون اها ايراضي جنهن ۾ گهٽيون ٻنيون هجن ۽ ڍل جدا جدا مقرر ٿئي.
• **محال**: (احال_حول) ناممڪن.
• **محامد**: محمده جو جمع، قابل تعريف، ڪارنامہ، قابل ستائش خوبيون، خصلتون.
• **محاورة**: (حاور) روزمره جي ٻولي گفتگو،مشق استعمال هم ڪلامي.
• **محب**:(حب):محبت ڪندڙ، دوست، يار، دلبر، سپرين، عاشق.
• **محبة**:پيار، قرب الفت، عشق، نئين دوستي ياري.
• **محبوب**: (حب) دلدار، پيارو، محب
• **محبوس**: (حبس_قيد) قيد ڪيل، قيدي، اسير.
• **محتاج**:(حاجة):گهرجائو،ضرورتمند، طلبگار.
• **محتاط**: احتياط رکندڙ، خبردار، چوڪس.
• **محترم**:(احترام)عزتدار،عزت وارو، معزز، بزرگ.
• **مُحتَسبُ**:(احتساب) حساب وٺندڙ، شريعت جي خلاف ڪمن کان منع ڪندڙ، حاڪم.
• **محجوب**: (حجاب، پردو) پردي ۾ لڪل، مخفي، شرميلو، لڄارو.
• **مُحدث**:حديث جو علم ڄاڻندڙ.
• **محدود**:(حد)حدبندي ڪيل ،روڪيل، گهيري ۾ آيل.
• **محذوف**:(حذف_ڪيرائڻ)ڪيرايل جدا ڪيل الڳ ڪيل شاعريءَ جي اصطلاح موجب رڪن مان حرف ڪڙايل.

• محراب:مسجد ۾ قبلي طرف ڏکڻ نڪتل جاءِ جنهن ۾ بيهي امام نماز پڙهائي.
• محرر:(تحرير)لکندڙ،کاتب منشي.
• محرڪ (حرڪت): حرڪت ڏيندڙ، چوريندڙ، اڀاريندڙ.
• محرم: رازدار، همراز، قريبي رشتي دار،جنهن سان نڪاح ممنوع هجي.
• مُحرم:حرم، ڪعبي ۾ ايندڙ احرام ٻڌندڙ.
• مُحرمَ: حرام ڪيل ممنوع، هجري سال جو پهريون مهينو، ايام جاهليت ۾ هن مهيني ۾ جنگ حرام هئي، هن مهيني ۾ حضرت امام حسين عليہ السلام جي شهادت ٿي هئي.
• محروم: خير ۽ ڀلائي کان روڪيل منع ڪيل بدنصيب، نا اميد
• محزون: (حُزن: غم) ڏکويل.
• محسن:(احسان_ڀلائي)ڀلائي ڪندڙ.
• محسوس:(حس)ڪنهن حواس ذريعي ڄاتل.
• محشر: (حشر: گڏ ٿيڻ) آخرت ۾ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ، روز قيامت، روچ راڙو، نفسا نفسي.
• محصور: (حصر – گهيري ۾ آڻڻ) گهيري ۾ آيل وڪوڙيل قيد ڪيل.
• محصول: (حصل) حاصل ڪيل ڍل ناڪو، ٽيڪس.
• محض: خالص نج، فقط، بالڪل
• محضر: (حضر – حاضر ٿيڻ) حاضر ٿيڻ جي جاءِ.
• محضوظ:(حظ ۽ مزو حاصل ڪرڻ) لطف اندوز، خوش، مسرور.
• محفِل:(حفل)ڪچهري،مجلس رهاڻ، انجمن سڀا.
• محفوظ حفظ:بچاءِ، حفاظت ڪيل، بچايل، سدا سلامت.
• محقق: (تحقيق) تحقيق ڪندڙ.
• مُحڪمِ:(احڪام)پڪو مضبوط.
• محڪمہ: (جڳهہ) ڪورٽ، عدالت، ڪاتو، شعبو.
• محڪوم: ماتحت، زيردست، تابع.
• محَل: وڏي جاءِ بادشاهہ يا امير جو گهر، قصر حويلي.
• محلات: محل جو(جمع)
• محلة: شهر جو هڪ حصو، پاڙو.
• محمد:(تحميد) تمام گهڻو تعريف ڪيل ساراهيل اسان جي نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جو نالو.
• محلول: حل ٿيل ڳريل.
• محمل: (حمَل) اٺ تي چڙهڻ جي ڏولي ڪجائو، پالڪي.

• محنة: پورهيو، ڪشالو ڪوشش، مزوري.
• مَحوَ: گم، غرق، حيران.
• محور: اها شيءِ جنهن تي ڪا شيءِ گهمي ڦري جيئن گاڏيءَ جي سرائي.
• محوية: گم ٿيڻ جي حالت، حيراني.
• مُحيِ: مخلوق کي جيارينڌڙ. خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
• مُحير: (تحير_ حيرت ۾ وجهڻ) حيرت ۾ وجهندڙ عقل چرخ ڪندڙ عجيب.
• مُحيطُ: احاطو ڪندڙ، گهيرينڌڙ سمنڊ.
• مخَادم: ملازم ،نوڪر چاڪر، هاري، ڪڙمي ٻنيءَ جو مالڪ (جو ٻين کان زمين ڪرائي ۽ ان کي حصو ڏئي).
• مخاديم: مخدوم جو (جمع) بزرگ.
• مخاطب: (خطب) روبرو ڳالهائيندڙ. گفتگو ڪندڙ.
• مخالف: خلاف برخلاف، اُبتڙ دشمن ويري.
• مخالفة: دشمني عداوت.
• مخبر: خبر ڏيندڙ جاسوس چاري
• مُخبُو: (خباء: ڪائڻ ڍڪڻ) ڍڪيل ڍڪ وارو ٿانءُ ڍاڪڻ.
• مخبوط: (خبط) چريو، ديوانو جنون بي عقل.
• مخبوط الحواس: بدحواس وائڙو
• مختار: (اختار– اختيار ڏيڻ) اختياري ڏنل بااختيار، صاحب اختيار.
• مختص: (خص/ اختص = چوندڃڻ) چونڊيل خاص منتخب
• مختلف: (اختلف – جدا هئڻ) جدا، ٻي طرح علحدو.
• مخدوش: (خدش: شڪ، شبه) وسوسة. خدشي شڪ، شبہ، وسوسي واري ڳالهہ.
• مخدوم: (خدمة) خدمت ڪيل تعظيم لائق آقا، مالڪ.
• مَخرَجُ: (خروج: نڪرڻ) نڪرڻ جي جڳهہ اچار ڪڍڻ جي جاءِ
• مخروط: مخروطي (خرط – شڪل ڏيڻ ڏاند پڇي (ڪاٺي وغيره) گجر جي شڪل جهڙي ڪا شيءِ.
• مَخزَنُ: جمع ڪرڻ جي جاءِ ذخيرو. گدام، مختلف مضمونن رارو رسالو.
• مخصوص: خاص ڪيل چونڊيل خاص عليحدو.
• مخطوة: ڪتاب، قلمي ڪتاب
• مخففَ: (تخفيف) هلڪو گهٽ ڪيل گهٽايل.
• مُخِل: خلل خلل وجهندڙ. فسادي فتنہ انگيز.

• مخلص: (خلوص) سچو، باوفا.

• مخلوط: (خلط ـ ملي وڃڻ) گڏ وچڙ گاڏڙ.

• مخلوط النسل: گڏ وچڙ نسل جي پيدائش

• مخلوق: (خلق – پيدا ڪرڻ) پيدا ڪيل دنيا، ڪائنات، خلق.

• مخلوقات: (مخلوق جو جمع)، جيڪي شيون جهان ۾ آهن

• مُخَمس: (خمس ـ پنج) پنج ڪندو هرهڪ بند ۾ پنجن سٽن وارو نظم.

• مُخمَصَہ: (خمص: پيٽ جو خالي هئڻ، بکيو هئڻ) ڏاڍي بک، پيٽ ۽ سيني جي اها جلن جا بک جي شدت ڪري پيدا ٿئي خطرا، ڦڏو، تڪرار، بي چيني.

• مخمل:(خمل)هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو.

• مخمور: (خمر شراب) نشي ۾ چور، مدهوش

• مخنث: (خنث) ڪدڙو، هيجڙو.

• مُخَيِرَ: (خير: ڀلائي) خيرات ڪندڙ، سخي.

• مد: چڪ، چاڙهه، الف جي آواز کي ڊگهي اچارڻ لاءِ ڏنل مد جي نشاني.

• مداح: (مدح) سنڌي ادب ۾ مدحيه شعر يا ڪلام.

• مداح:(مدح،تعريف)تعريف ڪندڙ، ساراهيندڙ.

• مداخِل: (دخل) دخل ڏيندڙ.

• مداخلة: (دخل) دخل اندازي دست اندازي، هٿ چراند.

• مدار: گردش واري جاءِ ڦرڻ جو دائرو، سيارن جو گردش ڪرڻ وارو خيالي دائرو بنياد، آڌار، ذمو.

• مدار المهام: اهو شخص جنهن تي ڪنهن محڪمي يا حڪومت جي ڪم ڪارجو ذمو هجي، اڳواڻ.

• مدارة: خاطرداري، آڌر ڀاءُ، آٿت.

• مدارس: (مدرسة جو جمع) مدرسا، اسڪول.

• مُدَارِسُ: هڪ شخص جو نالو، جنهن فاسق جي معشوقہ عذرا وٽ قاصد موڪليو ۽ عذرا ان قاصد جي اک پنهنجي آگرسان ڪڍي ڇڏي هئي.

• مدافعت: (دفاع) روڪ، جهل، بچاءُ.

• مُدَامُي: هميشہ، سدائين.

• مدام: هميشہ کان، سدائين، اڳاٽو.

• مداوا: (دوا) علاج دوا، تدبير، حيلو.

• مدبر: (تدبير) تدبير ڪندڙ، حيلو

ڪندڙ، عقلمند ڏاهو.

- مدة: (مدة) عرصو، وقت، زمانو، ميعاد.
- مدة مديد: ڊگهو عرصو، گهڻو زمانو.
- مَدحَ: تعريف، ساراهه، واکاڻ ڪنهن جي تعريف وارو نظم.
- مدد: حمايت، سهائتا، امداد، واهر
- مدّرس: (تدريس، پڙهائي) استاد، معلم.
- مَدرَسو:(مدرسہ) مڪتب، اسڪول، درسگاهه.
- مُدعا:(دعويٰ:تمنا ڪرڻ دعويٰ ڪرڻ) خواهش آرزو، مقصد، مطلب
- مُدعا عليه:(دعويٰ)جنهن تي دعويٰ ڪيل هجي.
- مَدعُو: جنهن کي دعوت ڏنل هجي
- مُدَعي: دعويٰ ڪندڙ.
- مُدغَمُ: (ادغام =ملائڻ) اهي ساڳيا حرف جن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو وڃي.
- مَدفَن:(دفن پورڻ) دفن ڪرڻ جي جاءِ.
- مدفون (دفن): پوريل دفن ڪيل.
- مَد مُقابل: مخالف، ڀاڱي ڀائيوار.
- مُدلّل:(دليل) دليل سان ثابت ڪيل.
- مد نظر:اها شيءِ جيڪا اکين اڳيان هجي پيش نظر.
- مدني:(مدينہ)مديني پاڪ جو رهاڪو.
- مدة: عرصو وقت ميعاد.
- مديد (مد: پکيڙڻ) پکيڙيل، وسيع.
- مُدير: (ادارة) ڪنهن اداري جو هلائيندڙ، ڊائريڪٽر، ايڊيٽر.
- مدينة:عربستان جو شهر، نبي أكرم صلي الله عليہ وسلم جو شهر.
- مديون:(دين_قرض)مقروض قرضدار.
- مذاق: ذائقو، سواد، لذت، مزاج جي پسندي، کل ڀوڳ، مسخري.
- مذاکره:ذاکر:(پاڻ ۾ بحث ڪرڻ) مباحثو، ڳالهه ٻولهه.
- مذاهب: مذهب جو(جمع).
- مذبح: (ذبح) ذبح ڪرڻ جي جاءِ ڪوس گهر.
- مذبذب: (ذبذب_ لٽڪي پوڻ) لٽڪيل، ٽنگيل، ڊانوانڊول.
- مُذّکر: (تذکير) نر، گرامر موجب، نرجنس وارو.
- مَذکور: (ذکر) ذکر ڪيل بيان ڪيل ذڪر، بيان.
- مَذمت:(ذم :نندا) نندا، هجو سرائي.
- مَذمُومُ: (ذم) خراب، بد، گلارو.
- مذهب: طريقو، عقيدو، رستو، راهه دين.
- مراسلہ: خط، چٺي.

• **مذهب:** شرعي دين.
• **مراتب:**مرتبي جو (جمع) درجا، رتبا.
• **مراجعت:** (رجوع: موٽائڻ) موٽ، واپسي حوالو ڏيڻ.
• **مراحل:** (مرحلہ جو (جمع) ڏاڪا.
• **مراد:** مطلب، غرض.
• **مراسلة:** (ارسال: خط لکڻ) لکپڙهہ خط و ڪتابت.
• **مُراسلة:** (ارسال) خط چٺي.
• **مراسم:**(رسم،نشان ڪرڻ)نشانات.
• **مراعات:** (مراعاهہ راعَي جو مصدر) لحاظ ڪرڻ، سهولت ڏيڻ.
• **مراعات:** نگهباني حفاظت، رعايت، سهولت رعايت، لحاظ.
• **مراعاة النظير:** علم بديع جي هڪ صنعت جو نالو.
• **مراقبة:** راقب جو مصدر _ حفاظت ڪرڻ نگاهہ رکڻ، حضور قلب سان خدا جي طرف متوجہ ٿيڻ.
• **مرمة:** دم درست ڪرڻ شيءِ جي ڳنڍ، ٽوپو.
• **مُربّع:**ربع چورس چوڪندو چئن پاسن وارو ٿيڻ شاعريءَ ۾ 4 سٽن وارو بند.
• **مربي:** ڪنڊ جي چاش ۾ رڌل ميوو_ گھاٽي رس.
• **مرتب:**(ترتيب)ترتيب ڏيندڙ تاليف ڪندڙ.
• **مرتبہ:** رتبو.
• **مرتد:** ارتداد: ڦري وڃڻ، اسلام کان ڦريل شخص.
• **مُرتضيٰ:**(ارتض_ چونڊيو) چونڊيل مقبول وڻندڙ، حضرت علي جو لقب.
• **مُرتعش:**(ارتعش رعش ڏڪڻ) ڏڪندڙ.
• **مُرتفَع:** (ارتفاع: اوچو ٿيڻ) بلند اوچو
• **مُرتڪِبُ:**(ارتڪاب ڏوهہ جهڙو ڪم ڪرڻ) ڏوهہ جهڙي ڪم جو ڪندڙ، مجرم، ڏوهاري.
• **مرثيہ:** رثاء مئل جا اوصاف بيان ڪرڻ، مئل جي اوصاف جو نظم.
• **مَرجَان:** ڳاڙهاڻ مائل هڪ قيمتي پٿر.
• **مَرجَعُ:**(رجوع موٽڻ) موٽي اچڻ جي جاءِ، ٺڪاڻو.
• **مَرحَبَا:** عرب مهمان لاءِ چوندا آهن جنهن جي معنيٰ آهي تنهنجي لاءِ اسان وٽ فراخي آهي تنگي نہ آهي. شاباش آفرين.
• **مرحلة:** منزل ڪوچ ڪرڻ جي جڳهہ داٻو، ڏاڪو درجو.
• **مرحمت:** مهرباني عنايت، ڪرم
• **مرحوم:**(رحم)رحمت ڪيل بخشيل، جنتي.

• **مردود:** (رد) رد ڪيل ڏڪاريل لوڏيل.
• **مُرسَلُ:** (ارسال: موڪلڻ) رسول، پيغمبر، موڪليل.
• **مرسوم:** رسم ڪيو ويو حڪم، احڪامَ، قاعدا، دستورَ نشانات.
• **مرشد:** (ارشاد=هدايت) هدايت ڪندڙ واٽ ڏيکاريندڙ رهبر، گائيڊ.
• **مُرصع:** ترصع: هيرن موتين سان جڙيل سينگاريل.
• **مرصوص:** (رصاص =شيهو) شيهو ملائي مضبوط ڪيل، محڪم.
• **مرض:** بيماري، اگهائي.
• **مرز:** (رضا: راضپو) خوشي خواهش ارادو قبوليت.
• **مرطوب:** (رطب =آلاڻ) پسيل تر، آلو
• **مرعوب:** (رعب) رعب ۾ آيل.
• **مرغوب:** (رغبة=خواهش) وڻندڙ، مزيدار لذيذ.
• **مرقد:** (رقد= آرام ڪرڻ) آرام جي جاءِ سمهڻ جي جاءِ قبر تربت.
• **مرقع:** رقع=پيوند لڳائڻ تصويرن جو ڪتاب، پيوند لڳايل۔ پيوند جي مٿان پيوند لڳل فقيرجي گودڙي.
• **مرقوم:** (رقم ـ لکڻ) لکيل:
• **مرڪب:** (رڪب=سوار ٿيڻ) سواري.
• **مرڪب:** (ترڪيب= گڏ ملائڻ) گڏيل مليل گڏوچڙ مخلوط
• **مرڪز:** (رڪز=مقرر ڪرڻ) هڪ مقرر جاءِ، گول جي وچ وارو نقطو، وچ وارو حصو، صدر مقام.
• **مروت:** ( مروُ: همت وارو يا مردانو ٿيڻ) لحاظ ڪرڻ لحاظ، رعايت، پاسخاطري، فياضي، محبت.
• **مروج:** (روج=ڪنهن شيءِ کي قابل فروخت ڪرڻ) جاري هلندڙ مستعمل رواج ۾ هلندڙ.
• **مرور:** (مر= گذريو) گذرڻ.
• **مَروي:** (روي=روايت ڪئي) روايَت ڪيل، بيان ڪيل.
• **مَرهون:** (رهن: گروي رکڻ) گروي رکيل ڳهه رکيل.
• **مريخ:** هڪ گرهه، سياري جو نالو
• **مُريد:** (ارادة= ارادو) خواهشمند چاهندڙ عقيدتمند، ارادتمند.
• **مريض:** (مرض=بيماري) بيمار روڳي، عليل.
• **مريم:** ڪنواري عورت، پاڪدامن، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي والده ماجده.
• **مزاج:** (1) طبيعت، عادت، خَصلت، سڀاءُ (2) تڪبر فخر وڏائي ناز نخرو،

مفعول استجاب ـ جواب ڏيڻ قبول ڪرڻ) اگهائڻ قبول ڪيل اگهايل.

• **مستجابُ الدعوة:** اهو شخص جنهن جي دعا قبول ٿيندڙ هجي.

• **مسترد:** استرد. روڪڻ. موٽائڻ. رد ڪيل. موٽايل.

• **مستزاد:**(استزاد ـ وڌائڻ)وڌايل عروض شاعريءَ جي اصطلاح موجب هر مصرع کان پوءِ وڌايل هڪ رڪن.

• **مستحسن:** (حسن استحسن سٺو سمجهڻ) سٺو وڻندڙ. نيڪ چڱو. ڀلائي وارو.

• **مُستَحڪَمُ:**(استحڪم پڪو ٿيڻ) مضبوط ٿيو.پڪو.پختو.مضبوط. پائدار. قائم. اٽل.

• **مستطيل:** چئن پاسن واري شڪل جنهن جا آمهون سامهون وارا ٻه پاسا برابر هجن.

• **مستعار:** (استعار: اڌارو وٺڻ) اڌارو. اڌاري طور ورتل.

• **مُستَعِد:**(استعد) تياري ڪرڻ تيار. ـيد.

• **مُستَعفِي:** (استعفاء استعفا ڏيڻ) استعفا ڏيندڙ.

• **مُستَعمل:** استعمال ڪيل ڪم ۾ ايندڙ. مروج. چالو.

• **مُستغاثُ:** غوث. استغاث. جنهن وٽ داد رسـ ـءَ لاءِ وڃجي.

• **مستحق:** استحق: حق رکيو. حق رکندڙ. حقدار. جوڳو. لائق.

• **مستغرق:** استغراق. غرق ٿيڻ. ٻڏل. غرق. ڪم ۾ رڌل.

• **مُستَغني:** (استغناء ڪنهن جي مدد کان سواءِ ڪم ڪرڻ) ڪنهن جي مدد کان سواءِ ڪم ڪرڻ واسطي لائق آزاد. بي نياز. بيپرواهه.

• **مستغيث:**(استغاث ـ مدد يا انصاف لاءِ عرض ڪرڻ) مدد يا انصاف لاءِ عرضدار يا خواهان) فريادي استغاثہ ڪندڙ.

• **مُستَفِيد:** (فائده= افاد= فائدو ڏيڻ. استفاد:فائدي جي طلب ڪرڻ) فائدو طلب ڪندڙ/ حاصل ڪندڙ.

• **مُستَفِيض:** فيض=استفاض=فيض طلب ڪرڻ) فيض طلب ڪندڙ. فيض حاصل ڪندڙ.

• **مستقبل:** (استقبال: اڳيان ايندڙ وقت)ايندڙ وقت. آئيندو. ايندڙ وقت سان تعلق رکندڙ.

• **مُستَقَر:** (قرار. استقرار ــ قرار جي طلب ڪرڻ) ترسڻ جي جاءِ. ٽڪاڻو. ويهڻ جي جاءِ.

• **مُستَقِل:** (استقل_ آزاد ٿيڻ) آزاد، مضبوط، مستحڪم.
• **مُستَقِيم:**(قيام ،استقامة= سڌائي) ثابت قدمي، پختائي، سڌو سنئون، درست، صحيح.
• **مُستَند:** (سند، استند: سند ڏيڻ تصديق ڪرڻ)تصديق ٿيل، تائيد ٿيل اعتبار جوڳو، سند يافتہ.
• **مستور:** (ستر: ڍڪڻ لڪائڻ، جو اسم مفعول) لڪل، ڳجهو، مخفي.
• **مستورات:** پرده نشين زالون عورتون.
• **مَسجد:**(سجد: جهڪڻ) سجدو ڪرڻ جي جاءِ، نماز پڙهڻ جي جاءِ، مسيت.
• **مسجد اقصىٰ:** فلسطين يروشلم ۾ حضرت سليمان جي ٺهرايل مسجد.
• **مسجد حرام:** ڪعبة الله شريف .
• **مسجع:** (سجع: هم قافيہ الفاظ ڪم آڻڻ) اها عبارت جنهن ۾ هم قافيہ الفاظ استعمال ڪجن، مقفىٰ.
• **مسح:** اگهڙ ملڻ وضو يا غسل ۾ ڪن عضون کي هٿ سان مهٽڻ يا صاف ڪرڻ.
• **مسحور:** (سحر: جادو) جنهن تي جادو ٿيل هجي.
• **مَسخ:**سٺي حالت مان بدلجي خراب حالت ۾ اچڻ، بيگاڙو، خراب، تبديلي.
• **مسخرة:** ڪل پوڳ.
• **مُسَخَر:** (سخر تسخير: فتح ڪرڻ) فتح ڪيل، تابع ڪيل.
• **مسدس:** (سدس – ڇهون ٿيڻ) ڇهه ڪنڊي شڪل، اهو نظم جنهن ۾ ڇهن مصراعن جو بند هجي.
• **مسدود:**(سد–بند بند ڪرڻ) روڪيل بند ڪيل.
• **مَسَرة:**(سرور=خوشي)خوشي سرهائي.
• **مسرور:** خوش سرهو، شاد.
• **مسروق:**(سرقہ:چوري)چورايل چوري ڪيل.
• **مُسَطَح:**مسطہ:سطح=مٿاڇرو،پڪيڙ، پڪڙيل ورڇيل.
• **مسطرة:** (سطر، ليڪون ڪڍڻ) ڪاغذن تي ليڪن ڪڍڻ جو اوزار، فٽ پٽي.
• **مسعود:**(سعد:خوش سبختي) سياڳو، خوش بخت، نيڪ
• **مسڪن:**(سڪن=رهڻ)ساڪن رهڻ جي جاءِ هنڌ.
• **مسڪين:**(مسڪنة_ ناداري) غريب، مفلس نادار،(ج)مساڪين.
• **مسلح:** (سلاح_ هٿيار) هٿيار ٻڌل هٿيار بند، هٿيارن پنهوارن سان.
• **مسلسل:**(سلسله) سلسليوار، لاڳيتو.

هڪ ٻئي پويان.
• مُسلط: (سلطه، تسلط)نسلط يا قبضو ڪندڙ، قابض، غالب.
• مَسلَڪ:(سلوڪ هلڻ)طريقو رستو، راهه.(ج )مَسالِڪ.
• مُسلِم:(اسلم= اسلام آڻڻ)مذهب اسلام جو پيرو.
• مُسلِمُ:فاعل سلم=تسليم ڪيائين يقين ڪيائين، سپرد ڪيائين، سلامت رکيائين، تسليم ڪندڙ، مڃيندڙ، محفوظ رکندڙ.
• مُسلم:تسليم ڪيل، مڃيل محفوظ، سلامت
• مُسمَيٰ: رسمي نالو ڏيڻ (ذ) معين ـخاص نالو ڏنل مراد، مردن جي نالي سان استعمال ٿيندڙ لفظ
• مسمات:(ث)نالو رکيل عورت، عورتن جي نالي سان استعمال ٿيندڙ.
• مسموع: (سمع لفظ جو مفعول) ٻڌل خبر، رپورٽ.
• مسمار: اسم سَمَر (مضبوط ڪرڻ) لاءِ اسم آله ميخ يا ڪوڪو. ص ـ ڪيرايل ڊاٺل تباهه، برباد.
• مسموم (سم: زهر، سَم: (زهر ڏيڻ) زهر ڏنل، زهريلو، زهري.
• مُسن: (سن=عمر) وڏي عمر وارو، پوڙهو.
• مَسنَد: سند – ٽيڪ ڏيڻ، اها شيءِ جنهن تي ٽيڪ ڏئي ويهجي صندل تخت، گادي.
• مَسنُون:سن= تيز ڪرڻ،صاف ڪرڻ جو مفعول تيز ڪيل صاف ڪيل، جائز في السُنة، شرع ۾ جائز.
• مسواڪ: (سَوڪُ) سوڪ الاسنانَ بالعود، اها ڪاٺي جنهن سان ڏند صاف ڪجن ڏندن جو برش ڏندڻ (ج)مساويڪ
• مُسَودَه: (سَوَد=ڪارو ڪرڻ اسم مفعول). اها لکيت يا تحرير جا پهريائين سرسري طرح لکي وڃي، ڪچو ڊرافٽ جنهن جي تصحيح ڪري پوءِ صاف نسخو تيار ڪجي
• مُسهل: پيٽ کي نرم ڪندڙ دوا، دستَ ڏيندڙ دوا، جلاب آڻيندڙ، قبض ڪشا.
• مسئلة: فقه بابت ڪو سوال معاملو.
• مَسيح: اصل عبراني ۾ ماشيح يا مشيحا هو. جنهن جي معنيٰ آهي مبارڪ معرب ٿيڻ ڪانپوءِ (برڪت وارو) سچ بنجي ويو. حضرت

عيسيٰ جو لقب، هڪ قول آهي ته کين مسيح جي لقب سان انڪري ملقب ڪيو ويو ڇاڪاڻ جو پاڻ ڪٿي به مستقل رهائش اختيار نه ڪيائون تبليغي سرگرمين ڪري اڄ هت سڀان ٻئي هنڌ هوندا هئا.

• مسيحي: حضرت عيسيٰ عليه السّلام جو پوئلڳ، عيسائي ڪرستان.

• مُشَابه: جهڙو مثل، موافق.

• مشابهت: هڪ جهڙائي، مطابقت، برابري.

• مُشَاطه: (مشط: ڦڻي) عورتن کي سينگار ڪرائيندڙ عورت، سڳابندي ڪرائيندڙ وچ واري عورت.

• مشاعرو (مشاعَره): شاعرن جي گڏ ٿي شعر خواني ڪرڻ جو شغل شاعرن جو اجتماع.

• مشاغل: مشغله جو جمع، ڪم ڪار، پورهيو، ونڊر.

• مشاق: (مشق: تجربو، جلد ڪم ڪرڻ) جي عادت جنهن جي گهڻي مشق ڪيل هجي، تجربيڪار، ماهر.

• مشام: قوت شامه جي جاءِ، سنگهڻ جو حس.

• مشاورة (شوريٰ) صلاح مصلحت، مشورو.

• مشاهدات: (مشاهدة جو جمع) ڏيکاءُ.

• مشاهدة: (مشاهدو، نظارو، تماشو، معائنه، تجربو انوار الاهيءَ جو نظارو.

• مُشاهره: (شهر: مهينو) ماهوار پگهار يا وظيفو.

• مشاهير (مشهور جو جمع) نامور ۽ وڏا ماڻهو.

• مشائخ: (شيخ جو جمع) بزرگ، دين جا اڪابر، صوفياء ڪرام.

• مشتاق: (شوق اشتياق) خواهشمند، طالب.

• مشتبه (شبه) :جنهن ۾ شڪ هجي

• مشترڪ: (شريڪ) گڏيل، شريڪ ٿيل، لاڳو.

• مشتري (اشتراء): خريدار، هڪ گرهه جو نالو.

• مشتعل (شعله): ٻرندڙ، باهه وانگر

• مُشتَق: (اشتقاق) ڪنهن مصدر مان نهيل لفظ.

• مشتمل: (مشمل) شامل شريڪ گڏيل.

• مشتهَر (شهرة): مشهور ڪيل اعلانيه ڊنڊورو ڏنل.

• مَشرَبُ (شربت): پاڻي پيئڻ جي جاءِ حوض چشمو، دين طريقو.

• مشرف (شرف): شرف ڏنل معزز.

• مشرق (مشرق): سج اڀرڻ وارو طرف،

اپرندو، اوڀر.
• مُشرڪ: (شرڪ)شريڪ ڪندڙ، بت پرست.
• مشرُوطُ: شرط رکيل، پابند، ٻڌل.
• مَشعلَ: ڪپڙي جو مچڪو جيڪو ڪاٺيءَ جي چيڙي تي ٻڌي تيل ۾ ٻوڙي ٻارجي، ڏياٽ.
• مشغلہ (شغل): ڪم، ڪرت، ڌنڌو تفريح.
• مشغول(شغل):ڪم ۾ رڌل، مصروف.
• مشفق: (شفقة) مهربان همدرد.
• مَشَق: تجربو، آزمودو.
• مُشَقَت: محنت، پورهيو، ڪشالو، جانفشاني.
• مشڪاة: جارو، اهو وڏو طاق جنهن ۾ چراغ رکيو وڃي،قنديل رکڻ وارو طاق.
• مشڪل:ڏکيو،دشوار، اوکو(ج)مشاڪل.
• مشڪلات: (مشڪل جو جمع) پر سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اچي تڪليف، ڏکيائي.
• مشڪوڪ: (شڪ: گمان) شڪ ڪيل، شڪي، گمان.
• مشن:عيسائين جي تبليغي انجمن سفارتي وفد.
• مشورة: (شوريٰ) صلاح مصلحت، تجويز، رٿابندي
• مشهد: (شهد)حاضر ٿيڻ جي جڳهہ شهادت، گاهہ ايران جي خراسان علائقي ۾ هڪ مشهور شهر، هن جو قديمي نالو طوس آهي، ڇاڪاڻ جو هن ۾ حضرت امام رضا شهيد ٿيو هو ۽ اتي ئي سندن مزار آهي اُن ڪري شهر مقدس سڏجي ٿو.
• مشهود(شهد):حاضر ڪيل، موجود.
• مشهور(شهرت):شهرت ڏنل، جنهن جي شهرت هجي، نامور، ناليوارو
• مشيت(منشاء)خواهش مرضي،ارادو، خدا تعاليٰ جي مرضي تقدير.
• مُشِيرُ: (شوريٰ) مشورو ڏيندڙ، صلاحڪار، راءِ ڏيندڙ
• مُصَاحِبُ(صحبة) هم صحبت، خاص دوستَ، رفيق ساٿي.
• مصارف(صرف)خرچ پکا، اخراجات
• مصافحہ: (صافخ هٿ ملائڻ) هٿ ملائڻ / ڏيڻ.
• مصالحت: (صلح) ميلاپ.
• مصالحہ: طعام يا ڪاڌي کي رڌڻ لاءِ ديگر.
• مصداق: هر اها شيءِ جنهن تي ڪنهن شيءِ جي معنيٰ صادق اچي،

معنيٰ ثبوت، شهادت، اطلاق، صداقت جو ثبوت، گواهي شاهدي

• **مصائب:** (صابة_مصيبة) مصيبة جو(جمع)تڪليفون.

• **مصباح:** (صبُحَ_ روشن ٿيڻ جو) اسم آلہ بتي_ لالٽين چراغ.

• **مُصَحِحَ:** (تصحيح_صحيح ڪرڻ) درست ڪرڻ صحيح يا درست ڪندڙ، تصحيح ڪندڙ.

• **مُصَحَف:** (صحف= (لکيل ٽڪرن کي جمع ڪرڻ) جو اسم مفعول) گڏ لکيل ڪاغذ يا ڪتاب، قرآن مجيد.

• **مصداق:**(صَدق_ سچو صحيح هئڻ) جو اسم آلہ معنيٰ ثبوت صداقت، مطابقت، شاهدي، هر اها شيءِ جا ڪنهن ٻہ شيءِ جي معنيٰ لاءِ صادق اچي، معنيٰ ثبوت، شاهدي يا ثبوت مهيا ڪرڻ.

• **مصدَرَ:** (صَدُرَ= (نڪرڻ/ نمودار ٿيڻ) جو اسم مڪان نڪرڻ يا ڦٽڻ جي جاءِ، پاڙ، شروعات، سرچشمو، گرامر موجب اهو لفظ جنهن مان ٻيا لفظ ڦٽي نڪرن(ج)مصادر.

• **مُصَدِقّ:** (صَدَق: تصديق ڪرڻ جو اسم فاعل) تصديق ڪندڙ.

• **مُصدَقّ:** (صدق جو اسم مفعول) تصديق ڪيل، آزمايل، سچو، صحيح، نماز پڙهڻ جو ڪپڙو.

• **مصر:**شهر،آبادي، آفريڪا جو مشهور ملڪ.

• **مُصر:** (اصرار= ضد ڪرڻ جو اسم فاعل) ڪنهن ڳالھ تي ضد ڪري بيهندڙ، اصرار ڪندڙ، زور ڀريندڙ.

• **مصرع / مصرَعَة** :عام عروض موجب شعرجو اڌ(هڪڙي سٽ)

• **مَصرفُ:** (صرف= خرچ ڪرڻ) خرچ ڪرڻ جو سبب، استعمال، غرض مطلب

• **مصروف:**(صرف_ خرج ڪرڻ، رڌل رهڻ جو(اسم مفعول) خرج ڪيل، مشغول (ڪم ۾).

• **مصطفيٰ:** (اصطفيٰ) چونڊڻ جو اسم مفعول) چونڊيل، قبول ٿيل، برگزيده، مقبول، آن حضرت صلي الله عليہ وسلم جو لقب.

• **مصفي:**(صفا) صاف ٿيل، صاف، پاڪ.

• **مصلح:** (اصلاح) درست ڪندڙ، سڌاريندڙ.

• **مصلحت:** (صلح، سنو هئڻ) سٺي صلاح، نيڪ تجويز، بهتر راءِ چڱائي ڀلائي، صلاح، رٿ.

• مصلي: صلي= نماز پڙهڻ. نماز پڙهڻ جي جاءِ.

• مصمم: (صَمَمَ پڪو ارادو ڪرڻ) پڪو، پختو، مضبوط.

• مُصَنِفُ: (صنف_ لکڻ جو اسم فاعل) ڪتاب لکندڙ.

• مصنُوعات: (صنع/ٺاهڻ) جو اسم مفعول ٺاهيل شيون و مصنوعة

• مصنوعي:قدرت جي خلاف،اها شيءِ جنهن جي بنائڻ ۾ انسان جو هٿ هجي بناوٽي هٿرادو نَڪِلي، جڙتو.

• مُصَوِرُ: (تصوير = تصوير ٺاهڻ جو اسم فاعل) تصوير ٺاهيندڙ، نقاش، خدا تعاليٰ جو هڪ نالو.

• مُصِيبَة:( اصاب=ڪرڻ)متان ڪرڻ، آزار،ظلم، مشڪل، سختي.

• مضارع: (ضارعَ: هڪ جهڙو ٿيڻ) جهڙو، مثل اهو فعل جو زمان حال زمان مستقبل جي معنيٰ ڏئي.

• مضاعف: (ضاعَف: ٻيڻو ٿيڻ جو اسم مفعول) ٻيڻو ٿيل وڌايل.

• مضاف:( اضاف: ملائڻ لاڳاپو ڏيکارڻ) مليل،لاڳاپيل وڌايل، گرامر، موجب مالڪي ڏيکاريندڙ

• مضاف اليه: گرامر ۾ ملڪيت ڏيکاريندڙ لفظ.

• مضافات: آسپاس گرد و نواح، شهر جي آسپاس وارا ڳوٺ.

• مضامين: مضمون جو جمع

• مضايقة(ضايق: ڏکيو هئڻ سخت هئڻ) مشڪل، حرج نقصان، گهٽتائي، ڏٻ.

• مُضطَر:( اضطراري لاچار ڪرڻ، مجبور ڪرڻ) حاجتمند جو اسم مفعول) بي اختيار، لاچار، مجبور.

• مضبوط: (ضبط) سوگهو جهلڻ، پڪو هئڻ، مستحڪم، پڪو، قابو، ڏاڍو، سخت.

• مضحڪة: (ضحڪ: کلڻ) کِل مذاق چرچو، ٺٺول، چٽر.

• مُضِر:(ضَرَ=تڪليف،نقصان پهچائڻ) نقصانڪار،ضرر پهچائيندڙ.

• مضرب، مضراب: تارن واري سَاز (ستار) کي وڄائڻ لاءِ هڪ اوزار.

• مَضَرة: نقصان زيان، ضرر .

• مُضطَرب، اضطراب: (بيقرار رهڻ) جو اسم فاعل بي قرار، بي چين.

• مُضمَحل:( اضمَحَلَ:ساڻو،ٿڪل،هيڻو هئڻ جو اسم مفعول) ٿڪل ساڻو اداس.

• مُضمَرُ:( اضمر:لڪائڻ جو اسم مفعول) لڪل، ڳجهو، پوشيده، مخفي.

• مُضمَضَة: گرڙي، غرغرة.

• مضمون:(ضمن=شامل ڪرڻ) ڪنهن موضوع تي لکيل تحرير مطلب، معنيٰ.
• مُطَابِقْ: (طابق: موافق هئڻ چلڻ هڪ جهڙو ٿيڻ (اسم فاعل) جهڙو، موافق برابر، مثل.
• مطابقة: هڪ جهڙائي، مشابهت، برابري.
• مطالبہ: (طلب: گهر) پنهنجي حق جي گهر دعويٰ نهراءِ، طلب.
• مطالعہ : (طالع: پڙهڻ ڏسڻ) ڪنهن شيءِ کي سمجهڻ لاءِ ڏسڻ پڙهڻ اپياس ڪرڻ غور سان .
• مَطبہ: طب جو اسم ظرف جنهن جاءِ تي طبيب علاج ڪري
• مَطبَخ: (طبخ = رڌڻ جو اسم ظرف) رڌڻو، بورچيخانو.
• مَطبعُ:(طبع=ڇپڻ)ڇاپخانو، پريس.
• مطبوع:(طبع جو اسم مفعول) ڇپيل
• مطلا: مطلي(طلي) اسم مفعول سونو پاڻي ڏنل سونو طلائي زرين
• مطلب: (طلب) مقصد، ارادو معنيٰ غرض.
• مطلع:(طلوع:نڪرڻ) جو هنڌ طلوع ٿيڻ جو هنڌ تارن جي نڪرڻ جو هنڌ. غزل يا قصيده وغيره جو پهريون شعر، جنهن جي ٻنهي مصرائن ۾ قافيو هجي.
• مُطّلَعْ: (اطلاع) جو اسم مفعول اطلاع ڪيل واقف، آگاهہ، خبردار ڪيل
• مُطلع: اطلاع جو اسم فاعل اطلاع ڏيندڙ، خبردار، آگاهہ ڪندڙ.
• مُطلَقْ: (اطلق۔ آزاد ڪرڻ جو اسم مفعول) آزاد، خود مختيار، بالڪل قطعي.
• مُطلِقْ العنان: بي لِغام، ڇڙواڳ، آزاد، خود مختيار.
• مُطلَّقہ: (طلاق) طلاق ڏنل عورت.
• مطلوب:(طلب= خواهش گهر) طلب ڪيل، گهريل، معشوق، محبوب
• مطمح : (طمح: نظر پوڻ) نظر پوڻ جو هنڌ نظارو، مقصود.
• مطمح نظر: نگاهہ جو مرڪز اصل مقصد.
• مُطَهَر:(طهر: پاڪ ڪرڻ) پاڪ، صاف، برتر.
• مطمئن:(اطمينان۔ بي فڪري) بي فڪر، بي اونو.
• مُطيعُ:(اطاعة: فرمانبرداري) فرمانبردار، تابعدار.

• **مظالِم:** (ظلم) ظُلمَ، سختيون ڏاڍ.
• **مظاهر:** مظهر جو جمع نظارا، لقاء (ظاهر: مدد ڪرڻ)
• **مظاهره:** مدد، حمايت، ڪنهن خاص معاملي جي تائيد يا مخالفت ۾ اجتماع.
• **مظلوم:** (ظلم) جنهن تي ظلم ڪيل هجي ستم زده ستايل آزاريل.
• **مُظفر:** (ظفر= ڪاميابي) فتحياب، سوڀارو.
• **مظهر:** (ظاهر) ظاهر ٿيڻ جي جاءِ، پڌرائي اظهار.
• **مَعَ:** ساڻ گڏ، شامل
• **معاً:** سان ئي گڏوگڏ
• **معاذ:** عوذ: پناهه
• **معاذالله:** پناهه جي جاءِ، پناهه، حفاظت، خدا جي پناهه
• **معارف:** (معرفة جو جمع) مختلف علمَ، هنر.
• **معاش:** (عيش= زندگيءَ جو اسم مصدر، اسم مڪان) رزق روزي گذران ڪاڌو، خوراڪ
• **معاشرة:** (عشرة: زندگي) رهڻي ڪهڻي اٿي ويٺي سک واري حياتي
• **معاشرة:** (عشرة) گڏجي رهڻ ۽ زندگي گذارڻ، سماج، سوسائٽي.
• **معاصر:** (عصر، زمانو عاصر= ساڳئي زماني جو ٿيڻ) هم عصر ساڳئي دور جا، ساٿاري
• **مَعاف:** (عَفُو —بخشڻ جو اسم مفعول) بخشيل ڇڏيل آزاد
• **مَعَافِي:** عفو جو اسم مصدر، بخشش نجات، ڇوٽڪارو
• **مُعَالِج:** علاج عالج= جو اسم فاعل دوا درمل ڪرڻ علاج ڪندڙ، طبيب، ويج.
• **معالجہ:** علاج جو اسم مصدر، دوا درمل، علاج.
• **معامله:** عمل عامل پاڻ ۾ گڏجي ڪو ڪاروبار ڪرڻ) ڪم ڪار، ڪاروبار، ڏنڌو ڏيتي ليتي وهنوار، جهڳڙو، تڪرار.
• **معاملات:** معامله جو جمع ڪاروباري مسئلا، تڪرار، معاملا
• **مُعَانَقه:** (عانق—ڀاڪر پائڻ) بغل گيري ڀاڪر.
• **مَعَانِي:** (معني جو جمع) معنائون مطالب.
• **مَعاوضة:** (عيوض) بدلو، عيوض ملهه، اجرت، محنتاڻو، پورهيو.
• **معاونُ:** (عون=مدد) عاونُ: واهر ڪرڻ جو اسم فاعل) مددگار، ٻيلي

حمايتي اسسٽنٽ ماتحت عاون جو اسم مصدر.

• معاونة: مدد، حمايت.

• مُعَاهَدَه (عاهد): عهدنامون، اقرار نامو، ناهه، صلح.

• مُعَائِنة: (عاينَ) اکين سان ڏسڻ مشاهدو، جائزو، جانچ.

• مَعبَدُ:عبادت جي جاءِ عبادتگاهه.

• معبود: جنهن جي عبادت ڪجي، الله تعاليٰ.

• معتبر:(اعتبر)اعتبار جوڳو، ڀروسي جهڙو.

• مُعتَدِل:(اعتدال)اعتدال وارو، وچٿرو، مساوي برابر.

• مُعترِض:(اعترض)اعتراض ڪندڙ روڪيندڙ، ٽوڪيندڙ

• مُعتَرِفُ: (اعترف) مڃيندڙ، قبول ڪندڙ، اقراري.

• مُعتقدُ:(اعتقد)اعتقاد رکندڙ مڃيندڙ ، ڪنهن فرقي جو پوئلڳ

• مُعتمد(اعتمد):اعتبار جوڳو ڀروسي جهڙو، مُعتبر.

• معتوب:(عتاب) عتاب هيٺ آيل.

• مُعجزَة: اهو ڪم جو انساني فطرت کان ٻاهر هجي اهو ناممڪن ڪم جيڪو نبي سڳوري ﷺ کان ٿئي

• مُعَجَل:(عَجلَ)جلدي ۾ ڪيل نڪاح وقت فوراً ادا ڪيل حق مهر.

• مَعجُون:(عجن:ڳوهڻ) اهڙو مرڪب جو ماکي/کنڊ وغيره ۾ ڳوهي تيار ڪيو وڃي.

• مَعدَن:(عَدن=ترسڻ) سون چاندي ڪوئلي وغيره جي کاڻ

• مَعدُودُ: (عدد) شمار ڪيل، ڳڻيل، ٿورو.

• مَعدُوم: (عَدمَ گم ڪرڻ نيست و نابود ڪرڻ) گم ڪيل نابود ڪيل، گم.

• معده: جسم جو هڪ عضوو (پيٽ ۾ کاڌي کڏ ٿيڻ ۽ هضم ٿيڻ جي ڳوٿري اوجهري سڪم، ڍڍ.

• مَعذرَتَ: عذر، بهانو، حيلو

• مَعذور: عذر وارو، اپاهج، جڏو، عاجز

• معرا: (عري= خالي، اگهاڙو) اگهاڙو ننگو، خالي سادو صاف اهو نثر جيڪو مقفي/ مُسجع نہ هجي.

• معراج: (عرج: مٿي چڙهڻ) جو اسم آله) ڏاڪڻ مٿاهين هنڌ تي چڙهڻ جو وسيلو، نبي اڪرم صلي الله عليہ جو معراج، جو ڪين نبوت جي ٻارهين سال ۾ ٿيو هو.

• مُعَرَبُ: (تعريب: عربي بنائڻ) اهو

لفظ جو ڪنهن ٻي زبان جو هجي مگر ان ۾ ٿوري تبديلي ڪري ان کي عربي بنايو ويو هجي، جيئن مِسڪ معرب آهي. فارسي لفظ مُشڪ جو. انبه انبج معرب آهي، سنڌي لفظ انب جو.

• مَعرَضُ:(عرض= ڏسڻ ۾ / وجود ۾ اچڻ جو اسم مڪان) ظاهر ٿيڻ جو هنڌ.

• مَعرِفَة:(عرف:ڄاڻڻ جو اسم مصَدر) سڃاڻپ، واقفيت، علم الاهي يا قدرت جي قانون جي ڄاڻ علم، خدا شناسي.

• معرڪة: عرڪ سخت حملو ڪرڻ، جنگ ڪرڻ جو اسم مڪان) جنگ جو ميدان لڙائي

• معروف:(عرف:ڄاڻڻ جو اسم مفعول) ڄاتل سڃاتل مشهور.

• مُعزَزُ:(عَزَز: عزت وارو بنائڻ جو اسم مفعول) عزت وارو عزت وند، بزرگ، شريف.

• معزول: (عزل: هٽائڻ لاهڻ جو اسم مفعول)هٽايل لاٿل برطرف (ڪنهن عهدي يا فرض ادائي تان)

• مَعشَرَ :(عَشَرَ/ عَشَرة: ڏهه جو عدد مائٽن/ اسم جمع) عزيزن/ دوستن جو گروهه يا جماعت

• مَعشوق:(عشق جو اسم مفعول) جنهن سان عشق ڪجي جنهن تي ڪو عاشق هجي محبوب پيارو، دلبر

• مَعصُومُ: (عَصمَة گناهه کان بچائڻ جو اسم مفعول) گناهه کان بچايل، بي گناهه، پاڪدامن، ننڍو ٻار. ڀالو ڀولو خطا کان پاڪ

• معصوميتہ:(عصمت)جو اسم مصدر پاڪدامني

• مَعصيتُ:(عَصَي= نافرماني ڪرڻ جو اسم مصدر) گناهه نافرماني( ج) مَعَاصي.

• مُعَطَّرُ:(عَطر:خوشبودار ڪرڻ خوشبودار هئڻ جو اسم مفعول خوشبودار، سرهو، سڳنڌ وارو

• مُعَطَّل: (عطل= بيڪار ڪرڻ ڪم کان برطرف ڪرڻ جو اسم مفعول) بيڪار، ڪم کان نڪتل ملازمت کان ڪجهه وقت لاءِ برطرف.

• مُعَظَمُ:(عظم: عزت ڏيڻ وڏو ڪرڻ جو اسم مفعول) وڏو، بزرگ، عزت لائق.

• معقول: (عَقَلَ: عقل ۾ اچڻ جو اسم مفعول) عقل ۾ آيل عقل جوڳو، مناسب، درست، وڻندڙ، لائق موزون.

• مَعقوليَتَ: عقل: عقل ۾ اچڻ جو اسم مصدر)انسانيت ماڻهپو سمجهه.

• مُعَلق: (عَلق: ٽنگڻ، لڙڪائڻ) جو اسم مفعول ٽنگيل، لٽڪيل.
• مُعَلِمُ: (عَلَمَ: سيکارڻ، پڙهائڻ جو اسم فاعل)علم سيکاريندڙ، استاد.
• مَعلومُ:(عَلِمَ:ڄاڻڻ،سڃاڻڻ سمجهڻ جو اسم مفعول)ڄاتل،سمجهيل پڌرو، مشهور، واضح.
• مَعلومَات: معلوم شيون ڄاڻ، واقفيت
• مُعَلي: (عَلي_ اوچو، بلند ڪرڻ جو اسم مفعول) اوچو، بلند مٿانهون.
• مُعَمة: (عَمي= ڳجهو/ لڪل رکڻ جو اسم مفعول)لڪل ڳالهه ڳجهي پرولي ڳجهارت، ڳوڙهو مسئلو
• معمَارُ: (عَمَرَ= گهر ٺاهڻ جو اَسم فاعل)اڏاوت ڪندڙ،عمارت ڏاهيندڙ، رازو، مستري.
• مُعَمر:اعمر(وڏي عمر ٿيڻ/ گهڻو عرصو رهڻ جو اسم مفعول) وڏي ڄمار، وارو، پوڙهو، ٻڍو.
• مَعمُور: (عَمَر = آباد ٿيڻ جو اسم مفعول) آباد. وَسيل پريل پُر، لبريز، ڪنان تار.
• مَعمُول:(عمل_ڪم ڪرڻ جو اسم مفعول)جنهن شخص تي ضروري عمل ڪيل هجي، روزانو عمل، رواج عادت، دستور، موافق، روزمره ڪرڻ واري ڳالهه.
• معمولات: روز مره جا ڪم، عادتون
• مَعنيٰ:(عني:واسطو،تعلق لاڳاپو هئڻ جو اسم مصدر) مطلب، مراد، مقصد، اصليت، حقيقت، ج معاني.
• معنوي: (ص) معنيٰ مطابق اصلي حقيقي، باطني.
• مُعَنبَرُ:(عَنبَر:خوشبو لڳائڻ جو اسم مفعول)عنبر جي خُوشبوءِ لڳل سرهو خوشبودار، عنبردار.
• مُعَنَوَنُ:(عنَونَ=ڪتاب کي عنوان ڏيڻ جو اسم مفعول) عنوان ڪيل، نالي ڪيل.
• معيار: (عاير: تورڻ ماپڻ جو اَسم آله) ماپو، ماڻ (وٽ) پرک، جانچ اندازو، پيمانو، ڪسوٽي.
• مُعَيَنُ:(عَينَ:مقرر ڪرڻ/خاص ڪرڻ جو اسم مفعول) مقرر ڪيل خاص ڪيل معلوم، مذڪور، طئي ٿيل
• مُعينُ: (عَونَ_ اعان: مدد ڪرڻ جو اسم فاعل) مددگار، حامي
• مَعيشَت: زندگي حياتي روزگار( ج) معَايش.
• معيوب: عيب عاب: عيبدار ٿيڻ جو اسم مفعول) عيبدار، ناقص.

• مَعِيتَ:(مع ـ ساڻ اسم ظرف) همراهي رفاقت، ساٿ.
• مُغالطة:(غلط جو اسم مصدر) غلطي ۾ وجهڻ فريب، دغا، غلط فهمي ابهام، شڪ هئڻ
• مُغايرتَ:غاير:مخالفت ڪرڻ جو اسم مصدر،ڌاريائي جدائي، مخالفت
• مَغرب: (غَرَب سج لهڻ جو اسم زمان مڪان) سج لهڻ وارو طرف الهندو، سانجهي سج لهڻ جو وقت، سانجهي واري نماز.
• مَغرُور:(غر ـ ٺڳڻ جو اسم مفعول) ٺڳجي ويل غرور وارو، تڪبر ڪندڙ هٺيلو، وڏائي غرور
• مغضوب: (غضب: ڪاوڙ ڪرڻ جو اسم مفعول) جنهن تي غصو ۽ غضب هجي.
• مغفرت: (غفر: ڏوهہ گناهہ کي ڍڪڻ بخشش جو اسم مصدر) ڏوهہ کي ڍڪڻ يا بخشڻ، بخشش.
• مغفور رغفر: ڏوهہ/ گناهہ بخشڻ جو اسم مفعول) بخشيل بخش ڪيل مرحوم، جنتي.
• مغلوب: غلب: فتح حاصل ڪرڻ شڪست ڏيڻ جو (اسم مفعول) شڪست کاڌل، هارايل، عاجز.
• مغموم: ( غم= ڏک ڏيڻ جو اسم مفعول) غمگين، ڏکويل اداس.
• مغني: (غَني: ڳائڻ جو اسم فاعل مذڪر) ڳائڻو گويو
• مُغَنية: (غَني): ڳائڻ جو اسم فاعل مؤنث) ڳائڻي
• مفاد:(فاد_فائدة)اسم ذات، مطلب، مفهوم، معنيٰ منفعه، نفعو
• مفاخرة: (فاخر_فخر/ ناز ڪرڻ جو اسم مصدر) بزرگي ۽ وڏائيءَ ۾ ڪنهن سان فخر۽ ناز ڪرڻ
• مفارقة:(فارق ـ ڇڏي وڃڻ جو اسم مصدر) جدائي وڇوڙو فراق
• مفاصلہ: (فاصل ـ پاڻ کي ٻين کان الڳ/ جدا ڪرڻ جو اسم مصدر، وڇوٽي ڏوري فرق
• مفتاحُ: فَتح ـ کولڻ جو اسم آله) چابي ڪنجي
• مفتوح: (فتح – کولڻ جو اسم مفعول) فتح ڪيل کٽيل
• مَفتون فتَن: (گرفتار/ قيد ڪرڻ جو اسم مفعول)موهت ٿيل عاشق
• مُفتي: (افتاء: فتويٰ ڏيڻ جو اسم فاعل)فتويٰ ڏيندڙ، شرعي فيصلو
• مُفَرِحُ: تفريح ـ فرحت ڏيندڙ دوا.

• **مُفرَد:** اَفرَدَ (ڪنهن شخص يا شئي کي اڪيلو ڪرڻ جو اسم مفعول) اڪيلو جدا. رياضي ۾ اهو عدد جو جزن ۾ نه ورهائجي سگهي. مثلاً: 3، 7، 23.

• **مَفرُور :** فَرَ(ڀڄي وڃڻ)جو اسم مفعول) فرار ٿيل، ڀڳل.

• **مَفرُوضه :** فرض (سمجهڻ يا گمان ڪرڻ)جو اسم مفعول، فرض ڪري ورتل، قياسي. اها ڳالهه جنهن جو بنياد نه هجي.

• **مُفسد:** اَفسَدَ(فساد ڪڙو ڪرڻ) جو اسم فاعل،فسادي،جهيڙاڪ،شرارتي.

• **مُفسر:** فسَرَ(معنيٰ،شرح يا مطلب کولڻ) جو اسم فاعل، معنيٰ، شرح بيان ڪندڙ. قرآن شريف جي معنيٰ، شرح يا مطلب بيان ڪندڙ.

• **مُفَصَل :** فَصل (کولي بيان ڪرڻ) جو اسم مفعول. تفصيل وار، کولي بيان ڪيل، کليل، صاف.

• **مَفعُول:** فَعَلَ(ڪم ڪرڻ) جو اسم مفعول. ڪم ڪيل. جنهن تي ڪم ٿيو هجي، گرامر موجب اهو اسم جنهن تي ڪم ٿيو هجي، بدفعلي ڪرائيندڙ.

• **مفقود:** فَقَدَ(ڏسڻ ۾ نه اچڻ، گم ٿيڻ) جو اسم مفعول. غائب، گم.

• **مُفَڪِر :** (فڪَر)(سوچ، فڪر، غور ڪرڻ) جو اسم فاعل. فڪر ڪندڙ، غور ڪندڙ، سوچيندڙ.

• **مُفلِس :** اَفلَسَ(غريب، ڪنگال ٿيڻ) جو اسم فاعل. غريب، ڪنگال، پينگيو.

• **مفلُوج :** فَلج (اڌ رنگ بيماري ۾ وٺجڻ) جو اسم مفعول. اڌ رنگ جي بيماري ۾ ورتل.

• **مَفلُوڪ :** فلڪ، فلاڪة (آسمان جي گردش ڪان تباهه ٿيڻ) جو اسم مفعول جنهن کي فلڪ جي گردش تباهه ڪيو هجي، مفلس، تباهه حال، ڪنگال، محتاج.

• **مفهوم:** فَهِمَ(سمجهه ۾ اچڻ/ سمجهڻ) جو اسم مفعول. مقصد، معنيٰ، سمجهه.

• **مفِيد:** اَفَادَ (فائدو/ نفعو ڏيڻ) جو اسم فاعل. فائديمند، نفعو ڏيندڙ.

• **مُقَابِل:** قابَلَ( ڪنهن جي سامهون اچڻ/ آڏو اچڻ) جو اسم فاعل. سامهون ايندڙ،مخالف دشمن، ڇنا پيٽي ڪندڙ.

• مُقَابله : قابل (اڳيان ٻيهڻ،منهن ڏسڻ)جو اسم ممدر،ڀيٽ، برابري، مخالفت، لڙائي، چٽا ڀيٽي.

• مُقَاطَعَه : قاطع(ٺيڪي تي ڏيڻ) جو اسم مصدر، ٺيڪو.

• مَقَال: قال (ڳالهائڻ/ چوڻ) جو اسم مصدر، ڳالھ ٻولھ، قول.

• مُقَام: قام(ترسڻ) جو اسم مصدر ۽ اسم ظرف، ترسڻ جي جاءِ، بيٺڪ، منزل، رتبو.

• مقامات: (مقام جو جمع) بيٺڪون، اجلاس ، اجلاس ۾ ڳالهايل.

• مقبره: قبر(پورڻ) جو اسم ظرف، قبر، تربت، روضو، درگاھ.

• مقبوضه : قبض( قبضي ۾ آڻڻ) جو اسم مفعول، قبضي هيٺ آندل، قبايل.

• مقبول:قبل(پسند ڪرڻ/منظور ڪرڻ) جو اسم مفعول، قبول ڪيل، پسنديده.

• مُقتَدا/مُقتَدي:اِقتديُ(پيروي ڪرڻ) جو اسم مفعول، اهو شخص جنهن جي پيروي ڪجي.

• مُقتَدي: اقتدي(پيروي ڪرڻ) جو اسم فاعل ـ پيروي ڪندڙ، پوئلڳ.

• مُقتَدِرُ: اقتدَر (طاقت، سگهه هئڻ) جو اسم فاعل، طاقتور، صاحب اختيار، زور آور.

• مُقتَضيُ: اقتضي(سڌ ڪرڻ، گهر، خواهش ڪرڻ) جو اسم مفعول،سڌ ڪيل، گهر ڪيل، مطلب، خواهش.

• مُقتَض / مُقتضي: اقتضيُ(سڌ/ خواهش ڪرڻ) جو اسم فاعل، مطالبو ڪندڙ،تقاضا ڪندڙ، خواهش ڪندڙ، گهرڪندڙ.

• مَقتَلُ: قتل (قتل ڪرڻ)جو اسم ظرف، قتل ڪرڻ جو هنڌ، قتل گاھ.

• مَقتُول: قتل( قتل ڪرڻ/ ڪهڻ) جو اسم مفعول، قتل ڪيل، ماريل، ڪٺل.

• مِقدار: قدر(ماپڻ/ تورڻ) جو اسم مصدر، آلہ ماپ، تور، اندازو، تعداد.

• مُقَدَرُ:قَدَرَ(فيصلو ڪرڻ)جو اسم مفعول، قدرت ڪان فيصلو ٿيل، تقدير ۾ جا ڳالھ هجي، نصيب، ڀاڳ.

• مُقَدَسُ:قَدَسَ(پاڪ ڪرڻ) جو اسم مفعول، پاڪ، پلارو.

• مُقَدَمُ:قَدَمَ (اڳتي/ اڳيان ڪرڻ، ترجيح ڏيڻ) جو اسم مفعول، پهريون، اڳيون، معزز، افضل.

• مُقَدَمَه : ديباچو، ڪتاب جي منڍ ۾ لکيل، شروعات، ابتدا، تمهيد.

• مَقدُور: قَدَرَ(طاقت/ سگهه/ زور هئڻ)جو اسم مفعول،طاقت، سگهه، وس، اختيار، حيثيت.

• مُقَرَبُ: قَرَبَ(ويجهو ڪرڻ ) جو اسم مفعول. اهو شخص جنهن کي قرب حاصل هجي، خاص دوست.

• مُقَرَرُ: قَرَرَ(طي ڪرڻ) جو اسم مفعول، بيهاريل، ملازم، نوڪر.

• مُقَرِرُ: قرر(تقرير ڪرڻ) جو اسم فاعل، تقرير ڪندڙ.

• مَقروضُ: قَرَضَ(قرض/ اوڌر ڏيڻ) جو اسم مفعول. جنهن کي قرض ڏنل هجي، قرضي.

• مَقَصَدُ: قَصَدَ(ارادو ڪرڻ) جو اسم مصدر، ارادو مطالب، غرض.

• مَقصُود: قَصَدَ(ارادو ڪرڻ) جو اسم مفعول، مطلب، غرض.

• مَقَطعُ: قطع(ڪٽڻ/ ٽڪرا ڪرڻ) جو اسم ظرف. قصيدي/ غزل جو آخري شعر جنهن ۾ شاعر جو تخلص هجي.

• مقطعات: قطعَ(ٽڪرا ڪرڻ) جو اسم مفعول، ٽڪرا.

• مقطعات: قرآن شريف جي ڪن سورتن ۾ آيل خاص حرف جن جو مقصد الله تبارڪ و تعاليٰ کي معلوم آهي، مثلاً : الم ـ طه ـ يٰس.

• مَقعَدُ: قَعَدَ(ويهڻ) جو اسم مڪان، ويهڻ جي جاءِ،ويهڪ، ڳُٺي.

• مُقَفيٰ: قَفَا(هڪ ٻئي جي پٺيان هلڻ) جو اسم مفعول. قافيه ۾ آيل عبارت، قافيه دار.

• مُقَلِد : (قَلَدَ: پيروي ڪرڻ) جو اسم فاعل. پيروي ڪندڙ، پوئلڳ.

• مُقَنِنُ:قَنَنَ(قانون ٺاهڻ) جو اسم فاعل،قانون ساز، قانون ٺاهيندڙ.

• مقوله: قال(چوڻ) جو اسم مفعول، قول، سخن.

• مُقوي: قَوَيَ(طاقت ڏيڻ) جو اسم فاعل، طاقت/ قوت وڌائيندڙ.

• مِقَياسُ: قاس(ماپ لهڻ) جو اسم آلہ. ماپ لهڻ جو اوزار. مثلاً : مقياس الحرارت: گرمي ماپڻ جو اوزار، ٿرماميٽر.

• مُقَيَدُ: قيد(قيد ڪرڻ)جو اسم مفعول. قيدي، پابند.

• مُقِيمُ:آقام(ترسڻ)جو اسم فاعل. ترسيل، رهندڙ، رهاڪو.

• مڪاتب:(مڪتب جو جمع)اسڪول.

• مڪاتيب : (مڪتوب جو جمع) خَطَ پَٽ.

• مڪار:مَاڪِر (فريبي، دوکي باز) جي صفت مبالغہ. وڏو دوکيباز، ٺڳ، فريبي.

• مُڪَاشَفَ:ڪشفـ(کولڻ/ڪرامت) جو اسم مصدر. رازجو اظهار.

• مڪافاة :ڪافي( بدلو ڏيڻ، عيوض ڏيڻ)جو اسم مصدر. عيوض، بدلو.

• مُڪالمَہ : ڪلام، ڪَالَمَ (هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ) جو اسم مصدر. ڳالهہ ٻولهہ، گفتگو.

• مڪَان: ڪون (ڪان/ رهڻ) جو اسم ظرف.رهڻ جي جاءِ، آستان، ٺڪاڻو، اوتارو هنڌ.

• مڪتب:ابتدائي تعليم وارو مدرسو. ڪتاب، درسگاهہ، پرائمري اسڪول.

• مڪتوب: (ڪتب/ لکڻ) جو اسم مفعول. خط، لکيل شيءِ.

• مَڪتُوب اِليه : اهو شخص جنهن کي خط لکيو ويو.

• مڪر: فريب، دوکو، دغا، ٺڳي.

• مُڪَرَرُ: ڪَرَرَ(وري وري چوڻ) جو اسم مفعول. وري وري چيل، ٻيو ڀيرو، دوباره.

• مُڪَرَمَ: ڪَرَمَ(عزت ڏيڻ) جو اسم مفعول. عزت وارو، معزز، بزرگ.

• مڪروه: ڪره (ڪراهت، نفرت، نہ وڻڻ) جو اسم مفعول. جنهن مان نفرت، ڪراهت، لڳي، نفرت جوڳو. فقه ۾ ناجائز فعل کي بہ هن لفظ سان تعبير ڪبو آهي.

• مُڪَعَبُ:ڪَعَب،اهو جسم /شئي جنهن جي ڊيگهہ ويڪر، اوچائي هڪ جيتري هجي.

• مڪمل: ڪمل (پورو/ سالم هئڻ) جو اسم مفعول. پورو، سالم، سمورو، سڄو.

• مڪنون: ڪنن (لڪائڻ، ڳجهو رکڻ) جو اسم مفعول. لِڪل، ڳجهو.

• مڪه:حجاز مقدس جو مشهور شهر جتي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ

چاوا، جنهن ۾ ڪعبة الله شريف آهي. جتي حج ادا ڪيو ويندو آهي.

• مَڪين : مَڪَنَ(هڪ هنڌ رهڻ) جو اسم فاعل.مڪان ۾ رهندڙ.ساڪن.

• مُلا: عالم فاضل شخص.

• مَلاحِ:ٻيڙياتو.ڪشتي بان. ميربحر.

• ملاحة : سانوري رنگ واري وڻندڙ سونهن. سانورائپ. نمڪيني.

• ملاحظه : لاحظ(غور سان ڏسڻ) جو اسم مصدر. ڏسڻ. غور. لحاظ. مروت.

• ملازم: لازمَ( ٻڌل/ پابند هئڻ) جو اسم فاعل. نوڪر. خادم.

• مُلاقات:لاقي(ءــ ٻئي سان ملڻ/ گڏجڻ) جو اسم مصدر. گڏجاڻي.

• مُلاقي: لاقي(ملڻ) جو اسم فاعل. ملاقات ڪندڙ.

• ملال: مَلَ(غمگين ٿيڻ) جو اسم مصدر. رنج. غم. ڏک.

• ملام /ملامة:لام (ميار/عتاب ڏيڻ) جو اسم مصدر.جٺ ڦٽ. ميار.عتاب

• مُلائڪة : ملڪ جو جمع. فرشتا.

• مُلائم: لائم(نرم ٿيڻ) جو اسم فاعل نرم. ڪنئرو. حليم.

• ملائمة: لائم جو اسم مصدر. نرمي. حليم.

• ملبوس:بس(پهرڻ)جو اسم مفعول. ڪپڙا پهريل. وڳو.جمع ملبوسات.

• مِلت : (و) مذهب. دين. قوم.

• ملل: جمع.

• مُلتفِت: التفتَ(توجهه ڪرڻ) جو اسم فاعل. توجهه ڪندڙ.

• مُلتَمِس: التمس(عرض ڪرڻ) جو اسم فاعل. عرض ڪندڙ.

• مُلتَوِي:التوي(ڪجهه عرصو ترسائڻ) جو اسم فاعل. ڪجهه عرصو ترسائيندڙ.

• مُلتَوي:التويُ(ڪجهه عرصو ترسائڻ) جو اسم مفعول. ٿوري دير ترسايل.

• مَلجَاءُ:لَجَا(پناهه وٺڻ)جو ظرف دڪان. پناهه گاهه. پناهه جي جاءِ

• مُلحِد: اِلحَاد: (مذهب کان ڦرڻ) جو اسم فاعل. مذهب کان ڦريل. ڪافر.

• مُلحَق:الحاق(لاڳاپو/ڳانڍاپو هئڻ) جو اسم مفعول. لاڳو. ڳنڍيل. شامل.

• ملحوظ: لحاظ(لحاظ ڪرڻ) جو اسم مفعول. لحاظ/ ڌيان ۾ رکيل.

• مَلَذِذُ : لَذُذ(لذت وڏائڻ) جو اسم فاعل. لذت وڏائيندڙ.

• مُلزَمُ: الزم (الزام ڏيڻ) جو اسم مفعول. الزام هيٺ آيل.

• مَلعُون: لعنت ڪيل، لعنتي.

• ملفوظات : اهو ڪتاب جو ڪنهن بزرگ پنهنجي ڪيفيات جو احساسات بابت پنهنجي ٻاران لکيو هجي.

• مَلَڪُ: فرشتو.

• مَلِڪُ: مَلَڪَ(قبضو هئڻ) جي اسم فاعل. بادشاهه، فرمانروا، والي.

• ملڪ : ملڪيت.

مُلڪ : ديس، ڏيهه(ج) ممالڪ.

• ملڪة : راڻي.

• مُلڪة : مهارت.

• مُلَمَعَة:سون چاندي جو پاڻي جيڪو ڳهن تي چڙهيل هجي، ظاهري ڏيک، ظاهري ٺاهه.

• مُلَوّثُ: لوث (ناپاڪ، آلوده، لٿڙيل هئڻ) جو اسم مفعول. ناپاڪ، آلوده، ليٿڙيل، گَنل(ذوهن ۾)

• ملول: مل(غمگين ٿيڻ) جي صفت. غمگين، اداس، دلگير.

• مُلُوڪ : (مَلِڪَ جو جمع)بادشاهه.

• ممات : مات(مرڻ) جو اسم مصدر، موت.

• مُمَاثِلُ: ماثل(هڪ جهڙو، مشابه.

• مُمَاثِلَة: مشابهتَ، هڪ جهڙائي.

• مُمانَعَتُ: مَانَعَ(روڪڻ) جو اسم مصدر، منع، روڪ، بندش.

• مُمتَازُ: اِمتازَ( نمايان/ عليحدو ڪرڻ) جو اسم مفعول. نمايان، چوندبيل، نهايت اعليٰ.

• مُمتَحِنُ:امتَحَنَ(امتحان/ آزمائش وٺڻ) جو اسم فاعل. امتحان/ آزمائش وٺندڙ.

• مَمدُوحُ:مدح(ساراهڻ/تعريف ڪرڻ) جو اسم مفعول ساراهيل، واکاڻيل.

• مُمڪِنُ: اَمڪَنَ (ٿي سگهڻ) جو اسم فاعل. ٿي سگهندڙ.

• مُمڪِنَات:(ممڪن جو جمع) امڪانات.

• مملڪة : بادشاهي، رياست.

• ممنوع:منع(روڪڻ)جو اسم مفعول. منع ڪيل،ناجائز،شريعت ۾ روڪيل.

• ممنون: منة(ٿورو/ احسان) جو اسم مفعول. احسان ڪيل، احسان مند.

• منا:عربستان جي اها جڳهه جتي حج جي موقعي تي قرباني ڪبي آهي.
• مناجات:نلجي(ٻاڏائڻ)جو اسم مصدر.
• مُنَادِي:نادي(سڏڻ)جو اسم مصدر. فارسي ۾ پڙهو، پڙهو ڏيندڙ. اعلان طور ڪم ايندو آهي.
• منار/ مناره نور: (چمڪڻ، ٻرڻ) جو اسم ظرف. مڪان، اوچو ستون/ منارو، جتان موذن اذان ڏئي.
• منزل: ترسڻ جي جاءِ.
• منازل:(منزل جو جمع)ترسڻ جون جايون.
• مناسب: ناسب(هڪ ٻئي سان نسبت رکڻ) جو اسم صفت. نسبت رکندڙ، لاڳاپو.
• مناسڪ: (منسڪ جو جمع) حج جا ارڪان، طواف، قرباني وغيره.
• مناظر: (منظر جو جمع) نظارا، ڏيک.
• مُنَاظَرَه:ناظر(بحث مباحثو ڪرڻ) جو اسم مصدر. بحث مباحثو، تڪرار.
• منافرة :نافر( باهم نفرت ڪرڻ جو اسم مصدر. نفرت، ڌڪار.
• منافع: نفع.
• مُنافِقُ: نافق(نفاق رکڻ) جو اسم فاعل. نفاق رکندڙ، ٻيائي رکندڙ.
• مُنافَقَه: رياڪاري، مڪاري.
• مَنَافِي: خلاف، برخلافي.
• مَنَاقِب:منقبة(وصف جو جمع) وضون.
• مُنَاقَشَة ناقش:(جهيڙو/ تڪرار ڪرڻ) جو اسم مصدر. جهڳڙو، جهيڙو، تڪرار.
• مَنَّانُ:مِنة(ٿورو احسان)بيحد ڪندڙ. وڏا احسان ڪندڙ. خدا تعالىٰ جو صفاتي نالو.
• مُنْهِي : نَهَيَ(روڪڻ/ منع ڪرڻ) جو اسم مفعول. ممنوع شيءِ.
• مَنَاهِي :ممنوع شيون.
• مَنبَرُ: منبر.
• مَنبَعُ: نَبع(پاڻي نڪرڻ) زمين/ چشمي مان پاڻي جي ڦاٽي نڪرڻ جو ظرف مڪان. چشمو.(ج)مَنابع.
• مُنتخَبُ: انتخب(چونڊڻ) جو اسم مفعول، چونڊيل.
• مُنتَشَرَ: انتشر(پکڙجڻ) جو اسم مفعول. پکڙيل، ڪنڊريل.
• مُنتَظِرُ: (انتظار) انتظار ڪندڙ.
• مُنتَظِمُ:(انتظام) انتظام هلائيندڙ.
• مُنتقِمُ: انتقام وٺندڙ.

- مُنْتَهَي:(انتها)انتها ڪندڙ، انتهائي آخري.
- مِنـَة : مهرباني، احسان.
- مُنجَلي َ:انجلي(ظاهر/روشن ٿيڻ) جو اسم مفعول، ظاهر، روشن.
- مُنَجمُ: (نجوم) نجومي.
- مُنجَمَدُ:انجمد(ڄمڻ)جو اسم مفعول. ڄميل.
- مُنحرف :انحراف(ڦري وڃڻ)ڦري ويندڙ، باغي.
- مُنحَصرُ:انحصار(تعلق رکڻ). مدار رکندڙ، لاڳاپيل.
- مُنحَنَي: انحنَي:ڪبڙو ٿيڻ، ڪبڙو ڏبرو، لاغر.
- مُنحُوس:(نَحَسُ) بدبخت، نياڀو.
- مُندَرجُ: اندراج) درج ٿيل.
- منزلِ مقصود: اصل مقصد.
- منزلة : مرتبو، رتبو، عزت.
- مُنسلڪَ: ڳنڍيل، شامل.
- مَنسُوبُ: نالي ڪيل.
- منسوخ:(نسخ رد ڪرڻ) رد ڪيل، ڪڍيل.
- منشا: (شاء ) ارادو ڪرڻ، ارادو.
- منشور:نشر(شايع ڪرڻ)نشر ڪيل. ڪنهن جماعت جي مقصدن جي پڌرائي.
- منشي: انشا(لکڻ) جو اسم فاعل. ڪلارڪ، لکندڙ.
- منصَبُ: رتبو، عهدو.
- منصِفُ: انصف .(انصاف ڪرڻ) انصاف ڪندڙ.
- منصوبہ: ارادو، تجويز، رٿا.
- منطِقُ:نطق(ڳالهائڻ) گويائي، گفتگو.
- منظرُ: نظارو.
- منظم: ذاڳي ۾ پوتل . ترتيب ڏنل.
- منظور: قبول/ پسند ڪيل.
- منظوم: پوتل، نظم ۾ آيل، موزون ڪلام.
- منع: جهل، روڪ، بندش.
- مُنعَقِدُ: مقرر ڪيل.
- مُنعم: (انعام) نعمت ڏيندڙ.
- مُنفَردَ: اڪيلو هڪڙو.
- مَنفَعَتَ: فائدو نفعو.
- مَنفي: انڪاري، رد.
- مِنقَارُ: چهنب.
- مَنقبت : تعريف، ساراهہ .

• مُنقَسَم :(انقسم ،ورهائڻ) ورهايل، ونڊيل.
• مُنقَشُ: (نقش). نقش اڪريل.
• مُنقَطَع : وڍيل، قطع ڪيل.
• منقلبُ:ابتو، اونڌو.
• منقَوش: رنگين، چٽن، گلن وارو، چٽ، اڪريل.
• مَنقول: اتاريل، نقل ڪيل.
• مُنکِرُ: انڪر(انڪار ڪرڻ انڪار ڪندڙ.
• مُنکَرُ:هڪ فرشتي جو نالو، نڪير فرشتي سان گڏجي قبر ۾ پڇاڻو ڪندو.
• مُنکَسر: انڪسار(عاجزي) عاجز، مسڪين، نهٺو.
• مُنکَشَفُ:انڪشاف(کولڻ)کوليل، ظاهر.
• مَنکُوحہ : (نڪاح) نڪاح ۾ آيل، جوءِ، زال.
• مُنَورُ: روشن، چمڪندڙ.
• مُنهَدَم ُ:انهدام(ڪيرائڻ)جو اسم مفعول، ڪريل، ڊٺل.
• مُنهَمِڪ : انهماڪ(مشغول هئڻ) مشغول، مصروف، رڌل.
• مَنِي: نطفو.
• مُنِيبُ: اَناب(نائب مقرر ڪرڻ) جو اسم فاعل، نائب، پائيوار.
• مُنِير : اَنارَ(روشن ڪرڻ) جو اسم فاعل، روشني ڏيندڙ، روشن ڪندڙ.
• مُواخِذَه : آخذ(گرفت ڪرڻ) جو اسم مصدر، گرفت، پڇا ڳاڇا، سزا ڏيڻ.
• مَوَادُ: ماده (شيءِ جو جمع) شيون، هر شيءِ جو اصل، دليل.
• مُوَازَنَہ : وزن ڪرڻ، ڪٽ ڪرڻ.
• مَوَاصِلات : ڳنڍجڻ جا وسيلا.
• مُوَافِقُ: وافق(برابر هئڻ) جو اسم فاعل، برابر، هڪ جهڙو.
• مُوَافِقَت:هڪ جهڙائي، برابري، مزاج جي اڳيائي.
• مَوَاقِعُ:موقعہ جو جمع، موقعا، وجهہ، مهلون.
• مَوَالي:(مولي جو جمع) نوڪر چاڪر، غلام.
• مَوت: اجل، قضا، مرڻو.(ج)اموات.
• مُوَثِر:اَثَر(اثر ڪرڻ) جو اسم فاعل، اثر ڪندڙ، اثرائتو.
• موج : لهر، ڇولي، ج امواج.
• مُوجِبُ: اَوجَبَ(لازم هئڻ) جو

- **مؤڪَلَ**:اڪَلَ(مقرر ڪرڻ/ذمي ڪرڻ) جو اسم مفعول. محافظ. ذميدار.
- **مَولٰي** : مالڪ. ڌڻي.
- **مُؤلِفُ**: (تاليف) تاليف ڪندڙ.
- **مَولُودُ**: ڄاول. پيدا ٿيل.
- **مولوي**:شريعت جا احڪام ڄاڻيندڙ.
- **مُومِنُ**: ايمان آڻيندڙ.
- **مُوَنِث** : عورت. مادي. زال.
- **مُونِسُ**:(انس) انس رکندڙ. درست. همدم. ساٿي.
- **مَوهُومُ**:(وهم)وهم ڪيل. قياسي. فرضي. خيالي.
- **مؤيد**: (تائيد) تائيد ڪندڙ حمايت ڪندڙ.
- **مهاجر**: هجرت ڪندڙ خاص ڪري اهي اصحاب سڳورا جيڪي آنحضرت ﷺ سان مڪ مان مديني هجرت ڪري آيا.
- **مهارت**: لياقت. قابليت.
- **مُهتَمِرُ**: منتظر.
- **مهجور**: جدا ڪيل. وڇڙيل.
- **مهد**: پينگهو. هندورو.
- **مهدي**: هدايت ڪندڙ. رهنما.
- **مهذب** : تهذيب وارو. شريف.
- **مهر**: نڪاح وقت مرد جي طرفان عورت کي ڏنل ڪابينو.حق زوجيت.
- **مهر مُعجل (تعجيل)** : بر وقت ادا ڪيل حق مهر.
- **مهر مؤجل(تاجيل)**: ڪجهه عرصي کان پوءِ واجب الادا حق مهر.
- **مُهلَت** :فرصت.
- **مهلڪ**:رهلڪ(مارڻ)جو اسم فاعل. ماريندڙ. قاتل.
- **مُهِم**: وڏو ڪم. لڙائي. مشڪلات.
- **مُهمَل**: ڇڏيل. ترڪ ڪيل.
- **مَهمِيز**: گهوڙي کي اڙي ڏيڻ لاءِ لوهي ڪنڊو جنهن جي ڪڙي ۾ لڳائبو آهي.
- **مُهَندس**:رياضي جو ماهر. انجنيئر.
- **مُهَيا**: موجود. حاضر. تيار.
- **مُهيِبُ**:(هيبة) ڀيانڪ. ڊيڄاريندڙ.
- **مَيتُ**: مڙدو. لاش.
- **مِيثاق** : اقرار. عهدنامو.
- **مِيراث** : ترڪو. ورثو.
- **ميزان**: جوڙ. تورتل. تارازي.
- **مُيَسَرُ**: موجود. دستياب.
- **ميعَادُ**: مقرر وقت. وعدي وارو مدو.
- **مِيڪائِيلُ**: چئن فرشتن مان هيو نمبر فرشتو.
- **ميلاد** : ڄمڻ جو وقت. نبي سڳوري جي ولادت ۾ خوشي.
- **ميلان**: لاڙو. رجحان. رغبت.
- **مينار**: منارو. ٻانگ ڏيڻ جو منارو.

## ن

- **نادر:** اڻ لڀ، ناياب.
- **نادم:** (ندامة) پڇتائيندڙ، شرمنده .
- **نار:** باهه، آگ.
- **نازل:** لهندڙ.
- **ناسُوت:** هيءُ جهان.
- **ناسُور:** اهو زخم جيڪو هميشه چڪندو رهي.
- **ناشِر:** نشر ڪندڙ، شايع ڪندڙ.
- **ناصِر:** حامي، مددگار.
- **ناطق:** ڳالهائيندڙ.
- **ناظر:** ڏسندڙ، محافظ.
- **ناظم:** انتظام ڪندڙ.
- **نافذُ:** (نفوذ) جاري ٿيل.
- **نافعُ:** نفعو ڏيندڙ.
- **ناقد :** پرکيندڙ ڪري ڪوٽي جي پرک ڪندڙ.
- **ناقِص :** (نقص) اڌورو.
- **ناقِصُ العقل:** بيوقوف.
- **ناقِل:** نقل ڪندڙ، راوي.
- **ناڪح:** نڪاح ڪندڙ، مڙس، گهر وارو.
- **ناموس :** ننگ، غيرت، جيڪا ڳالهه عزت جو سبب هجي.
- **نائب:** عيوضي.
- **نباتات:** اوڀڙ(وڻ ٽڻ، ٻوڙا گاهه).
- **نباض :** نبض ڏسندڙ، نبض ڏسڻ ۾ وڏي مهارت رکندڙ، ماهر طبيب.
- **نبُوَتُ:** پيغمبري، رسالت.
- **نَبي:** الاهي احڪام رسائيندڙ، پيغمبر رسول.
- **نتيجة:** ماحصل، انت، انتها ج نتائج.
- **نِثار:** صدقي، قربان، گهور.
- **نجابة:** خانداني اصليت، اشرافت.
- **نجاسَة :** (نجس) گندگي، پليتي.
- **نَجَس :** گندو ناپاڪ.
- **نجم:** تارو، ج نجوم .
- **نجيبُ:** شريف، اَشراف، اعليٰ.
- **نجيب الطرفين:** ٻنهي طرفن يعني والد ۽ والده جي طرفان صحيح نسبت .
- **نَحس:** نڀاڳو بد.
- **نحو:** گرامر.
- **نحوي:** علم نحو جو ماهر.
- **نحُوسَة :** نڀاڳ، بدبختي.
- **نحيف :** ڏٻرو نازڪ، ضعيف.
- **نخل:** کجي جو وڻ.
- **نخوت :** غرور، تڪبر.

• ندامة: پڇتاءُ، پشيماني.
• نِدَاء: آواز، سڏ، صدا.
• نَديم: دوست، ساٿي.
• نَذرُ: صدقو قرباني.
• نِزَاع: تڪرار، جهيڙو فساد.
• نَزَع: سڪرات.
• نزله: زوڪام، ريزش، ليس.
• نزول: نازل ٿيڻ، مٿان اچڻ.
• نزهَت: پاڪيزگي، تازگي، فرحت.
• نِساءُ: زالون عورتون هي لفظ جمع آهي.
• نسب: اصل نسل، گهراڻو (ج) أنساب، گهراڻا.
• نسبت: تعلق، لاڳاپو.
• نَستَعلِيق: لکڻ يا تحرير جو نمونو، جنهن ۾ فارسي ۽ اردو لکي وڃي ٿي.
• نسخو: قلمي مسودو، ڪتاب، اهو ڪاغذ جنهن تي ڊاڪٽر/ طبيب دوا ۽ ان جي ترڪيب لکي.
• نسلُ: آل اولاد، خاندان، قوم، قبيلو.
• نسيَان: (نسي، وسرڻ) وسر، ڀل چوڪ.
• نَسيمُ: وڻن/ ٻوٽن جي سرهي هوا، ٿڌڙي هير.
• نَسِيم سَحر: صبح جي ٿڌي هير.
• نشاط: خوشي، فرحت، سرور.
• نَشرُ: ڦهلاءُ، مشهوري.
• نَشوُ: پيداش، اوپڙ، واڌ.
• نَشوونَمَاء: وڌڻ، ترقي.
• نشو: سرور، ڪيف، خمار.
• نَصُ: واضح/ چٽي ڳالهه، قرآن ڪريم جي اها آيت جنهن جو مفهوم چٽو/ پڌرو هجي.
• نِصَاب: موڙي، ايترو مال جنهن تي زڪواة واجب الادا هجي.
• نصاري: پنهنجي عقيدي موجب حضرت عيسيٰ جا پوئلڳ — عيسائي.
• نَصَبُ العين: اصل مقصد، ارادو.
• نَصراني: عيسائي مذهب جا پوئلڳ، ڪرستان.
• نصرَت: فتح، سوڀ.
• نِصفُ: اڌ.
• نصف النهار: اڌ ڏينهن، ٻپهري.
• نصيبُ: ڀاڳ، قسمت، مقدر.
• نَصيحَة: نيڪ صلاح، هدايت.
• نطفَه: ڦڙو، قطرو، اولاد.
• نطقُ: ڳالهائڻ جي طاقت، گويائي.
• نظَارة: ڏسڻ، لقاء.
• نظام: انتظام، بندوبست.
• نظام شمسي: سج ۽ ان سان لاڳاپيل گره ۽ سيارا.
• نِظَامة: انتظامي محڪمو.

• نَظر: ڏسڻ، ديد، غور سان ڏسڻ.
• نظم و نَسق: انتظام، بندوبست.
• نظير: مثال، جوڙي، نمونو.
• نَعت: ساراهه، واکاڻ، خاص طور نبي سڳوري ﷺ جي ثنا، مدحيه نظم.
• نَعرو: زور سان آواز، للڪار، لڙائي ۾ سجاڳيءَ لاءِ خاص ٻول.
• نَعش: لاش، مردو.
• نَعل: جُتي، سواري جي جانور کي پيرن ۾ لڳل لوهي حلقو نال.
• نِعم: نِعمة جو جمع نعمتون.
• نِعم: سنو، بهتر.
• نِعم البدل: بهتر بدلو، نيڪ معاوضو.
• نِعمة: خدا جي طرفان مليل عطا، بخشش، عطيو. ج نِعَم.
• نعوذ بالله: اسين الله کان پناهه ٿا گهرون.
• نغمہ: سريلو آواز، مٺي ٻولي، راڳ، ترانو.
• نفاذ: حڪم جاري ٿيڻ، فرمان جاري ٿيڻ، هڪڙي شيءِ جو ٻي ۾ پيهي وڃڻ.
• نِفَاس: ٻار ڄڻڻ کان پوءِ عورت جو 40 ڏينهن چلو ڪرڻ.
• نَفَاسَت: صفائي، پاڪائي.
• نفَاق: ڦوٽ، ڏڦيڙ.
• نَفَر: نوڪر چاڪر، ملازم
• نفرت: ڪراهت، بيچان، بيزاري.
• نَفس: دم، ساهه، جسم، جان، شخص، روح. (ج) نفوس.
• نَفسِ امارہ: اهو نفس جيڪو انسان کي بدي يا غير شرعي ڪمن لاءِ برغلائي.
• نَفسِ لَوَامَہ: اهو نفس جو انسانن کي گناهن کان ملامت ڪري.
• نَفسِ مطمئنه: اهو نفس جو برين ڳالهين کان بالڪل پاڪ ۽ تمام سنين ڳالهين سان موصوف ۽ خدا جي حضور ۾ اطمئنان سان وڃي.
• نفعہ: فائدو.
• نفقہ: خرچ، کاڌو، ڪپڙو جو زال ۽ ٻارن کي ڏنو وڃي.
• نفل: زائد نماز، اها نماز جيڪا فرض نه هجي.
• نُفوذ: حڪم، فرمان، قاعدي قانون جو جاري ٿيڻ.
• نُفوس: (نَفس جو جمع) ارواح، ماڻهو.
• نُفوسِ قُدسيه: نيڪ روح، نيڪ شخص.
• نَفِي: انڪار.
• نفي: انڪار و اقرار، اثبات.
• نِقاب: برقعي جو منهن ڍڪڻ وارو حصو.
• نقاره: نغاره، ڀير.

• نقاط: (نقطة جو جمع).
• نَقَاهَة : ڪمزوري، ضعف.
• نَقَبُ: ڪاٽ، ڀت ۾ سوراخ.
• نَقَد: روڪڙا.
• نَقرَة: چاندي.
• نَقشُ:تصوير،ڇاپو، چِٽ.(ج)نقوش.
• نقشہ:خاڪو، شڪل، ڊول.
• نَقصُ: عيب، ڪوتاهي.
• نُقصَان: ضرر، هرج، گهاٽو.
• نُقطَ: ٽبڪو، ٻڙي.
• نَقَلُ:اتارو،قصو/حڪايت، ٽوٽڪو، اَهلَ.
• نقيب: سردار، بزرگ، اهو شخص جنهن کي ماڻهن جا نسب معلوم هجن،جوابدار، ڊنڊورو ڏيندڙ.
• نُڪَات : (نڪتہ جو جمع)مضمون، ڪتاب جون ڳالهيون.
• نڪتہ : خاص ڳالهہ، سوچ ويچار وارو مسئلو.
• نڪير: قبر ۾ مري ويل کان پڇا ڪندڙ هڪ فرشتو.
• نَمُوُ: اوسر، واڌ.
• نوابہ(اصل ۾ نَواب ):گهڻي نيابت ڪندڙ، نائب صوبيدار، گورنر، وائسرا.
• نَوَاحُ: (ناحيہ جو جمع) طرفَ آس پاس، ڪنارا.
• نَوَاسِير: (ناسور جو جمع) اهو زخم جيڪو نہ ڇٽي.
• نَوَافِل: (نفل جو جمع) اها نماز جيڪا فرض نہ هجي.
• نَوبَة : وارو، موقعو، وقت.
• نُوح : هڪ مشهور پيغمبر عليه السلام جو نالو، ان تي اهو نالو گهڻي گريي ۽ نوحي ڪرڻ تي پيو، سندس وقت ۾ دنيا ۾ وڏو طوفان آيو هيۓ طوفان 3338 سال قبل مسيح آيو.
• نوحہ : روڄ، گريو، زاري.
• نُور: روشني، تجلي، مهانڱ جوت.
• نوعُ:قسم، جنس، طريقو، نمونو.( ج) انواع.
• نَوم : ننڊ.
• نهَايہ: حد، ڇيهہ، انتها.
• نَهَجُ: طور، طريقو، ڍنگ.
• نهي: روڪ، منع.
• نيابة: نائبي، اڳواڻي.
• نيات: (نية جو جمع) ارادو، قَصَدَ، مرضي.
• نَيرُ: سج.

# و

- وَ: حرف عطف.
- واثق(وثوق):پڪو، مضبوط.
- واجب(وجوب):ضروري، لازمي، درست، فقه جي خيال کان جو ڪم بنا ڪنهن عذر جي ڇڏبو ته عذاب ٿيندو.
- واجب القتل: قتل جوڳو، جنهن جو قتل واجب هجي.
- واجبات: (واجب جو جمع)ضروري ڪم، فرائض.
- واحد: هڪ، اڪيلو، تنها، خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
- وادي: پهاڙن ۽ ٽڪرن جي وچ ۾ هيٺاهين زمين، ماٿري.
- وارث/ ورثہ: ترڪو، فوتي جي ڇڏيل مال جو حقدار، ميراث جو حقدار. ج ورثاء
- وارد:ورود، اچڻ، پهچڻ، ايندڙ پهچندڙ.
- وارداة: حادثو، ماڄرو، واقعو، ڏوهہ جو واقعو.
- واسطہ:لاڳاپو، تعلق، واسطو
- واصف: (وصف ، تعريف ڪرڻ) تعريف ڪندڙ.
- واصل:مليل، وصول ڪيل، جمع ڪيل.
- واضح: (وضوح: چٽو ڪرڻ) ڪليل، ظاهر، پڌرو.
- وعده: انجام، قول، عهد.
- واعظ:(وعظ: نصيحت ڪرڻ)وعظ ڪندڙ، نصيحت ڪندڙ.
- وافر:(وفور:گهڻو هئڻ) زياده، گهڻو، جام.
- واقع : (وقوع: ٿيڻ) ٿيڻ وارو، پيش ايندڙ.
- واقعات:(واقع جو جمع)حادثا، واقعا.
- واقعہ : حادثو، واردات، ڏوهہ.
- وَاقِفُ: شناسا، آگاهہ، حال ڀائي، ڄاڻ سڃاڻ وارو.
- والد: پيءُ، ابو.
- والده: ماءُ، اما.
- والدين: ماءُ، پيءُ، امان ابو.
- والله اعلم:جملو،الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو.
- والي: (ولايه : مالڪي) مالڪ، ڌڻي، بادشاهہ، دوست، مددگار، خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
- وَاوَيلا: هاءِ گهوڙا، روڄ راڙو، دانهن ڪوڪ، پٽڪو.

• واهمة: وهم جي قوت، اها قوت جنهن جي بدولت جزئيات ۽ باريڪ ڳالهيون معلوم ٿين، جي محسوسات سان متعلق هجن، اها قوت جنهن جي ڪري بنا سبب جي وسوسا پيدا ٿين.
• وَاهِيَات: هيءُ لفظ وَاهِي جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بيهوده، اڍنگو، سنڌي ۾ واحد جي صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي.
• واءِ واءِ: هاءِ هاءِ، هاءِ گهوڙا.
• وبا: هڪ خطرناڪ بيماري، ڪالرا.
• وبال: عذاب، مصيبت، جنجال، روڳ.
• وتر: عشا نماز جون پڇاڙي واريون 3 رڪعتون.
• وثوق: مضبوطي، پختگي، اعتبار.
• وثيقة: اقرار نامو، معاهده، دستاويز.
• وجاهة: وَجَہَ سَنَدَ(عزت وارو ٿيڻ) جو اسم مصدر، عزت مندي، وڏو درجو، منهن جي رونق، سونهن، سوڀيا.
• وجيه: باعزت، معزز، سهڻو، حسين.
• وجدُ: حال، بيخودي، جذبو، موج.
• وجدان: ڄاڻ، دريافت، ڄاڻڻ جي قوت.
• وجود: موجودگي، هستي، مادو، ظهور.
• وجُوهَات: وجه جو جمع، دليل، اسبابَ.
• وجه: سبب، ڪارڻ، باعث، شڪل، صورت.
• وحَد: اڪيلو هڪ.
• وحدانيت: هيڪڙائي، توحيد.
• وحدة: هيڪڙائي، توحيد.
• وحدة الوجود: تصوف جي اصطلاح ۾ هر وجود کي خدا جو وجود سمجهڻ.
• وحشة: خوف، ڊپ، گهٻراهٽ.
• وحشي: جهنگلي، غير مهذب، ظالم.
• وحي: الاهي پيغام، حضرت جبريل عليه السلام جو خدا جي طرفان نبي تي پيغام آڻيندو هو.
• وداع: رخصت، روانگي، موڪلائي.
• وديعة: امانت، ڏراوت.
• وراثة: ورثو ترڪو، ميراث.
• ورثة: ترڪو، ميراث.
• وردُ: روزانو عمل، روز مره جو ڪم، دعا، درود. ج اوراد.
• وَرَقُ: ڪاغذ، پنو، ج اوراق.
• وَرَم: سوڄ.
• وُرُودُ: وارد ٿيڻ، پهچڻ.

• وزر: بار، ذميواري.
• وزير: بار کڻندڙ، ذميواري کڻندڙ، ذميداري کڻندڙ. ج وُزَراءُ.
• وِزَارة: وزير جو عهدو، منسٽري.
• وَزن: تور، تور جو وٽ، شعر جو وزن. (ج) اوزان.
• وساطة(وسط)ذريعو،درمياني وسيلو، وسيلو.
• وَسَطُ: وچ، وچون حصو.
• وُسعَة : سگهه، طاقت.
• وسعة: (وسيع) ڦهلاءُ، پکيڙ.
• وسم: نير جا سنها، ڪُٽيل پن جن سان خضاب ڪيو ويندو آهي.
• وسوسَہ : رو، وهم، ڊپ، گمان، شَڪ، ج وَسَاوِسُ.
• وَسيعُ:(وسعة)پکڙيل،فراخ، ڪشاده.
• وسيلہ: ذريعو، واسطو، سهارو، ج وسائل: ذريعا، واسطا.
• وَصفَ:ساراهه، تعريف، خوبي، صفت.
• وَصلُ: ملڻ، ميلاپ، گڏجاڻي، صحبت، جماع.
• وصول: حصول، حاصلات.
• وَصِي:اهو شخص جنهن کي يا جنهن جي حق ۾ وصيت ڪيل هجي.
• وَصِيةَ: موت يا سفر تي وڃڻ کان اڳ هدايت ڪرڻ.
• وضاحة: (وضوح) تفصيل، وچور.
• وضع: ترتيب، ساخت، بناوٽ، ٺاهه ٺوهه، طرز، ڍنگ، حالت.
• وضو: شرعي طور نماز لاءِ هٿ، پير، منهن وغيره کي ڌوئڻ.
• وطن:ڄمڻ جو هنڌ(شهر، ضلعو، ملڪ).
• وطن مالوف: پيارو وطن.
• وطيره: طريقہ، دستور، رواج، عادت.
• وظيفہ: (1)روزانہ وقت تي دعا درود پڙهڻ جو عمل، (2)روز جو مقرر اجورو، (3)نوڪري، اسڪالرشپ.
• وعده : اقرار، قول، انجام.
• وعظ: نصيحت.
• واعظ: نصيحت ڪندڙ، خطيب.
• وغيره: وڌيڪ ۽ ٻيا.
• وفاءُ: تڪميل(دوستي وعده وغيره) نباهه، ساٿ، وفاداري.
• وفاة: موت، اجل، قضا.
• وفاق: گڏيل موافقت، اتفاق، صوبن جو اتحادي نظام.

• وفد: ڪنهن خاص مقصد سان موڪليل جماعت.
• وقار:سنجيدگي، بردباري، استقلال.
• وقائع: (وقيعه جو جمع) حادثات، حالات، واقعات، خبرون، جنگيون.
• وقت: عرصو، زمانو، ويلو، ساعت.
• وَلي الله : خدا جو خاص بندو عابد، خدا وارو.
• ولي عهد: بادشاهه جو جاءِ نشين.
• وقعتَ:عزت، عظمت، مقام، اعتبار.
• وَقفُ: خدا جي نالي ڏنل شيءِ، عام ڀلي لاءِ ڏنل شيءِ.
• وَقفہ : مهلت، ٿوري دير لاءِ ساهي، ٿورو ترسڻ.
• وُقُوعُ: واقع ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ.
• وقوف: واقفيت، ڄاڻ، عقل، شعور، سمجهه.
• وڪالة: (وَڪَل) پنهنجو ڪم ٻئي جي حوالي ڪرڻ، ٻئي جي پاران ڳالهائڻ، وڪيل جو پيشو.
• وَڪِيلُ: اهو ماڻهو جنهن جي حوالي پنهنجو ڪم ڪجي، ٻئي جي پاران ڳالهائيندڙ، عيوضي، عام مختار.
• ولادت: پيدائش، جنم، ڄمر.
• ولائة/ ولاية : مالڪي، حڪومت.
• وَلَدُ: پٽ، بادشاهت، سلطانت.
• وَلَدُ الزنا: حرامي ٻار.
• وَلَديَت : پيءُ جو نالو خاندان.
• وَلوَلہ : جوش ، امنگ، شوق.
• وَلي: مالڪ، آقا، سرپرست، خدا جو خاص بندو دَرويش، عابد، زاهد.
• وَلِيمہ : نڪاح ڪانپوءِ گهوٽ جي طرفان ماني جي دعوت.
• وهّابُ(وَهبُ: بخشش) گهڻو بخشيندڙ، خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• وَهبُ: بخشش، عطا، سخا.
• وَهَمُ: گمان، شڪ، ڊپ، انديشو.
• وَيلُ:مصيبت،تڪليف،عذاب،آزا،قهر.

# ھ

• هَابِيل : حضرت آدم عليه السلام جو هڪ نيڪ سيرت پٽ جنهن کي سندس وڏي ظالم صفت ڀاءُ قابيل قتل ڪيو هو.

• هَاتِف : غيب جو آواز ڏيندڙ فرشتو.

• هاجره: حضرت ابراهيم عليه السلام جي ہي نيڪ سيرت بي بي حضرت اسماعيل جي والده.

• هَادِي: (هدايہ) هدايت ڪندڙ رهبر، رهنما، مرشد.

• هَارِج:(هرج، روڪ، منع) روڪيندڙ، منع ڪندڙ، رنڊڪ وجهندڙ.

• هاروت: هڪ فرشتي جو نالو جنهن جي متعلق قرآن شريف ۾ ذڪر آيو آهي تہ هو ۽ ماروت بابل ۾ ماڻهن کي جادو سيکاريندا هئا.

• هارون: حضرت موسيٰ عليه السلام جي وڏي ڀاءُ جو نالو، هو بہ الله جو نبي ۽ پنهنجي ڀاءُ حضرت موسيٰ عليه السلام جو مددگار رهيو.

• هاشم: آنحضرت ﷺ جو پڙ ڏاڏو جو نهايت سخي ۽ نيڪ انسان هو.

• هاضم:(هضم) هضم ڪندڙ، هضم ٿيندڙ.

• هاضمہ: هضم ڪرڻ جي قوة.

• هاله: چنڊ جو پڙ.

• هتڪ: بي عزتي، گستاخي.

• هِجَاء: اکرن جو اعراب مطابق آواز حروف تهجي کي اعراب سان ظاهر ڪرڻ.

• هِجر: جدائي، وڇوڙو.

• هِجرة: جدائي، وطن کي هميشه لاءِ ڇڏڻ، نبي سڳوري ﷺ مڪي کي ڇڏي مديني وڃڻ.

• هَجو: مذمت، بدگوئي، نِندا.

• هجوم: ڀيڙ، انبوه.

• هدايت: رهنمائي، رهبري، نصيحت، فهمائي.

• هدف: نشان چٽڻ وارو دائرو، نشان.

• هدهد: هڪ پکي جو حضرت سليمان عليه السلام جي اياماڪاري ۾ مختلف طرفن ۾ جاسوسي جا فرائض ادا ڪندو هو.

• هَدَيہ : تحفو، نذرانہ.

- هذيان: بيماري يا بيهوشي ۾ ڪيل ڳالهيون، وڦلڻ، بڪ بڪ.
- هَرج: نقصان، خسارو، گهاٽو، هَزل، اڊنگي ڳالهه، بيهودي، فحش مضمون
- هَزيمَة: شڪست، هار.
- هَشاش: خوش، سَرهو، هشاش بشاش، خوش وخرم.
- هَضَمُ: هضم ٿيڻ جي سگهه، هاضمو.
- هَلاڪُ: (هَلَڪَ: ختم ٿيڻ) جو اسم مصدر، موت، تباهي.
- هلال: پهرين تاريخ جو چنڊ.
- هَلاهِل: قاتل زهر.
- هَمُ: غم، اندوهه، رنج، ڳڻتي.
- هِمَت: حوصلو، طاقت، سگهه، دليري، جرئت
- همزه: الف جي ٻي صورت جا لفظ ۾ وچ ۾ اچي (ء).
- هِندَ: هندستان، ڀارت.
- هَندسَة: انگن جو علم، جاميٽري، رياضي جو علم.
- هوس: خواهش، سڌ، لالچ، حرص.
- هولُ: ڊپ، خوف، دهشت.
- هيبة: خوف، رعب، دهشت، ڊپ.
- هيجَان: جوش، تيزي، زور، غلبو.
- هيضہ: هڪ وچڙندڙ بيماري جنهن ۾ دست ۽ التيون ٿين.
- هيڪَل: يهودين جو بت خانو.
- هَيوليٰ: ڏيک، نظارو.
- هَيهَات: هاءِ هاءِ، افسوس.
- هَيئة: بناوت، صورت، شڪل، ڪيفيت، آسماني تارن ۽ سيارن جو علم.

# ي

- **ياءِ ندا:** اي.
- **يَاجوج ، ماجوج:** هڪ فسادي قوم جو نالو جنهن جا ٻه حصا آهن. هڪ ياجوج، ٻيو ماجوج. هنن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ به آيو آهي.
- **يَاقُوت:** هڪ قسم جو قيمتي هيرو.لعل.
- **يَتيم :** ڇورو ٻار. جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن. لاوارث.
- **يَثرب:** مديني منوره جو اڳاٽو نالو.
- **يَحيىٰ:** هڪ نبي سڳوري جو نالو.
- **يَدُ:** هٿ
- **يَدبَيضَاء:** چمڪندڙ هٿ. حضرت موسيٰ ع جو معجزو جو پاڻ هٿ بغل ۾ وجهي ڪڍندا هئا ته اهو هٿ چمڪندو هو.
- **يَدطُولي:** ڊگهو هٿ. دست رس، پهچ، رسائي، مهارت.
- **يَرقَان :** سائي جو مرض، جنهن ۾ اکيون ۽ بدن هيڊا ٿي وڃن.
- **يٰسٓ(ياسين):** ڪلام پاڪ جي هڪ سورة.
- **يعقوب:** هڪ نبي سڳورو جيڪو بنو اسرائيل جو وڏو ڏاڏو هو.
- **يعنيٰ :** مطب ته، معنيٰ ته.
- **يقين:** اعتبار، ويساهه، ڀروسو.
- **يقيناً:** پڪ سان، بيشڪ.
- **يُوسُفُ:** هڪ نبي سڳوري جو نالو حضرت يعقوب جو فرزند جيڪو نهايت حسين هو.
- **يَومُ:** ڏينهن. (ج) ايام.
- **يَومُ الحِساب :** قيامت جو ڏينهن جنهن ڏينهن تي بندن کان سندن عملن جو حساب ٿيندو.
- **يُونَان:** يورپ جو هڪ ملڪ.
- **يُونسُ:** هڪ نبي سڳوري جو نالو.
- **يهودي:** حضرت موسيٰ عليه السلام جي امت سڏائيندڙ قوم.

# عربي مان سنڌي
# ٿيل لفظ

## الف

- ابو: اب
- ابهام: ابهم ، ننڍڙو ٻار، نادان، معصوم.
- اجرڪ: ازرق
- ادهه : اداء، ادائگي، پورائو.
- اراڌو: علاحده، الڳ ، جدا.
- ارڳ: عرق، دوائن جو ست.
- استو: استاذ، ڪنهن به هنر جو ڪاريگر.
- استعيفا : استعفاء.
- افاقو: افاقه، چڱيلائي.
- افراتفري: افراط و تفريح، گهبراهٽ.
- افواهي: افواه، بي بنياد خبر.
- الاماشي: الاماشاء الله، ڪڏهن ڪڏهن اتفاقاً.
- الغرضو: لاغرض.
- الو: شعله.
- امان: اُم.
- املداس: املتاس، وڻ جو نالو.
- ايراڌو: اراده، مشيت خداوندي.

## ب

- باڪري/بقاري:بقال،ڀاڄي وڪندڙ.
- بتال: باطل ، گمراهه، وائڙو.
- بتانو: بطانه، پڳڙي جي اندرأن پراءِ طور ڏنل ڪپڙو.
- بجاج: بزار: ڪپڙي جو واپاري
- بدر: بدل.
- بدڙي/ بدي: بدره ، ننڍي هڙ.
- بدڪ: بط.
- بربل: بلبل، مشهور ننڍو پکي.
- برقو: برقع.
- برڪ: برڪة ، ڳالهين جو ڀهريون انگ.
- بسر/ بصر: بصل.
- بکر: بقل، سائي ڀاڄي.
- بگر: بغير، ڪانسواءِ.
- ٻولو: بلاق، نڪ جو هڪ ڳهه.
- بيانو: بيعانه: سودي ۾ اڳواٽ ڏنل رقم، سوٿي.
- ٻير: بئر بيــ، کوهه.

## ڀ

- ڀوڪ : بوق ، سائي بصرجي وج ۾ گل جهلڻ لاءِ گول ڏانڊي، احمق، بيوقوف.

## ت

- تات: طاعت، فرمانبرداري، پيروي.
- تادي: تعدي، سزا.
- تاسري/ تسرو: طاس، ڪنجهي جو لسي ترواڙو تراڪڙو، وٽو/ وٽي.
- تائيت: تعويذ.
- تباڪ/ تباخ: طباخ، ٽڪرجي پاٽ.
- تري/ تلي: طحال.
- تس: طست، ٽڪرجو وٽو.
- تسبي: تسبيح.

- تن تن: طن طن. گوڙ.
- تنبو: طنب. تنبوجي رسي.
- تهمل: تهمر. تحمل. نوڙت.
- تهور، طهور: طهر. سنت.

## ٽ

- ٽهڪ/ ٽه ٽه: قهه قهه.

## ٿ

- ٿلهو: حاله. گهر جو مٿاهون اڱڻ.
- ٿوم: ثوم. فوم.

## ٺ

- ٺهڪ: ٺه ٺه: قهقهه.

## ث

- ٽل: تل. ٽاور.

## ج

- جائڦل: جائفل/جعفر. هڪ پسارڪو وکر.
- جراب/ جوراب: جوراب.
- جرجلو: زلزلو
- جوفو: جيفه. ڍونڍ.
- جونڪ: ذوق.

## جھ

- جهَل : جل. گهوڙي يا وهٽ جي مٿان وجهڻ لاءِ ڪپڙو.
- جهول: جوال.

## ڇ

- ڇُرون: جُرعة . هڪڙي هٿ جي ڪَپ واري ٻيهڪ. جنهن ۾ پاڻي ڪٽي سگهجي، لپ. يا هڪ ڍڪ.

## ح

- حقيقو: عقيقه.
- حوال: احوال.

## خ

- خابرو: خبر. خبر ڏيندڙ.
- خاطو: (خط)خبرون ڏيندڙ/ خط لکندڙ.
- خاشڪيلي: خاصخيلي، هڪ ذات.
- خرچ: خرج.
- خريب: فريب. دغا، دوکو.
- خميس: قميص.
- خيريات: خيرات.

## د

- دٻڪي: طبق.
- دٻلو: طبلو.
- دڪي: دڪيه.
- دڙهو: دِره چمڙي جي وڏي جنهن سان شرعي سزا ڏجي.
- دنبورو: طنبورو. هڪ ساز.
- دنبوڪ: بندوق.
- دُڪان: دوڪان. ڪنهن ڪاريگر جي، ڪم ڪرڻ وارو هنڌ.
- دوفان: طوفان.

## ڏ

- ڏڪ ڏڪ: دق دق.

## ڏ

- ڏول: دَلوَ.

## ر

- رڪات: رڪعت.
- رڪيب: رڪاب.
- ريب: فريب. ٺڳي. دغا.
- ريھ ريعان: ھر شئي جو پھريون حصو.

## ز

- زائفان: ضعيف / ڪمزور عورت.
- زيرو: جابر. ڏاڍو. زبردست.

## س

- سِت : سَطر.
- سريت: سرير.
- سڪ: سلڪ. رستو.
- سڪان: سڪان . ٻيڙي يا غراب جو رخ ڦيرائڻ لاءِ دنبالي ۾ لڳل ڦرھو.
- سونٽو: سوط. ڏنڊو ڏڪو.
- سيلاني: سيراني. گشتي. گھومو.

## ش

- شال: ان شاء الله. جي الله گھريو.
- شراف: صراف.

## ص

- صاب: صواب. سچو. سچي. سچائي.
- صابڻ: صابون.

## ط

- طاباخ / طبق: طبق. پليٽ. ڊش.

## ع

- عاجزا / عاجزہ: عجوز. پوڙھي عورت.
- عدد: عدت.
- عرضي: عريضہ.

## غ

- غوراب / گوراب: غراب. جھاز.

## ف

- فارقطي / نارقطي: فارغ خطي. طلاق نامہ. لاتعلقي جو دستاويز.
- فراسي: فراش.
- فلاڻو: فلان.

## ڦ

- ڦدولي: فضولي. فضول خرچي.
- ڦوھارو: فوارہ.

## ق

- قتلام : قتل عام.
- قرمچي: قرمز. رنگ جو ھڪ قسم.
- قطرو: قطرہ. ڦڙو.
- قلبان: قربان. قرباني. صدقو.

## ڪ

- ڪاپارو: قبالہ. دستاويز.
- ڪات/ ڪاتي: قاطع.
- ڪارب: قالب.
- ڪافي: قافيہ. سنڌي نظم جي هڪ صنف.
- ڪاڪت: طاقت.
- ڪت: قط . ڪاني جي قلم جي نوڪ کي پاسيرو وڍ، نب.
- ڪڙبو: قربہ. ڳوٺ.
- ڪسابو: قصابہ . اهو ٽڪنڊو رومال جيڪو عورتون مٿي کي ٻڌن.
- ڪسومت: خصومه . دشمني، عداوت، جهيڙو.
- ڪلف/ ڪرف: قفل. تالو.
- ڪلفي: قلفي. برف ۾ ڄمايل کير.
- ڪُلي: قلعي.
- ڪلياڻ: غليان . حقو.
- ڪُمري: قمري. ڪبوتر جو هڪ قسم.
- ڪَن: ڪنه .
- ڪٺو: قرعہ.
- ڪوپ: ڪوب.

## ڪ

- ڪتاب: ڪُتاب. ابتدائي مدرسو.
- ڪتابي: ڪُتَابِي . شاگرد.

## گهه

- گهڪو: غنہ.
- گهوت: غوط.

## ڳ

- ڳاجي/ ڳازي: غازي.
- ڳاشو: غاشيہ . اٺ جي پاکڙي تي وجهڻ جو ڪپڙو.
- ڳٽ ڳٽ: قل قل. پاڻي پيئڻ جو آواز.
- ڳليف: غلاف. پردو.
- ڳوراب/ غوراب: غراب. جهاز.

## ل

- لبيس: لباس.
- لست: لذت.

## م

- مارو: مالہ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار.
- مازران: ماجري/ ماجرا.
- مالي: مال. پونجي. سرمايہ.
- مامرو/ معاملو: معاملہ.
- متر ڪو: مطرَقہ. هٿوڙو.
- مجاز: مزاج.
- محابو: محابہ. عزت. رعايت. مروت.
- محافو: محافہ. پردي واري سواري، بالخصوص بادشاهن لاءِ.
- مداح: مدح.
- مدت: مدد.
- مُربو: مربي.

• مرشيد: مرشد.
• مرضيل: مريض.
• مزاڪ/ مزاخ: مضحڪ. ڪل ڀوڳ.
• مسئلو: مسئل.
• مَسيت/ مَسيِد: مسجد.
• مَشاخ: مشائخ.
• مَشال: مشعل.
• مَشڪرو: مسخره.
• مُصاف: مُصحف. قرآن ڪريم.
• مـڪرَ: مڪر.
• مَلُور: ملول.
• موتَاجُ: محتاج.
• موبِي: مربي . وڏو/وڏو پٽ.
• ملمو: ملمع . سون/ چاندي جو پاڻي جيڪو ٿانوَن تي چڙهيل هجي، ظاهري ڏيکاءُ.

## ن

• ناظرو: نظر. بدنظر هڻندڙ.
• نال: نعل. جُتي، گهوڙي جي سنب جو نال.
• نالت: لعنت.
• نتَ: نَضَعُ. پاڪڙيءَ جي مٿان وڌل چمڙي جو پوش.
• نغارو: نقاره. بگل، پيپر.
• نفيل: نفير. بگل ، پيپر.

## و

• واعدو: وعده.
• واڻيو وڪال: بنيء. بقال.
• وسيئت: وسعت. طاقت.
• وڪر: فڪر. ڳڻتي، سوچ.

## ھ

• هاتڪ: حاذق. سمجهو. ڏاهو.
• هاسو: عصا. لٺ.
• هيچ: هوس.
• هج: حجة. دوستي واري گهرائي، اميد.
• هلو: عهده. ڪنهن بزرگ وٽان مليل اذن.
• هفال: افعال. ڪارناما، ڪردار.
• هَڪڙو: هاڪره، پاتو.
• هُل: هلول. غوغاء . گوڙ.
• هلاڪ: هلاڪ. فنا.
• همٿ: همة.
• هنباري: عماري. هاٿي جي پٺي تي رکيل پالڪي.
• هور: هول. خوف. ڊپ.

# سنڌي زبان مان
# عربي بنايل لفظ

سنڌي زبان جهڙي ريت عربي زبان کان کيترا لفظ وٺي انهن ۾ ڦير گهير ڪري پنهنجو بڻايو آهي. اهڙي ريت عربي زبان به سنڌي زبان مان کيترا لفظ وٺي انهن سان پنهنجي دامن کي پرپور ۽ عربي بڻايو آهي.

ڦير گهير جا اڪثر اصول هيٺيان آهن.

1. ڪن لفظن جي منڍ ۾ حرف الف وڌايو ويندو آهي.
2. ڪن لفظن جي منڍ ۾ حرف "الف" ۽ آخر ۾ حرف "ج" وڌايو ويندو آهي. حرف "ج" اڪثر تانيث جي "ة" ۽ "و" جي بدران ايندو آهي.
3. حرف "ر" ۽ "ڙ" کي حرف "ل" سان بدلايو ويندو آهي.

**الف: ڪپڙا ۽ ملبوسات.**

- بَتُ: سنڌي لفظ پَٽ (ريشم) جي عربي شڪل آهي.
- سندس: سنڌي لفظ سنڌڻ جي عربي شڪل آهي. ان جي معنيٰ آهي "سنهو ۽ نازڪ ريشم".

هيءُ لفظ قرآن مجيد جي ڪن سورتن ۾ به آيو آهي. جواليقي پنهنجي مشهور ڪتاب معرب ۾ رقم طراز آهي ته تمام علماء لغت هن لفظ کي معرب قرار ڏيڻ ۾ متفق آهن. معرب جو حاشيه نگار احمد محمد شاڪر لکي ٿو ته اها عجيب ڳالهه آهي ته علماء پنهنجي لغتن ۾ هن لفظ کي معرب ته لکيو آهي پر اهو ذڪر نه ڪيو آهي ته هيءُ لفظ ڪهڙي زبان مان ڪنيو ويو آهي ۽ معرب بڻايو ويو آهي ۽ هيءُ صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته علامه آلوسي عليه الرحمة پنهنجي تفسير روح المعاني ۾ ڪجهه متاخرين علماء جي حوالي سان لکي ٿو ته اهو لفظ هندي آهي. پنهنجي راءِ جي تائيد ۾ هڪ حڪايت بيان ٿو ڪري ته فاتح سڪندر اعظم وٽ ڪنهن هندي ڳالهائيندڙ قوم پنهنجي اڪيچار تحفن ۾ هي ريشمي تحفو به آندو هو.

ياد رهي ته سنڌي تهذيب 8 هزار سال پراڻي تهذيب آهي ۽ سنڌي ڪوري ڪپه مان باريڪ ململ ۽ پٽ ڪيئن مان سنهو نفيس ريشم ناهڻ ۾ اعليٰ مهارت رکندا هئا. لهذا اسان علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمت جي بيان کي هيئن واضح ٿا ڪريون ته تحفو آڻيندڙ قوم هندي نه بلڪ سنڌي هئي ۽ هي ريشمي تحفو (سندس) سنڌي شاهڪار سنڌڻ جو مترادف آهي.

• شيت: سنڌي لفظ "ڇيٽ" جي عربي شڪل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڇٽيل ڪپڙو".

• فوط : سنڌي لفظ پوتيو/ پوتڙو جي عربي شڪل آهي. انگوڇو/ گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو. ابن دريد، جواليقي ۽ خفا جي هن لفظ کي معرب قرار ڏئي ان جي معني گوڏ/ پوتڙو ڏين ٿا.

المعرب جو حاشيه نگار احمد محمد شاڪر ابن دريد جو قول نقل ڪري چئي ٿو ته فوط عربي زبان جو لفظ نه آهي ۽ پنهنجي تحقيق جي تائيد ۾ الازهري جو قول آڻي ٿو ته مون فوط لفظ کي عربي ڪلام ۾ ڪٿي نه ٻڌو. الزهري جو مزيد قول آهي ته مون ڪوفه جي بازار ۾ ڇٽيل گوڏيون ڏٺيون جيڪي قلي ۽ ڪاسبي ماڻهو خريد ڪري رهيا هئا ۽ انهن کي فوط سڏي رهيا هئا.

ب: ڪاٺ جون شيون.

• بهط: سنڌي لفظ پٽ جي عربي شڪل آهي.

ت: ميوا

• انبج: سنڌي لفظ انب جي عربي شڪل آهي.

• اترنج: ترنج جي عربي شڪل آهي.

• ليمون: ليمو جي عربي شڪل آهي.

• اهليلج: هَليلهٔ جي عربي شڪل آهي، معنيٰ ڪارڪ ۽ ڪتل.

علامه سليمان ندوي "انبج" ۽ "ليمون" کي هندي الاصل قرار ڏئي آم ۽ نيبو شمار ڪري ٿو. هن امر ۾ علامه مرحوم مشهور عرب جاگرافيدان ابن حوقل جي سند ڏئي ٿو. حالانڪ اها ساڳي سند ٻڌائي ٿي ته ابن حوقل سنڌ جي منصوره شهر ۾ آيو هو ۽ هنن ٻنهي ميون انبج ۽ ليمون کي سنڌ جي سوغات شمار ڪري چئي ٿو ته سنڌي مقدم الذڪر ميوي کي انب ۽ مؤخرالذڪر ميوي کي ليمون سڏين ٿا. انب جو ميوو ائين آهي جيئن اسان وٽ آڙو ليڪن انب آڙو کان ڪيترا دفعا وڏيڪ مٺو آهي.

ث: وڻ

• ساج: سنڌي لفظ ساڳ جي عربي شڪل. ساڳ مضبوط ۽ قيمتي عمارتي ڪاٺ آهي.

• نيمر: نم جي عربي شڪل آهي.

ج: ٻوٽا

• بنج: سنڌي لفظ ڀنگ جي عربي شڪل آهي.

• خيار: سنڌي لفظ کيرو جي عربي شڪل.

ح: پاڇيون

هڪ ٻوليءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ کان لفظ وٺڻ وارو اهڙو عمل فطري بہ ٿئي ٿو سياسي، سماجي ۽ مذهبي پڻ. تنهنڪري اهو چوڻ درست ٿيندو تہ ايشيائي ملڪن ۾ عربي ٻوليءَ جو اتي جي مقامي ٻولين تي اثر گهڻوڪري مذهبي ۽ سياسي حوالي سان پيو آهي. ان کان علاوه الله تعاليٰ جي آخري ڪتاب قرآن شريف جو عربي ٻوليءَ ۾ هجڻ بہ عربي ٻوليءَ جي مقبوليت جو اهم ڪارڻ آهي.

**عبدالقادر جوڻيجو**

اها اظهر من الشمس حقيقت آهي تہ عربي دنيا جي متمدن ٻولين مان هڪ جامع علمي ۽ ثقافتي ٻولي آهي ۽ دنيا جي ڪيترين ٻولين کي علمي سرمايو بخشي ام الالسنة (ٻولين جي ماءُ) جي لقب سان سرفراز ٿي آهي. امام شافعيؒ جو قول آهي تہ عربي ايڏي تہ جامع زبان آهي، جو اُن جو احاطو نبيﷺ کان سواءِ ٻيو ڪو انسان نٿو ڪري سگهي.

**ڊاڪٽر مدد علي قادري**